
رستي ۾ آهيان
شاعري
مشتاق ڦل

# رستي ۾ آهيان

[ نثري نظم]

## مشتاق قل

سچائي اشاعت گھر- دڙو
2019ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## اسٽاڪسٽ

- ڀٽائي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد
- ڪويتا ڪتاب گهر، روبي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد
- ڪنگ پن ڪتاب گهر، پريس ڪلب حيدرآباد
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد
- قليچ ڪتاب گهر لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد
- فڪشن هائوس رابعه اسڪوائر حيدرآباد
- شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد
- عزيز ڪتاب گهر ـ سکر
- سوڀو گيانچنداڻي ڪتاب گهر ـ لاڙڪاڻو
- سچ ڪتاب گهر ـ ڏورو نارو
- غلام محمد جوهر ڪتاب گهر ـ ميرپور بٺورو


**سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر 141 هون**

**ISBN: 978-969-7788-11-8**

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | رستي ۾ آهيان |
| موضوع | : | شاعري |
| ليکڪ / شاعر | : | مشتاق ڦل |
| ڇاپو پهريون | : | 20اپريل 2019ع |
| ٽائٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | اظهر سولنگي (ساحل پرنٽر حيدرآباد) |
| ڇپائيندڙ | : | سچائي اشاعت گهر دڙو۔ حيدرآباد |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد. |

03332634650

**قيمت : 350/=**

**RASTI MAIN AHIAN** (POETRY)
Written By: Mshtaque Phull
Published by: Sachai Ishait Ghar, DARRO, Sindh
Edition, 20 April 2019. Cell: 0301-3640468, 0331-2997336
Email: myusifmemon@gmail.com

# ارپنا

مان ۽ منهنجي ڪلاس فيلو
روز ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي
دير دير تائين ڪچهري ڪندا رهندا آهيون.
منهنجي زال وري
منهن تي چادر وجهي لڳاتار روئندي رهندي آهي!
اڳ ۾ مونکي خبر ئي نہ هُئي پر
ٻن راتين کان وهاڻي جي ڇوَ ۾
سندس پوتيءَ جي ڳُنڍ آلي ٿيل
مون تڏهن ڏٺي، جڏهن هوءَ
مونسان ننڊ ۾ جهيڙو ڪري رهي هئي.
هُن کي منهنجي پراڻي ڊائري تہ
زهر لڳندي هوندي
ڇوتہ ملڪ کان ٻاهر ويندي
سندس چيڪ بوڪ ڊائريءَ سان گڏ
جنهن بئگ ۾ رکيل هو.
پراڻي ڊائري ۾ ڪجھ تصويرون پڻ
اُن ۾ رکيل هيون،

هُن ٻائري پڙهي مون ڏي منهنجي سنگتياڻيءَ جا
لکيل جملا
”پيار خدا جي خزاني جو آوز آهي “
ورجائيندي مونسان پنهنجي پيار جو
نئين نموني اظهار ڪندي
اکين تي چمي ڏئي روئڻ شروع ڪيو.
هوءَ منهنجي امان جي ڏنل آخري نشاني آهي
۽ هوءَ مونسان گڏ
منهنجي شاعريءَ جي هر بند ۾
پاڻ کي ڳوليندي ڪُراڙي تي رهي آهي
دل چوي ٿي نظمن جي نئين مجموعي جو مهاڳ اُن
کان لکرايان
۽ ڏسان ته هڪ شاعر سان گڏ
گهارڻ جو تجربو کيس ڪيئن لڳو؟
۽ ها هِن ڪتاب ۾ شامل سمورا نظم
کيس اَرپيندي
نئين پيار جو اهڙو اظهار ڪندس جو
سموريون زالون
پنهنجن شاعر مُڙسن سان دل کولي
ڳالهائي ۽ ڳوڙها ڳاڙي سگهن.

◘

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”رستي ۾ آهيان“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماياري شاعر ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي نثري نظمن جو مجموعو آهي.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جو هي ڪتاب سندس نثري نظمن تي مشتمل آهي، سندس هنن نثري نظمن کي پاڻ ننڍڙيون ڪهاڻيون يا عڪس چئي سگهون ٿا. مشتاق ڦل جو هر نظم هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي، ۽ اُن ڪري پاڻ هِن نظمن کي ’نثري ڪهاڻيون‘ به چئي سگهون ٿا.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل معياري شاعريءَ جو شاعر آهي، جنهن وٽ فن سان گڏ فڪر به ملي ٿو. فني حوالي سان هن وٽ غزل، گيت، وائي ۽ نظم سميت اڪثر پابند صنفون آهن ۽ فڪري حوالي سان هن جي شاعريءَ ۾ قديم ۽ جديد شاعريءَ جي موضوعن سميت مظلوم طبقي سان پيار جو اظهار ملي ٿو.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر، دڙو** پاران اپريل 2019ع ۾ ساحل پرنٽرز ۽ پبلشرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر مشتاق ڦل جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


- ٻه اکر — يوسف سنڌي — 11
- مهاڳ — عزيز قاسماڻي — 12
- درد جو نئون رومانوي جهان تخليق ڪندڙ شاعر — ڊاڪٽر شير مهراڻي — 34

●

1. وڇوڙو ناهي ماريندو 40
2. نئون سج اُڀرندو! 42
3. مان سوچيان ٿو! 43
4. اڪيلائيءَ جو نظم 46
5. درد يونيورسل هوندو آهي 49
6. مان ننڊ ناهيان ڪندو 53
7. خواهش 56
8. توکي ڇا چوان؟ 58
9. ٻوڙنا! 61
10. تصوير 64
11. هو روئن ٿا ته 67
12. جلدي موٽي آ 69
13. مان ٻه ڪو شاعر آهيان؟ 72
14. نئون عشق 75
15. مٽيءَ جو شاعر 79
16. آرٽسٽ 83
17. لُڙڪ پي نٿو سگهان 87
18. تون نه روئجان! 91
19. لُڙڪن سان لکيل نظم 94

| | | |
|---|---|---|
| 20. | لُڙڪ وڪامن نٿا | 98 |
| 21. | اڪيلائي | 102 |
| 22. | اُداس ڪندڙ خط | 105 |
| 23. | مان ڇاٽان ٿي | 108 |
| 24. | مان به هڪ خواب آهيان! | 110 |
| 25. | درد ڪنهن ڪنهن جي نصيب ۾ ايندو آ | 112 |
| 26. | هاٽي ته موٽي آ | 116 |
| 27. | مئڪدي ۾ ڪو اچي ئي نٿو! | 118 |
| 28. | لُڙڪ لڪائي نٿو سگهان | 122 |
| 29. | درد ۽ روڳ | 124 |
| 30. | پيئڻ ڇو نه ٿا ڏين؟ | 128 |
| 31. | رنگ | 131 |
| 32. | ڏاڍي سڪ لڳي آ | 133 |
| 33. | روشنيءَ جا عڪس | 137 |
| 34. | من به ميرو ٿيندو آ ڇا؟ | 140 |
| 35. | خاموشي محبت جي ماءُ آهي | 143 |
| 36. | مان پنهنجا ڳوڙها پي ٿو وڃان! | 145 |
| 37. | ڏک لڪائي نٿي سگهان! | 148 |
| 38. | خواب، رنگ، واعدا | 150 |
| 39. | سڪ مري ئي نٿي! | 152 |
| 40. | پيار ۽ روڳ ڇا ٿيندو آ؟ | 156 |
| 41. | مسيحا | 160 |
| 42. | سوڳ جهڙو لقاءُ | 163 |
| 43. | ڏک جي ڪهاڻي | 166 |
| 44. | جوين جو آڳر | 169 |
| 45. | ڳوڙهن جو ڳُجهه | 171 |
| 46. | ماڻهو ماڻهوءَ کي ڇو ٿو ماري؟ | 175 |
| 47. | خواب به چوري ٿيندا هن ڇا؟ | 178 |

| | | |
|---|---|---|
| 48. | پيئڻ کان ڇو ٿي روڪين؟ | 180 |
| 49. | ٻانهون ڪير مَروڙيندو؟ | 183 |
| 50. | اکيون ڇو نہ ٿي کولين؟ | 185 |
| 51. | ٻيهر روئڻ نٿو چاهيان | 187 |
| 52. | نئين ڪتا | 190 |
| 53. | ڪرائيسز آف لائيف | 192 |
| 54. | محبوب ڏانهن خط | 198 |
| 55. | پروفيسر | 201 |
| 56. | دل تہ اڄ بہ قيد آهي | 203 |
| 57. | وڻ ضرور پوکجان | 207 |
| 58. | حرمتن جو حَسين خواب | 209 |
| 59. | ڳوڙها دل جا وائيپر آهن | 212 |
| 60. | اُميد | 214 |
| 61. | دانشور | 216 |
| 62. | درد دل جا گناهہ ڇاڻي ٿو | 220 |
| 63. | حُسينيت زنده باد | 222 |
| 64. | مان توڏي روز هڪ نئون نظم اُماڻيندس | 224 |
| 65. | دل ٻاروچل ٻئي ڪري | 226 |
| 66. | روشني توکانسواءِ اڌوري آ | 228 |
| 67. | مان ۽ مُنهنجي ڪلاس فيلو | 230 |
| 68. | سنهي سُئيءَ سبيو | 232 |
| 69. | تون چاهين ٿي تہ | 236 |
| 70. | هُن خط موڪليو آهي | 239 |
| 71. | ڪاش | 243 |
| 72. | ڪاش هينئن بہ ٿي سگهي ها | 245 |
| 73. | هر ڊاڪٽر شاعر هجي | 248 |
| 74. | مون کي ڳوڙها تہ ميڙي ڏيو! | 251 |
| 75. | من ڪي گل ٽڙي پون | 253 |

| | | |
|---|---|---|
| .76 | نظم روئڻ ٿا | 255 |
| .77 | خواب بہ مرندا آهن ڇا؟ | 257 |
| .78 | شاعري هن جي اکين ۾ سُمهي پئي آهي | 260 |
| .79 | موتي ئي ڪانہ | 263 |
| .80 | ٻار وڏو ٿي ئي نٿو سگهي | 264 |
| .81 | هڪ نئون درد | 267 |
| .82 | ٽانڊڻ تي ماتم | 270 |
| .83 | قيدياڻيءَ جو خط | 273 |
| .84 | مصور جو درد | 276 |
| .85 | سنڌو درياءَ سان ملاقات | 277 |
| .86 | پيار جي وصف | 280 |
| .87 | ضد ۾ پيار | 281 |
| .88 | مئيءَ جي رات | 283 |
| .89 | ائبارشن | 286 |
| .90 | نظم لکڻ ٿو چاهيان | 288 |
| .91 | تخليقڪار | 290 |
| .92 | ڏيءَ جو پيءُ ڏانهن خط | 292 |
| .93 | لاوارث ٻار جي رڙ | 294 |
| .94 | مهربان هستيءَ کي سلام | 296 |
| .95 | ڳوڙها | 298 |
| .96 | مونکي وڪامڻ نہ گهرجي | 290 |
| .97 | تخليقڪار جي در تي حاضري | 302 |
| .98 | ڪعبي ڏانهن سفر | 306 |
| .99 | نئين سال جي وِش | 309 |
| .100 | ٻولي | 312 |
| .101 | آءِ سي يو | 314 |
| .102 | انتظار جو گيت | 318 |

# ٻه اکر

سچائي اشاعت گهر پاران ڊاڪٽر مشتاق ڦُل جو پهريون ڪتاب ”رستي ۾ آهيان“ حاضر آهي. ڊاڪٽر مشتاق ڦُل جا هن کان اڳ ٻه شعري مجموعا ۽ هڪ آمريڪا جو سفرنامو ڇپجي چڪا آهن. ان کانسواءِ ڊاڪٽر مشتاق جو هڪ ترجمو ڪيل ناول ۽ يورپ جو سفرنامو ڇپائي جي مرحلن ۾ آهن.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جو هي ڪتاب سندس نثري نظمن تي مشتمل آهي، سندس هنن نثري نظمن کي پاڻ ننڍڙيون ڪهاڻيون يا عڪس چئي سگهون ٿا. مشتاق ڦل جو هر نظم هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي، ۽ اُن ڪري پاڻ هِن نظمن کي ’نثري ڪهاڻيون‘ به چئي سگهون ٿا.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل سنڌي ٻولي ۽ ادب جو متحرڪ ڪردار آهي. جيڪو ساهت کيتر ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ اُميد آٿئون ته هو ايندڙ وقت ۾ به نه رڳو پنهنجون تنظيمي ۽ تحريڪي سرگرميون جاري رکندو پر سنڌي ادب کي پڻ پنهنجي لکڻين ۽ ڪتابن سان مالا مال ڪندو رهندو.

**يوسف سنڌي**

4 مارچ 2019ع

# مهاڳ

هُو جديد نظم تي قدرت رکي ٿو.

1960ع واري ڏهاڪي ۾ هندستان جي ڪجهه شاعرن آمريڪي ادب تي نظر وجهندي آمريڪا جي ڪجهه شاعرن جي اٽوٽ شاعري پڙهندي انهن اَڪويتا جي نالي سان آنند ڪيماڻي تنقيد جي شروعات ڪئي.

60 واري ڏهاڪي ۾ هندستان جي مختلف ٻولين مليالم، گجراتي، مرهٽي ۽ اتي جي سنڌي شاعرن نثري نظم جي فڪر کي نئين انداز سان اڳيان آڻيندي نئين ڪويتا جي نالي سان مهيش نينواڻي، هري ڪانت ۽ آنند ڪيماڻي سنڌيءَ ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. ان ڪان پوءِ هِتي سنڌ ۾ ان ساڳئي ئي اسلوب ۽ فڪر ۾ لکيو ويو. پر انهن شاعرن انهن نثري نظمن کي نئين ڪويتا نہ سڏيو ان جو ڪارڻ ڇا بہ ٿي سگهي ٿو.

جڏهن تہ ڪويتا جي معنيٰ ئي آهي شاعري. ان دور ۾ اردو وارن بہ ان طرح جو ڪم ڪيو. پر انهن مستقل مزاجي نہ رکي ۽ نئين ڪويتا کي ڇڏي ڏنو. ۽ نثري نظم تي قائم رهيا.

وقت ۽ فاصلن کان گهڻو اڳتي هن ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي جيڪا قديم ڪويتا ملي ٿي ان کي ويد سڏيو وڃي ٿو.

انهن ويدن ۾ مهان ڪتاب رگ ويد آهي ۽ رگ ويد ۾ سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد ماڻهن جي مذهبي شاعري سان گڏ سماج جي داخلي احساسن جي ڳالهہ بہ ملي ٿي.

ويدن جي زماني کان گهڻو بعد هڪ هند جو شاعر ملي ٿو. "امارو" جنهن جي ڄمڻ يا مرڻ جي ڪا تاريخي گواهي نہ ٿي ملي، پر ان جي نظمن مان سندس حياتي ۽ ڪويتا جي فڪري پيشڪش ٻڌائي ٿي تہ هي شاعري (ڪويتا) آهي.

ويدن جي زماني جي قدامت ۽ ان جي عزت ۽ احترام جي خبر موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي کوٽائيءَ کان پوءِ ئي ملي ٿي.

سنڌ جي نظماڻي تاريخ ۾ سڀ اهي صنفون آهن. جيڪي پابند آهن،

غير موزون ڪا بہ شاعراڻي صنف نہ ٿي ملي. توڙي جو ويد بہ پابند ڪويتائون آهن. اُنهن کي جڏهن ترجمي جي صورت ۾ آندو ويو تہ پوءِ ئي نثري نظم جي شڪل اختيار ڪئي آهي.

اهو طئي آهي تہ نئين ڪويتا نثري نظم آهي، پر انهن جي فڪري پيشڪش ۾ انساني جذبن جي اظهار واري جرئت لساني حوالي سان ترش، تيزءِ صنعتي معاملن ۾ گهڻي قدر تمثيلي ۽ تشبيهاتي آهي.

انساني معاشري ۾ ٻار جي ڄمڻ جو واقعو ڪو نئون نہ آهي، پر جيڪا عورت پهريون ٻار ڄڻي ٿي، ان جي لاءِ اهو عمل بلڪل نئون آهي ۽ ان سور جي ڪيفيت بہ نئين آهي. ان ٻار جو ماءُ جي پيٽ کان ٻاهر واري دنيا ۾ اچڻ بہ نئون آهي.

اهڙي طرح ڪويتا بہ هر دور ۾ نئين هجي ٿي، پر خطي جي حوالي سان اُن ۾ منظوميت يا نثر جو امتزاج هجي، پر ڪويتا تہ نئين آهي.

گويد مان ڪويتا جو مثال ڏيئي ان کان پوءِ امارو جي هڪ ڪويتا ڏيندس.

” جلا دي اي اگني!
قريب ترين دشمون ڪو جلادي دور ڪي بد خواهيون ڪو.
ان ديکهون ڪو جَلا دي.
تيري هر دم نئي
ان ٿڪ شعلي ڦسلتي هِي جائين
جو تيري لئي جان مارتي هين
انهين انڌها زور دي
انهين خوش بخشي دي
اور خوشحالي
اي اگني!

٭

رگويد مان چوندب.
باهہ کي ڪوي چوي ٿو:
ساڙي ڇڏ
سڀ ڪجهہ

اکيون بند ڪري وڏي طاقت سان زور ڏيئي
انهن کي ساڙي ڇڏ
ان ۾ هنن جي خوشحالي آهي.

❋

ڇا ان دور جي هيءَ ڪويتا پراڻي نہ هئي، پر هڪ نئين نڪور ڪويتا هئي. جنهن آگ لڳائي ڇڏي ۽ رگويد کي انهن فڪري زاوين جي ڪري هن وقت بہ پڙهيو وڃي ٿو.

سنڌوءَ جا ڪنارا
آهن جل ڌارا.
انهن جي ڇاتيءَ تي
تهذيبن جا منارا.

❋

ڪٿي ايئن ڇو محسوس ٿئي ٿو تہ آئون خود نئين ڪويتا لکڻ ڏانهن وڃي رهيو آهيان.

ويدن جي زماني کان پوءِ هڪ ڪوي (شاعر) امارو آيو جنهن هندستان ۾ اُٿل آڻي ڇڏي ۽ پنهنجي دور کي ڪروڙين نيون ڪويتائون ڏنيون.

انهن مان هڪ نئين ڪويتا اوهان پيارن جي لاءِ حاضر آهي.

ڪويتا ـ امارو

اي دريا مين نين تجهي منبع پر بهي ديکها هي،
ايڪ بچا ڀي تجهي ڦلانگ سڪتا هي،
ڦولون ڪي ٿهني سي ڀي تيرا راستا بدلا جا سڪتا هي
ليڪن اب تو ايڪ ڦيلا هوئا طوفان هي
اور اڇي سي اڇي ڪشتي ڪو ڀهنور مين گهير سڪتا هي
افسوس، ديامستي، ديامستي ڪي محبت!؟

❋

سموري شاعريءَ کي ڪويتا ئي چئبو آهي. جيئن درياءُ پنهنجي وَهَ متائيندو آهي، اهڙي طرح پنهنجي دور جا شاعر ۽ نقاد ڪو صنفي ۽ فڪري تعين ڪندا آهن. اهي علمي زاوين کي اڳيان رکي تخليق جي اظهار واري

انداز جا ڪي قائدا ۽ اصول مقرر ڪندا آهن جن جي بنياد تي ادب جي زمين مڪمل ٿيندي آهي.

ادب ۾ روشن خيالي جو تصور ايترو پراڻو ناهي، پر پنجين صديءَ ۾ يوناني سلطنت جو زوال آيو ان کان پوءِ روشن خيالي جو تصور تيزيءَ سان اُڀرڻ لڳو.

ادب سماج جو عڪاس هجي ٿو سماجي لقاءَ ۽ ليکڪ جي ذاتي زندگيءَ کان وٺي ادبي، سماجي ۽ سياسي زندگيءَ جا سمورا عڪس نه به هجن، پر ليکڪ پنهنجي سماج جي فرسوده روايتن کي مشاهدي ۽ فن جي ذريعي تبديل ڪرڻ جي ممڪن ڪوشش ڪندو آهي.

ادب ۾ فڪري لاڙا ، ادب جي واڌ جو سبب ٿيندا آهن، ادب ۾ رومانوي دور گهڻي وقت کان هلندو اچي ٿو جيڪو هاڻ تائين به هلي ٿو. هي اهو فڪر آهي جنهن جي ڇانوَ ۾ تمام گهڻو لکيو وڃي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ نثري نظم تي نالو مهان ڪوي شيخ اياز رکيو آهي. ۽ پوءِ اردوءَ وارن به دل سان هن نظم کي نثري نظم طور قبول ڪيو آهي.

نثري نظم هيئيت جي حوالي سان مختلف ٿين ٿا. خيال جي انداز، ٻوليءَ جي سياءَ، انساني نيچر، ترنم ۽ حساسيت اهو ٻڌائي ٿي ته شاعريءَ جي فن جي آزادگيءَ جو مزو هن صنف کي حاصل آهي.

سٽاءَ جي اعتبار کان نثري نظم هڪ مصرع کان وٺي وڏيڪ به هجي ٿو. ۽ آزاد نظم جي سٽاءَ ۾ به لکيو ويندو آهي. ۽ لکي به سگهجي ٿو.

آزاد نظم مڪمل وزن ۾ هوندو آهي، پر لکت جي انداز ۾ نثري نظم، آزاد نظم جيئن سٽاءَ ۾ لکيو ويو آهي، ان ۾ ڪو به هرج ناهي.

نثري نظم فرانس جي سرزمين جي صنف آهي. جنهن جو موجد بودليئر آهي. ڪجهه نقادن جي راءِ آهي ته برتراند (BERTRAND) آهي. انگريزي ادب ۾ ٻيا به شاعر آهن جن سٺو لکيو آهي. آسڪر وائليڊ، رامبو آرٿر، ازراپائونڊ، والٽ وٽمن، ڪارل شپيرو، مدارمي، لوتريا مون. جارج اسٽيفن، رلڪي، اليٽ، لافوررگ، اليگزينڊر پُشڪن، رابندرناٿ ٽئگور.

سنڌ ۾ خاص طرح مهان ڪوي شيخ اياز نثري نظم جا ججها ڪتاب ڏنا آهن. منظوم شاعري، جنهن ۾ مقفا ۽ مردف شاعري مسلسل رياضت

گهرندي آهي، ان جي پيٽ ۾ نثري نظم ۾ ايتري فني گهرجن جي ضرورت نہ پوندي آهي، صرف هن ۾ اها خوبي آهي تہ هڪ سٽ يا ان کان وڌيڪ سِٽن ۾ خيال جي پرپوريت ڏيڻ جنهن ۾ ماڻهوءَ کي لڇاءُ وڌيڪ محسوس ٿيندو هجي.

منهنجي خيال ۾ تہ منظوم شاعريءَ جي ڪتابن کي ترجمي ڪرڻ کان پوءِ نثري نظم جي ايجاد ٿيو آهي.

منظوم شاعريءَ کي منظوم ترجمو ڪرڻ تمام اوکو ڪم آهي ان ڪري منظوم ڪتابن کي اڪثر نثري نظم جي هيئيت ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

عربي ادب ۾ نثري نظم جو هڪ وڏو نالو حضرت علي آهي ۽ هڪ پيو بہ مفڪر آهي جنهن کان اڪثر شاعر متاثر آهن اهو آهي نتشي.

فني اسلوب ۾ نثري نظم جي هيئيت فڪر جي بنياد تي تبديل ٿيندي رهي آهي.

- تجريدي نظم
- نئين ڪويتا
- شاعراڻو نثر
- نثراڻو نظم
- نظماڻو نثر
- مسجا نظم
- لطيف پاره
- نئين ڪويتا
- نثري نظم

ادب جي دنيا ۾ نثري نظم جا ڪيترائي نيم موجود آهن. پر نظرياتي طرح طبقن کي مُڏو رکڻ جي لاءِ سرمائيدار ۽ جاگيردار فڪر جي سياسي ماڻهن ادب ۾ اهڙن لاڙن کي آندو.

نثري نظم جي سياسي ۽ سماجي پسمنظر جي تاريخ ۾ ڪٿي ڪٿي ايئن بہ ڏٺو ويو آهي تہ ترقي پسند سوچ، جمهوريت ۽ سوشل ازم جي پرچار کي روڪڻ لاءِ ادب کي استعمال ڪيو ويو.

ڪجهہ وقت جي لاءِ دنيا جي ٻين نظرين کي پاسي تي رکي سوچجي ٿو

۽ پنج هزار سال پراڻي تهذيب جو تمدني ۽ لساني جائزو وٺجي ٿو ته سنڌ جي اندر پيدا ٿيندڙ مذهبي ۽ سماجي نظرين جي شروعات هتان جي ملي ٿي، جنهن ۾ تصوف، روحانيت، وجوديت، ويدانيت ۽ وحدت الوجود به سنڌ مان ڦُٽي نڪتا آهن.

سماج جي داخلي ڪيفيت کي صاف انداز سان پيش ڪرڻ کي پاڪيزه نه ٿو سمجهيو وڃي، ان ڪري داخلي ڪيفيت کي شاعراڻي صنعتن جو سهارو وٺڻ کان پوءِ نثري نظم کي متاهون ڪري پيش ڪرڻ جي مڪمل ڪوشش ورتي وئي.

جنهن شخص جو سنڌ سان ازلي عشق آهي، هو عاشقِ سنڌ آهي. هن جي جسم ۾ ڌڙڪندڙ دل جي هر ڌڙڪ ۾ پيار ۽ پاٻوهه آهي. پيار هن جي سُڃاڻپ آهي ۽ هن جي سنجيدگي پيار ئي آهي.

جنهن سان پريت جا ڪيئي پيچ آهن. ادب سان، علم سان هن جو لڳاءُ تمام گهرو آهي. گفتگو هن جي مدلل ۽ روح جي تارن کي ڇُهندڙ آهي. اُن پياري شاعر کي مشتاق ڦل چوندا آهن.

مان گهٽ پڙهيل هان، هن جي شاعريءَ تي ڇا ڳالهائي سگهندس. پر هن جو حڪم اکين تي رکندي، آئون هن جي شاعراڻي ڪتاب جي مهاڳ ۾ پنهنجي وس آهر هن جي تخليقن تي راءِ ضرور ڏيڻ چاهيندس.

سنڌي ادب ۾ مڪمل تحريڪون ته نه رهيون آهن، پر ادبي لهر هلندي رهي آهي، جيڪي ادبي تحريڪن لاءِ ماحول جوڙيندڙيون رهيون آهن. پر مڪمل طرح ڪا به تحريڪ نه رهي آهي. سنڌ ۾ شاعريءَ جا دور رهيا آهن، جن ۾ شاعريءَ جو عوامي دور، ڪلاسيڪل دور ۽ جديد دور سنڌ ۾ رهيا آهن. انهن ٽنهي دورن ۾ شاعريءَ جا ٻه اهم لاڙا رهيا آهن. هڪ آهي پاپولر شاعري، ٻيو آهي معياري شاعري.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل معياري شاعريءَ جو شاعر آهي، جنهن وٽ فن سان گڏ فڪر به ملي ٿو. فني حوالي سان هن وٽ غزل، گيت، وائي ۽ نظم سميت اڪثر پابند صنفون آهن ۽ فڪري حوالي سان هن جي شاعريءَ ۾ قديم ۽ جديد شاعريءَ جي موضوعن سميت مظلوم طبقي سان پيار جو اظهار

ملي ٿو.

**قيدياڻيءَ جو خط**

منهنجي ڇاتي ۾ اکين کي
غور سان ڏسندڙ ڇوڪرا
مون توکي سونهن ڀَسڻ،
گُل سنگهڻ، خوشبو هڻڻ
۽ مُرڪي ملڻ کان ڪڏهن به ناهي روڪيو!
تون رات جي پوئينءَ پهر ۾
جيل جي ڊگهي ديوار ٽپي
هڪڙو پيرو ئي صحيح پر
منهنجي بيرڪ ۾ ضرور اچجان!
مان توکي سنهڙي چولي اندر روئندڙ
زخمي دل کولي ڏيکارڻ ٿي چاهيان!
جيل ۾ هوا جي داخلا
۽ بادلن جي وسڻ تي
ڪيڏي نه ڊگهي پابندي لڳائي وئي آهي!
هِتي گلن کي پاڻي ڏيڻ بدران
درد جو ٻج، اوجاڳن جا وڻ ۽ خوف جو فصل
پوکيو ويندو آهي!
قيدين جي سمورن خوابن کي رات جو لُٽي
صبح جو ٻنان ڪفن جي دفنايو ويندو آهي!
منهنجو مُڙس، منهنجو پُٽ،
مان ۽ منهنجو پيءُ
جدا جدا ڪمرن ۾ واڙيل آهيون!
مونسان پيار ڪندڙ ڇوڪرا
هوا ملئي ته کيس چئجان
مونکي تنهنجي ڏاڍي سڪ لڳي آ

رات جيل جي سلاخن پويان
ڏگهين ديوارن کان
تازي هوا، بادل ۽ بارش بابت پُڇيم ئي مس تہ
ديوارن روئڻ شروع ڪري ڏنو
هڪ پراڻي سزايافتہ قيدياڻيءَ منهنجي پرسان آئي
۽ چوڻ لڳي چري ڇوڪري
ايئرپورٽ تان آن ايئر ٿيل
تنهنجي پهرين ۽ آخري مُسڪراهٽ،
هوا ۾ اُڏامندڙ هٽ لڪيرون ۽ هوائي اڏي کان ٻاهر
بي قابو عاشق ڇوڪرن جي رقص ڪي
تنهنجي حوصلي ۽ جرئت جي سخت ضرورت آ!
مون قيدياڻيءَ کان اڌارو قلم ورتي
دل جي ڊائريءَ ۾
جيل جي پهرين رات جي خوف
۽ وسوسي کي
نئين رومانس ۽ شاعريءَ جو رنگين ويس ويڙهي،
خوف کي ختم ڪندي
پيار ۽ پروسي جو گيت لکڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي!

*

پيار ۽ جنگ انسان جي فطرت ۾ سمايل آهن، جنگ انسانن جي نفسيات کان وٺي انفرادي نفسيات تائين ڪشمش جو وڏو جهان آهي. قوم لاءِ جنگ وڙهندڙ ڇوڪري پنهنجي محبوب سان ملڻ تي گهري، جنهن سان ملڻ جو انوکو انداز آهي. جيل جي اذيت ۾ رهندي، تون مون سان ملڻ اچين تہ هوند آئون تون کي پيار جو پيامبر سمجهندس.

جيل اندر رهندڙ شخص جي نفيساتي ڪيفيت ۾ ٻڃ هوندو آهي، پر هيءَ ڇوڪري پنهنجي قوم جو اهو ڪردار آهي، جنهن وٽ جيل ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي ۽ جدوجهد ۾ پنهنجي محبوب کي پاڻ سان گڏ ڪٽي هلڻ جي

سگهہ رکڻ ۽ ان کی آزمائش ۾ نہ رکڻ ، قلم جي ساک بحال رکڻ جهڙي جرئت قائم رکڻ آهی.

نثري نظم جی تاريخ ايتري پراڻی ناهی، مون کی خوشی ٿی رهی آهی تہ اسان جا شاعر هن صنف ۾ پاڻ موکي بہ رهيا آهن. جيڪا ڳالهہ ساراهڻ جهڙي آهی.

سڀنی علمن جی ماءُ واري حيثيت ادب کی آهی. ادب جی ذريعی ئی انسان کی مڪمل طرح پيش ڪري سگهجی ٿو، پر سائنسی سبجيڪٽن ۾ تہ صرف فارمولا آهن ۽ انهن کی زندگی سان سلهاڙي کڻی سگهجي ٿو، پر مڪمل سماج جی عڪاسی ادب ۾ ئی ڪري سگهجی ٿی.

فنی طرح نثري نظم جي هيئيت منهنجي ناقص علم مطابق هيئن آهي.

- عنوان جو هجڻ.
- فڪر جی مڪمل پيشڪش ڪرڻ.
- پيغام جو هُجڻ.
- فنی پيشڪش ۾ پابند نظم کان معرا هئڻ.
- ٻولياتي پيشڪش ۾ نثراڻو هئڻ وغيره

فني معاملن ۾ نثري نظم ٻن جزن تي اُڏيل آهي.

- ليکي اسلوب نثراڻو هجي.
- خيال جي پيشڪش (نظماڻي) نفاست واري هجي.

جيئن خيال جی گهرائی پڙهندڙ کی ٻوڙي بہ ۽ تاري بہ.

برصغير ۾ ادب جی وڏي نقاد ۽ شاعريءَ سميت مختلف ٻين شعبن تی غور سان لکندڙ ۽ جديديت جی قائل 'گوپی چند نارنگ' نثري نظم تی راءِ ڏيندي چيو آهی" ڪنهن بہ نثر پاري کی (خليل جبران جی نثر پاري سميت) نثري نظم قرار نہ ٿو ڏئی سگهجی. نثري نظم هڪ تخليقی شاعراڻی صنف آهي. جنهن جي شروعات کان وٺي آخر تائين اندروني آهنگ هوندو آهي."

درد يونيورسل هوندو آهي.
مون رات وري پرڏيهي سنگتياڻيءَ کي
چيٽ باڪس ۾

ڏٺو ميسيج ڪنديءَ لکيو آهي تہ
درد يونيورسل هوندو آهي
درد جو نہ ڪو مذهب نہ ديس،
نہ ئي ڪا سرحد هوندي آ
درد جي ڪا زبان بہ ناهي هوندي
درد محسوس ڪجي تہ
اهو بہ خود نئون درد ٿي اُڀرندو آهي
مان مڃان ٿو
تنهنجي ماءُ
توکي ڪير پيارڻ بجاءِ
’بواءِ فرينڊ‘ کي وقت ڏيندي
توکي سنڀال گهر ۾ رکي وئي هوندي!
تنهنجي دوست جي شڪايت کي
سندس ماءُ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري
پنهنجي بواءِ فرينڊ سان
سمنڊ ڪناري ڏٺي واڪ تي
نڪري وئي هوندي!
تنهنجي ٻي دوست جي ماءُ
ڪلب ۾
وسڪي پيئڻ ۽ ڊانس ڪرڻ وئي هوندي
۽ سندس روئڻ کي محسوس
نہ بہ ڪيو هوندو!
بيشڪ تون ۽ تنهنجون سنگتياڻيون
ان تي ڏکويل هوندئوَ!
پر هتي بہ تہ
پنجن پنجن ٻارن جون مائرون
ڪڏهن ڪارو پٽر پي

خودڪشي ڪري ڇيون ڇڏين!
تہ ڪڏهن
ٿج پياڪ ٻار کي
بستري تي اڪيلو اُڇلي
رات جي پاڇي ۾
اڻ ڄاتل فون ڪال تي
رت جي رشتن کي سالن جا زخم ڏئي
ايئن اُڏريو وڃن
ڄڻ ڪارڙو تتر پڃري مان اڏري وڃي!
مون گند جي ڍير تان
ڪيترن ئي ٻارن جي نازڪ جسم تي
ڪُتن جون ڏاڍون ڏنيون هونديون!
مون ڪير ڍڪ جي تلاش ۾
اٺين وارن ۽ نبل جسامت وارا
مراسمڪ ۽ اگهاڙا ٻار
ڏٺا هوندا!
هڪڙن گهرن ۾ سڪل ڪيرۍ منرل واٽرجا دٻا
مدي خارج ٿيندي ڏٺا هوندم!
تہ ٻين گهرن ۾
بکايل ٻارن کي روئندي
۽ پيءُ کي جوئا جي اڏي تي
جوان ڌيءُ کي هارائيندي ڏٺو هوندم!
پر تون چوين ٿي تہ
منهنجن نظمن ۾
تنهنجا ارمان شامل ناهن!
هُن جواب ۾ لکيو آهي تہ
تنهنجي هن نظماٽي ميسيج تہ

اج روئاڙي وڏو آهي!
هُن لکيو آهي تہ
مون شيڪسپيئر کان شيلي
۽ پُشڪن کان پئبلو نرودا تائين
ڪيترن ئي زبانن جي شاعرن کي پڙهيو آهي
پر تو مونکي پنهنجي انداز ۽ ٻوليءَ ۾
درد جي ڪٿا بيان ڪندي
محسوس ڪرايو آهي تہ
درد رڳو
يورپ جي اُداس گهٽين جو مسافر ناهي
درد تہ سنڌ جي ڳلين جو روڳ بہ آهي تہ
منهنجي پاڙيسرڻ ۽ ڪلاس فيلو
جي گهر جو چيڙاڪ ياتي بہ آهي!
هُن لکيو آ تہ
رات دير تائين پنهنجن ساهيڙن سان گڏ
ٽائيم اسڪائر جي ڏاڪڻين تي
بيئر پيئندي پيئندي
تنهنجو هي نظم
اسان جي اکين مان ڳڙندڙ
ڳوڙهن سان گڏ سڏڪندو ۽ ٿمندو رهيو!
ڇو تہ تنهنجن نظمن ۾
هتان جي گهر ۽ گهٽين جي پيڙا بہ آهي تہ
سرحد پار جي يوڳنائن جو
روح کي روڙيندڙ سڏ بہ آهي!

❊

هي نثري نظم پنهنجي انداز جو شاعراڻو معجزو آهي، اهڙي طرح هن جي نظمن جو گهاڙيٽو جدا جدا هوندي بہ ، هن جو شاعراڻو اسلوب ڪٿي بہ

ٽٽندي نظر نہ ٿو اچي.

نثري نظم جي هڪ وڏي خوبي اها بہ آهي تہ پيشڪش ۾ موضوع سان جڙت اهڙي هجي جو نثري نظم پڙهندڙ کي نہ رڳو متاثر ڪري پر لکڻ لاءِ بہ آماده ڪري.

اهڙا نظم شيخ اياز وٽ تمام گهڻا ملن ٿا. جن کي پڙهڻ کان پوءِ قاري لکڻ جي شروعات ڪري ٿو اهڙو ئي خوبصورت انداز ڊاڪٽر مشتاق ڦل وٽ بہ پَسجي ٿو.

هڪ پيو حسين نظم اوهان لاءِ.
باک ڦٽيءَ تائين مان تنهنجي ياڪر ۾
تڙپندي رهندي هيس.
مون سوچيو پئي رات نہ ٽئي ها تہ
نہ مان تنهنجون اکيون ايترو
ويجهڙائيءَ کان ڏسي سگهان ها
نہ ئي شاعر جاڳي
انتظار ۽ وڇوڙي جا گيت لکي سگهن ها،
تون موڪل تي ايندو آهين تہ
موڪل جلدي ڇو گذري ويندي آ؟
توکي وري الائي ڪڏهن موڪل ملندي؟
چون ٿا تہ بارڊر تي ڇتي ويڙهہ هلي پئي
۽ تنهنجي ڊيوٽي
سرحد پرسان گليشئر تي لڳي آهي،
اها بہ سُڌ پئي آ تہ
تنهنجا ڪيترا ئي ساٿي برف جي ڪئنن سان
ڊگهي ننڊ سمهي پيا آهن!
مونکي خبر آ
توکي شام جو پهر تمام گهڻو وڻندو آ
پر مونکي،مونکي وري

رات جي خاموشي، چنڊ جون چلولايون،
ستارن جي جهرمر
۽ تنهنجو گڏ هجڻ وڻندو آهي!
اهو ته تون به ڄاڻين ٿو ته
جدائيءَ جي وهاڻي تي سمهڻ
مون لاءِ هاڻي ممڪن ئي ناهي!
خبر ٿئي
تون ته ڊيوٽي تي هليو وئين
پر هاڻي هر رات
وڏيري جو پُٽ منهنجن پيرن ۾
زنجير ٻڌي منهنجون اکيون
ٻوٽرائڻ چاهي ٿو!
هو چاهي ٿو ته مان تو لاءِ
پنهجي دل جا ۽ گهر جا
سڀ دروازا بند ڪري
هن جي ٻانهن هيٺان
پنهنجا وار وڇائي ڇڏيان!
هن کي ڇا سڄي ڳوٺ کي خبر ناهي ته
منهنجي اکين جي، وارن جي
ڳٽن جي، ماڻن جي
۽ انگل آرن جي وارثي
تنهنجي پهرئينءَ ياڪر سان ئي
سلهاڙيل آهي!
فون هئنگ تي ويو آهي
گهٽئي ايلاز ڪيامانءِ ته
ٻه اکر پڙهي وٺان پر تو پڙهڻ ڏنو ڪونه!
هاڻي ته خط به ڪانه ٿي لکي سگهانءِ!

بس تون هاڻي جلدي موٽي اچ
توکي
منهنجا ٻچڙا ۽ آلا وار وڻندا آهن نہ!
مان روز وار آلا ڪري
آئيني جي سامهون ويهي
پاڻ کي ڏسي ٽڪجي پئي آهيان
اُن آسري تي تہ
تون اجهو ٿو واپس اچين،
پر رات ڪان پاڙي جي زائفن جا
لٽل منهن
۽ ڳوٺ واري گڏيل اوطاق تي غير رواجي
اچ وڃ ڏسي
منهنجي دل گهبرائي رهي آهي !
ڪٿي تو رُسڻ جو تہ ناهي سوچيو!
هن ڀيري
تنهنجي اچڻ جي انتظار جا ڪڪر
منهنجي اکين سان گڏ
وسڻ جا ويس پيا ڪن!
تون جلدي موٽي آ
منهنجي مَن جا وارث
مان هاڻي
توکانسواءِ اُداس ٿيندي ٿي وڃان!

❇

هن نظم ۾ رڳو هڪ لفظ اڻ وڻندڙ آهي ايئنءَ سمجهو تہ واڌو آهي، ابلاغ آهي. جيڪو نہ هجڻ گهرجي. ويڙهہ جنگ لفظ پنهنجي ساختيات ۾ تمام ڀاري هجي ٿو. ان جي باوجود بہ هن مصرع ۾ "چون ٿا تہ باربر تي ڇٽي ويڙه هلي پئي." هي لفظ نہ هجڻ گهرجي ها.

هن نظم ۾ ايتري اڇوتائپ آهي جو دل جي پاتال تائين لهي وڃي ٿو. موضوع کي هڪ اسٽروڪ ۾ هي طويل نظم لکڻ جو هنر ڊاڪٽر مشتاق وٽ آهي.

ملڪ جي بارڊر تي جنگ هجي، پيار جي سرحد تي هلندڙ جنگ هجي يا زمين جي دنگ تي هلندڙ جنگ هجي، انهن جنگين ۾ ماڻهو پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندو آهي.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل نثري نظم جو وڏو شاعر آهي، آءٌ هن جي نثري نظم تي چند ڳالهيون ڪرڻ ضروري گهران ٿو.

1. هن وٽ يونيڪ موضوع آهن.
2. انهن موضوعن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اُڻڻ جو فطري عمل نمايان آهي.
3. نثري نظم کي پنهنجي شعور تي حاوي نه ٿو رکي.
4. نظم ۾ اُڌارا ورتل لفظ هن وٽ نه آهن.
5. انساني فطرت جيئن هن جي نظم جي اٽت آهي.
6. نثري نظم جي گهاڙيٽن جي ويرائٽي رکندڙ شاعر آهي.
7. هن جو نثري نظم فن سان ٽمٽار آهي.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جا ڪيترائي نظم آهن جن کي مڪمل طرح هن مضمون ۾ شامل ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، پر سارو ڪتاب دل کي لچائي تڙپائي وجهندو آهي. هي اهڙو ئي يونيورسل موضوع وارو نظم آهي.

**عورت جي پوڳنا!**

سُئيءَ ۾ ڌاڳو وجهندي
هوءَ لڙڪ لاڙي ويٺي
رليءَ جي رنگن جهڙي دل
پراون هٿن ۾ ڏئي
اجا ڪيترا ڏينهن
مُج ڪُٽيندي‌س، واڻ وٽيندي‌س
مال به چاريندي‌س
۽ رليون به سُبندي‌س!

پنهنجي مُنهن ڳالهائيندي
هوءَ پنهجي حال تي
روئندي وري چوڻ لڳي
برف وانگر ڳري
حياتيءَ جا باقي ڏينهن
اڪيلائي ۾ گذارڻ
ڪيترا نہ ڏکيا آهن.
ڪجهہ ڏينهن اڳ
ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ٿيو
’مونٽبلينڪ‘ ڀهاڙ پرسان
برفاني جبلن جي
چوٽين کي هيليڪاپٽر ذريعي
دوربينيءَ سان ڏسندي
برف جي سيني تي
هڪ پکيءَ کي ڦٿڪندي ڏٺم.
مونکي عورت جي
احساسن ۽ اُن پکيءَ جي
ڦٿڪڻ ۾
فرق صرف اهو لڳو تہ
هوءَ رلي سبندي روئي رهي هئي،
۽ هي وري
ولر کان وڇوڙي جو درد پيو ڳي
شايد پهاڙ ۾ پناهہ لاءِ پهتو هوندو
پر
پهاڙ جو ٿڌو پاڪر سندس
رت ڄمائي ڪيس
اُن عورت وانگر ماري رهيو آهي

**جيڪا**

رليون سَبنديون ٻه

گرم پاڪر لاءِ سڪنديون رهيون ٿي!

مون ڪالهه گهر ۾ رکيل

پراڻي صندوق کولي ته

اُن ۾ ٻه رليون پيون هيون

هڪ ۾

امان جي هٿن جي خوشبو

۽ ٻيءَ ۾ منهنجي زال جي

آڱرين جو حُسن پوپيل هو.

مونکي محسوس ٿيو

رليءَ جي هر ٽُڪ ۾

حيات جا سوين رنگ،

عورت جي پورهيا

۽ مُحبت جا ڪيئي قصا

چڙهي مونکي چئي رهيا هجن ته

عورت جي پيار لڙڪ

۽ سڏڪي ڪي ڪڏهن ٻه

بي معنيٰ نه سمجهجانءِ!

*

پيار جي اُٿاٿ، درد جي هلندڙ بارش يا اڪيلائپ يونيورسل موضوع آهن، جن سان نباهه ڪرڻ ايترو سولو ڪم ناهي.

خيال جي پيشڪش ۾

- شاعر جي ٻولي
- ٻوليءَ تي دسترس سميت گرامر
- ابلاغ
- موضوع سان نباهه ڪرڻ

- ڪردار جي داخلي ڪيفيت جو هُجڻ
- شاعر جي علم بيان جي پيشڪش
- پنڪچوئيشن جو نظرداريءَ سان خيال رکڻ.

آءٌ ان معاملي ۾ پڙهڻ جو پنهنجو مجاز رکندو آهيان. آءٌ تہ شاعر جي ذاتي زندگيءَ سميت، هن جي گهراڻي کي نظر ۾ ناهيان رکندو. مون وٽ شاعر جي تخليق جا علمي پاسا هجن ٿا. انهن تي ڳالهائيندو آهيان.

ڊاڪٽر مشتاق جهڙو طويل نظم لکڻ جو هنر رکي ٿو ۽ هن جي ڪنهن بہ ئي سان پيٽ نہ ٿي ڪري سگهجي، هو پاڻ ئي ڪمال جو شاعر آهي. هڪ پيو نظم:

**اڪيلي اُداس ٿي ويندي آهيان!**

آخري ميسيج ۾ هن لکيو آ
توکی تہ خبر آهي نہ
سردين ۾ مان
اڪيلي اُداس ٿي ويندي آهيان.
اڪيلي ڪمري ۾
لالٽين نما گلوب ٻري پيو.
جگجيت جو غزل ٻڌندي
تنهنجی تصوير ڀرسان رکي
ڪمبل ۾ پاڻ ويڙهي
توکی ڳوليان پئی.
پر تنهنجن ٻانهن جا
رنگ لين ئی نٿا!
وهاڻی ۾ منهن لڪايان ٿی
پر تنهنجی ويڪري ڇاتيءَ جا
سَٽيا احساس
منهنجن ڳٽن کي ڇهن ئي نٿا!
مان هاڻي توکي

نہ ميسيج ڪنديس نہ ئي ڪال!
تون جلدي موٽی آ
مونکی پاڻ سان گڏ وٺي وڃ!
تون وٺڻ نٿو اچين تہ
پنهنجی دل جی ٻيٽا مان
منهنجی پيار کی
ماکیءَ جي لار جيان
ڳاڙي چڏ!
مان پنهنجی بدن کی
باھ تی سيڪيندي سيڪيندي
ساڙي ٿی چڏيان!
مون ڪمبل منهن تان هٽائيندي
دريءَ ڏانهن ڏٺو
هوءَ ڪافیء جو مگ کنيون
مون ڏي پئی آئی!
رينڪ تی مگ رکي
چوڻ لڳی
سڪ ڇو لڳندي آهي؟
پيار ۾
ٻاکر جی ڪيتري اهميت آهي؟
موسم ۽ دل جی ڪيفيت جو
پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟
مان جيستائين
کيس ڪا ورندي ڏيان
هن جُهڪی مونکی چمي ڏني!
مونکي محسوس ٿيو
چڻ تہ

منهنجن چپن تي ڪو
ماڪي اوتي رهيو هجي.

*

شاعري انساني سماج جي جمالياتي عنصر چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. شاعري قوم جي ابتدائي ادبي فن جو نالو آهي. شاعري جدا رنگ ۽ ڍنگ رکي ٿي. عام ماڻهو هر دور جو شاعراڻو موضوع هجي ٿو، پر اُن موضوع کي وسيع تناظر ۾ ڪٺي اچڻ وارو نثر نويس ۽ شاعر هجي ٿو.

جديد دؤر خيال جي پيشڪش ۾ انوکا رنگ پيريا آهن جن کي جديد ادبي نظرين سميت تنقيدي آهنگ ۾ ڏٺو ويو آهي ۽ نثري نظم جديد صنفن جي اهم صنف آهي، جنهن ۾ شاعر خيال کي مڪمل پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

ڪجهه جديد دور جي اُٿت جا اهم نقطا هيٺ ڏيان ٿو.

- جديد معاشري جي اڏاوت ذهين ماڻهو ئي ڪري سگهي ٿو.
- شاعريءَ ۾ سائنسي اصطلاح ۽ سائنسي شعور جي اٿت ڪرڻ.
- زندگي جي اڻ وٽندڙ لمحن کي قلم ۾ بند ڪري اهميت جوڳو بڻائڻ.
- شاعريءَ کي تشريحن جهڙي دقيق مرحلي کان اڳتي وٺي اچڻ.
- جديد سائنسي ايجادن سان گڏو گڏ شاعريءَ ۾ نئين اڏوات ڪرڻ.

جديد دؤر جي شاعري جي اهم موضوعن سميت نظم ۾ اهم فڪري ۽ فني طور بالغ پيشڪش جا مکيا عنصر هي آهن.

- هڪ ئي وقت انساني سوچ ۽ انساني عمل سان شاعريءَ کي موضوعاتي طور مالا مال ڪرڻ.
- هڪ ئي وقت مسلسل خيال جي پيشڪش کان نظم کي گهڻ احساساتي عمل ۾ وٺي اچڻ.
- نثري نظم ۾ ڪردارن جي سُڃاڻپ يا تعارف جو محتاج نه رکڻ.
- نثري نظم ۾ خيال کي ڪومل لفظن جو ويس ڏيڻ.
- نثري نظم ۾ لساني آهنگ کي اهجاڻ يا تشبيهه جو محتاج نه رکڻ.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل هن صديءَ ۾ جديد نظم جو اهم شاعر آهي، جنهن جي نثري نظم جي فڪري پختگي سميت هن جي مشاهداتي انداز خيال جي وسيع اڻت جي ڪري هن اهم شاعر طور ڄاڻ ڻاهي ورتي آهي.

هن ئي نظم جي هڪ مصرع جنهن ۾ خيال جي ڳُوملتا جو رنگ ۽ پيشڪش جي اَڇوتي هجڻ سان گڏ ، خيال ڪي انساني جذبن جي تاريخي سچاڻپ بَخشرائڻ آهي.

پيار ۾

ڀاڪر جي ڪيتري اهميت آهي؟.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جديد نظم جو اهو البيلو شاعر آهي، جنهن وٽ ذات چئوماسي جيئان لهي ٿي ۽ جنهن وٽ جديد نظم جي موضوعاتي ۽ صوتياتي پيشڪش پنهنجي آهي. نثري نظم ڪير بہ پڙهي يا ٻڌي ان کان پوءِ يقين سان قاري اهو بي ساختہ چئي ڏي ٿو تہ اهو نظم ڊاڪٽر مشتاق ڦل جو آهي.

نثري نظم شاعراڻي صنف تہ آهي پر شاعراڻي نهج ۾ نثري نظم جي تاريخ اهميت جوڳي آهي. ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي هن نثري نظم جي ڪتاب تي آءُ پنهنجي مختصر ڳالهہ هئي ڪندس تہ :

- نثري نظم موسيقيت نہ رکندو آهي پر پوءِ بہ لساني آهنگ ۾ موسيقيت هجي ٿي.
- جديد نظم مقفا ۽ مردف هجڻ کان معرا آهي.
- بندن کان بہ معرا آهي.
- علم عروض، ڇند وديا جي اصولن کان بہ معرا آهي.
- هن جو نثري نظم هن صديءَ جو اهم نظم آهي.

**عزيز قاسماڻي**

محبوب جو بنگلو ميراڻي محلو

لاڙڪاڻو سنڌ

15.11.2018

# درد جو نئون رومانوي جهان تخليق ڪندڙ شاعر

وليم ورڊس ورٿ چيو هو: ”اعليٰ ۽ عظيم شاعري اها آهي جنهن ۾ شاعر جا ڀرپور احساس بي ساختگيءَ سان ازخود ڇلڪي پون.“

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شاعري اهڙي ئي آهي. خاص طور هن جي نظمن ۾ انتها جي رواني، موسيقيت ۽ روانگي آهي. سندس لفظ آبشارن تان ڪرندڙ پاڻيءَ وانگر ترڪندا اچن ٿا. هن پنهنجي شاعريءَ کي فطرت سان منسوب ڪري ڇڏيو آهي. هو نئين رومانيت جو نئون منظر نامو کڻي آيو آهي. هن عهد جي وڏي نقاد اڪبر لغاريءَ درست لکيو هو ته ”ڪا به ادبي تحريڪ بنهه ختم ڪڏهن به ناهي ٿيندي. هن جا وارث ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءَ ۾ موجود رهن ٿا.“ جيڪڏهن آئون لکان ته ڊاڪٽر مشتاق ڦل نئين رومانيت جو وارث آهي ته غلط نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته رومانيت جي بنيادي نقطن ۾ اها ڳالهه شامل هئي ته فطرت ڪو مئل مادو ناهي بلڪ فطرت ٿڪل ۽ ستايل ماڻهن ۽ مسافرن لاءِ هڪ پناهه گاهه آهي. اوچا جبل، آبشار، وڻ، ٽڻ، پکي پکڻ، هوائون، ڪڪر، ٽڪر، مينهن، واءُ، هيرون، نديون، واري، پٿر، پٽ، پڊ ۽ ڦتل پڙا سڀ ڪجهه فطري آهي ۽ شاعر جڏهن انهن جي ڳالهه ڪري ٿو ته هو روسو جي لفظن ۾ ”فطرت ڏانهن واپس موٽي ٿو.“ رومانيت جا ٻيا اهم عنصر تخيل ۽ وجدان آهن. تخليق يا تخيل خدائي خوبي آهي. شاعر وٽ اهڙو هنر اچڻ هڪ آفاقي قوت هٿ اچڻ جي مترادف آهي. اهو وجدان ئي آهي جيڪو سندس داخلي ڪيفيت کي خارجيت سان همڪنار ڪري ٿو. ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شاعري نه صرف فطرت، تخيل ۽ وجدان جو عمل دخل آهي، پر هو انهن عنصرن ۾ تجديد ڪري ٿو. هو فطري منظرن مان سونهن جا سمورا عڪس کڻي انهن کي فرد جي داخليت سان جوڙي وجداني

سطح تي اُنهن جو اظهار ڪري ٿو.

مونسان پيار ڪندڙ ڇوڪرا
هوا ملئي تہ ڪيس چئجان
مونکي تنهنجي ڏاڍي سڪ لڳي آ!
رات جيل جي سلاخن پويان
ڍگهين ديوارن کان
تازي هوا، بادل ۽ بارش بابت پُڇيم ئي مس تہ
ديوارن روئڻ شروع ڪري ڏنو!

ڍگهين ديوارن کان هوا، بادلن ۽ بارش جو ڏس پتو معلوم ڪرڻ جهڙا استعارا ڪو رومانوي شاعر ئي تخليق ڪري سگهي ٿو جنهن ۾ بي پناهہ ڪرب پڻ آهي تہ هڪ سڪ ۽ ڇڪ جي ڪيفيت پڻ آهي. ڊاڪٽر مشتاق ڪيفيتن جو شاعر آهي. ڇاڪاڻ تہ هو ميڊيڪل ڊاڪٽر پڻ آهي ۽ شاعر بہ آهي. ڏهاڙي هن جي سامهون سُور جون سوين صورتون ظاهر ٿينديون هونديون. هو الائي تہ ڪيترين اکين جو درد پڙهندو هوندو، الائي تہ ڪيترن چهرن جي گهُنجن ۾ لڪل پريشاني ڏسندو هوندو، الائي تہ ڪيترين مائرن جون اُميدون ۽ نااميديون محسوس ڪندو هوندو. شاهہ سائين جڏهن ڪاهوڙين جي اُنن کي ڏنو تہ چيو هئائين،

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماءُ ڪاهوڙي آئيا،
مين پيرين کيهہ، ڪُهہ ڄاڻان ڪنهن پار جي!

[خبر ناهي تہ ڪاهوڙين جي اُنن جي پيرن ۾ ڪهڙي ديس جي دز ۽ مٽي لڳل آهي؟ هو تہ الائي ڪيترا ملڪ ۽ ڏسائون لتاڙي آيا آهن.]

ڊاڪٽر مشتاق ڦل وٽ بہ مشاهدي لاءِ روز نوان ماڻهو اچن ٿا. هر فرد جي الڳ ڪهاڻي بلڪ ڪهاڻيون آهن. هن شايد درد جي اونهائيءَ کي ويجهڙائيءَ کان محسوس ڪيو آهي، جو هو مريضن لاءِ رڳو طبيب نٿو رهي بلڪ انهن جو حبيب ٿي پوي ٿو. هو دوا درمل سان گڏ انهن سان ڳالهيون ڪري انهن جو بار هلڪو ڪري ٿو. ۽ هڪ شاعر جي حيثيت سان درد جا انبار جيڪي ماڻهن وٽان کيس ملن ٿا اهي هو قلم جي مدد سان پني تي

اوتي پاڻي هلڪو ڪري ٿو. بلڪ جيڪڏهن ايئن چئون تہ هيءُ هڪ اهڙو شاعر آهي جيڪو دنيا جا درد گڏ ڪري انهن کي محفوظ ڪندو وڃي ٿو. ماڻهن جون درد ڪهاڻيون ٻُڌندي هن جون پنبڙيون بہ ڪيئي ڀيرا آليون ٿين ٿيون ۽ هو اکين ۾ اٽڪي پيل اُنهن ڳوڙهن کي پني تي لاهي وٺي ٿو.

ضروي ناهي تہ منهنجي مُرڪ ۾
لڪل ڳوڙها تنهنجي ٻُڪ ۾ ڪري پون!
پر ياد رک
تنهنجي دل جا زخم روز اُگهڻ
مان ئي ايندي آهيان!

مون ڊاڪٽر مشتاق جا ڪيئي نظم پڙهندي اها ڪيفيت محسوس ڪئي آهي جنهن لاءِ شاهہ سائين چيو هو "لُڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي!" هو درد جو نئون جهان تخليق ڪري رومانيت کي امر ڪري ڇڏي ٿو. سندس نظم "آءِ سي يو" اُن سموري منظر نامي جي چٽي تصوير آهي، جنهن ۾ هن لفظن سان درد جون اِهي تصويرون ڪڍيون آهن، جن ۾ اها چنگھہ بہ آهي جنهن لاءِ شاهہ سائين چيو هو، "اڄ پڻ چنگهو چنگهہ، واڍوڙڪي مَنهين." [اڄ وري وڍيلن جي مُنهن/گهرن مان ڪنهن جي چنگهڻ جو آواز اچي ٿو.]

چوٿين نمبر ڪيوب ۾ داخل
روڊ ڪناري تي ڪيڏندڙ ٻار جي
مٽي تي جيپ جو ٽائر
زندگيءَ جي
ساپيان جهڙي خواب کي لتاڙي
گيريج ۾ ننڊ ڪري رهيو آهي!
مونکي وري ٻار جون
اُجهاٽل اکيون سڏي چون ٿيون
امان کي سڏي پرسان ويهار!
پنجين نمبر بستري تي

هڪ نوجوان عورت  سُتي پئي آهي
جنهن جي سُر ۾ صورت تي
جڳ مُوهت هوندو هو!
زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائڻ لاءِ
ٻُڪ ٽڪين جو کائي
پرس ۾ پيل خالي پتن کي
آخري چمي ڏئي
منجهند ڏاران هتي پهتي آهي!
هن کي مُڙس گهران ڪڍي
سندس ئي سينگاريل ڪمري ۾
ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ کي
سُمهاري ڇڏيو آهي!
هُن جا ٻار اسپتال جي گيٽ تي
سيءَ ۾ ٺڙڪي رهيا آهن!
زمين ٿڌي ٿي وئي آهي!
مون وٽ هڪ ڪمبل آ
اهو هِنن جي مٿان وجهان يا
کين ان تي سمهاريان!
’آءِ سي يو‘ ۾ ٻارن جي اچڻ تي پابندي آهي
هونئن به ٻه ٻيون عورتون
جن جي جسم ۾ نشي آور دوائن
ايترو ته اثر ڪيو آهي جو
هُنن جون اُبتيون سبتيون
ڳالهيون ٻڌي
منهنجو ساهه ٿو مُنجهي ته
ٻارن کي پنهجي هنج ۾
مان ڪيئن سمهاريان!

رات جو ڏيڍ ٽيو آهي شايد!
ٻار کي چيتاڙيندڙ
سرڪاري جيپ واري همراهه
نڪاحن جي رومانس واري عادي مجرم
۽طلاقيل عورت جي درد کان وانجهيل
وڏي بنگلي واري شرابي مرد کي
ڪير ٻُڌائيندو تہ
رات ڏکهي ٽيندي ٽي وڃي
پنهنجي اُماٽيل
درد واري ڪاري پَرس مان
ڪجهہ لُڙڪ ۽ هي ٽي ٻار
هِتان ڪٽي وڃي
مونوٽ صرف هڪ ڪمبل آهي
هيٽر پرسان
ننڊ جا عادي هي ٻار
آخر مان ڪٽي سمهاريان!

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي نثري نظمن سنڌي ادب ۾ اها جاءِ والاري آهي جيڪا جمال ابڙي جي ڪهاڻين سنڌي ڪهاڻين جي تاريخ ۾ والاري هئي/آهي. ٻنهي وٽ عميق تجربا آهن. ٻنهي وٽ درد پهريون موضوع آهي ۽ ٻنهي وٽ فرد اهم آهي. ٻنهي ۾فرق آهي تہ رڳو ايترو تہ هڪ ڪهاڻين ۾ نثري نظم لکي ٿو ٻيو نثري نظمن ۾ ڪهاڻيون لکي ٿو.

**ڊاڪٽر شير مهراڻي**
سنڌي شعبو
ڪراچي يونيورسٽي
16 نومبر، 2018ع

# رستي

# ۾

# آهيان

# وڇوڙو ناهي ماريندو

وڇوڙو ناهي ماريندو
وڇوڙي جو ڏک ماريندو آهي
اڪيلائي روڳ بخشيندي آ
سفر ۾ دوستين جو جُڙڻ
۽ گڏجي پيئڻ جا لمحا
وساري ناهن سگهبا!
چالاڪ ليکڪ
فائيو اسٽار هوٽلن ۾
صدارتون ڪندي نظر ايندا آهن
۽ ڏرتيءَ مان ڦُٽل شاعر
مشاعري ۾ جيئڻ ۽ مرڻ جا
عزم ورجائيندي پيار جي گيتن سان گڏ
بئنچ تي ئي سمهي پوندا آهن
هڪ شاعرا تي سوين شاعر
ٻلهار پيا ٿيندا آهن!
۽ اڪثر شاعرن جون زالون وري
پنهنجن مڙسن جون ڊائريون پڙهي
پنهنجي منهن روئنديون رهنديون آهن!

■

## نئون سجاڳ پرندو!

ڪالهہ وڪيلن جي بار ۾
هڪ وڪيلياڻي ملي
هُن جوا ڪيون بہ ڇڙ
ڪنهن حسين شاعره جو
پهريون نظم هيون!
مُنهنجي پرسان ويٺل
ڏکهي قد ۾ من موهيندڙ شڪل واري
تجربيڪار وڪيل سگريٽ پئي پيتو
صوف، آڙو ۽ انگور ٽيبل تي پيا هئا
۽ هوءَ وڪيلياڻي فائيل ۾ اکيون اٽڪائي
ڪنهن قيدياڻيءَ کي ڦاسي گهاٽ تان
واپس ڪرائڻ لاءِ
قانون جي قلمن کي ڳولي ڳولي
ٿوڙي رهي هئي،
مون اُتي سوچيو
فائيو اسٽار هوٽل ۾ پڙهيل
منهنجن نظمن کان تہ

هن وڪيلياڻيءَ جا دليل
وڏيڪ ڀلا هوندا!
جن جي ڪري
ڪا بي قصور ڇوڪري
مُڙس کي قتل ڪرڻ جي ڪوڙي ڪيس ۾
ست سال جيل ڪاٽي
سڀاڻي ٻاهر نڪري آزاد هوا کائيندي،
۽ هُن جي پوڙهي ماءُ جي
اُداس اکين ۾ نئون سج اُڀرندو!
مان بار روم کان ٻاهر نڪتس
منهنجا وڏي هوٽل ۾ پڙهيل سڀ نظم
جيڪي مون وزيرن مشيرن
اڳيان پڙهيا هئا
اهي مون تي کلڻ لڳا هيا!!

# مان سوچيان ٿو!

منهنجا نظم ايترا گهرا تہ ناهن
جو تون سمجهي نٿي سگهين!
رات ميسينجر تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي
مون پنهنجي
پرڏيهي گرل فرينڊ کان پُڇيو؟
هوءَ خفا ٿيندي چوڻ لڳي
تنهنجي ڪنهن بہ نظم ۾
منهنجو اندر جي پيڙا سمايل ئي ناهي
جو مان اُنهن منجهان
ڪو هڪ بہ نظم
پنهنجي ’آءِ فون‘ جي اسڪرين تي رکي
بار بار پڙهان ۽
روئي روئي سُمهي پوان!
’ورجينا ايئر لائين‘ ۾ سفر دوران
خوابن جهڙي ڇوڪريءَ سان
سادا چار ڪلاڪ گذاريندي
سندس ڪهاڻي ٻُڌي
ساڻس اهڙي تہ دوستي ٿي وئي جو
هاڻي تہ اسان جون اکيون سدائين

ايئرپورٽ مٿان اُڏرندي
هڪبئي کي ڏسڻ لاءِ
آتيون هونديون آهن!
هوءَ پاڻ سميت پنهنجن ڪلاس فيلوز جي
دکدائڪ وارتائن جي
يادگار ڊائريءَ جهڙي اُداس ڇوڪري آهي،
هن جي ماءُ اڪثر وقت
بواءِ فرينڊ سان گڏ گذاريندي
هن کي ڇاتيءَ سان لائي
کير پيارڻ بجاءِ
ٻارن جي سنڀال مرڪز ۾ ڇڏي
سندس نرم روح کي زخمي ڪندي رهندي هئي!
ساهه جي تڪليف سان جهيڙيندڙ
سندس هڪ سنگتياڻي کيس ٻُڌائيندي هئي ته
تڪليف جي شڪايت ڪرڻ تي
هن جي ماءُ هن کي ٻُڌڻ بجاءِ
پنهنجي دوست سان فون تي
پيار ڪندي گذاريندي هئي!
هوءَ مڙس کي طلاق ڏئي
ٻي شادي به ڪري ويٺي، پر هاڻي کيس
ٻيومڙس مارڻ تي تُري آيو آهي!
تيستائين هن جي ڌيءُ به
نئون پيار ڪندي
کيس سُڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو!

مان سوچيندي سوچيندي
سج اُڀاري ڇڏيو پر مونکان
نظم جي اهڙي هڪ سٽ بہ لکجي نہ سگهي
جيڪا هن جي ڏک ۽ ڪاوڙ کي
جَهڪو ڪري سگهي !
مان ڪيس
مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي
ٻُڌايان ٿو تہ
مان ماءُ جي حقن جا هوڪا ڏيندڙ
هڪ اهڙو ڪوي آهيان جنهن لاءِ
ماءُ جي خلاف لکڻ ممڪن ئي ناهي!
پر هُن جي ڪاوڙ ناهي لٿي
مون بہ
’ورجينا ايئر لائين‘ جي اڏام 505 ۾
مليل ڀهرين پرڏيهي ڇُميءَ کي
الوداع چئي
’چيٽ باڪس‘ کي آف ڪري ڇڏيو آهي!
مان سوچيان پيو
هي ڪو رويو ئي هوندو
جيڪو ماءُ کي ٻار کان
۽ ٻار کي ماءُ کان پري پيو ڪري!
دوستن جو جُڙڻ ٽوڙي ٽٽڻ پڻ
اُن رويئي جو رد عمل ئي هوندو!.

■

# اڪيلائيءَ جو نظم

گهر جي ڇت تي ويٺي ويٺي
دير دير تائين
سوچيندي رهيس
هوءَ پري ٿو رهي شايد
تڏهن ٿي
پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيان،
مون وري سوچيو
پر هو گڏ هوندي ڪهڙو گڏ هوندو آهي؟
مُون چنڊ جي مڌر روشنيءَ ۾
اڪيلائيءَ جو نظم لکندي
پاڻ کان هر هر هڪڙو ئي سوال پئي ڪيو!
۽ جواب به هڪ ئي پئي آيو ته
پري هجڻ اڪيلائي نٿي ٿي سگهي،
ڪير ڪنهن سان گڏ هوندي به
گڏ نه هجي
اُن درد کي به ته
اڪيلائيءَ جو نالو ڏئي سگهجي ٿو نه!
ان رات هو آيو
هر رات جيان
مون سان جڙ ته
وسڪيءَ جي بوتل پئي ڳالهايو!

هو گهٽڻ ڏينهن کانپوءِ
منهنجي اکين تي
چپ رکي
منهنجي بدن جي بيقراريءَ کي
ڇاٽڻ جي ڪوشش ڪندي
وري بہ
پرتي منهن ڪري سمهي پيو!
مون اُن وقت وري سوچيو
ڪنهن مرد سان پيار ڪري
سندس دل ۾ ڏيان ڪٽڻ
شايد مشڪل ڪم آهي!
هو دير سان اچي
منهنجن اکين تي چمي ڏئي
پاڻ تہ سُمهي پيو
پر مان وري جاڳ جي نشي ۾
پاڻ کي
خالي ڪمري جيان محسوس پئي ڪيان!
مون هن جو ڪيٽ کولي
پهريون پيرو وسڪي ڪڍي
پنهنجي درد کي پيئڻ شروع ڪيو!
توڙي جو وسڪيءَ جي ڪڙاڻ ۾
منهنجي دل ٻُڏي چڪي هئي
۽ هوش حواس ذري گهٽ
وڃائي ويٺي هُيس
پر

پوءِ بہ منهنجي اندر جي عورت
هن کي پُٺي ڏئي سمهڻ کان انڪار ڪندي
چئي رهي هئي؛
مڙس جو اعتماد ٽوڙي
پاڻ تي جڳ کلائڻ نٿو سونهين!
هن جي اڄوڪي رات واري
اکين تي ڏنل چمي
شايد اڪيلائيءَ جو علاج هجي!
مان ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي پئگ پيا بہ پي ويس،
۽ پوءِ هُن جي اکين تي
چپ رکي
سمهڻ جي ڪوشش ڪيم
تہ هو جاڳي پيو
۽ چوڻ لڳو
اڪيلائي مونکي پيئندي ٿي وڃي
تون مون کان هاڻي پري نہ وڃجانءِ
منهنجي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا
مون سوچيو،
پري رهڻ بہ اڪيلائي ٿيندي هوندي
پر گڏ رهندي هڪٻئي کي
سمجهي نہ سگهڻ
اڪيلائيءَ جو وڏو درد آهي!

# درد يونيورسل هوندو آهي

مون رات وري پر ڏيهي سنگتياڻيءَ کي
چيٽ باڪس ۾
ڏکوميسيج ڪندي لکيو آهي ته
درد يونيورسل هوندو آهي!
درد جو نه ڪو مذهب، نه ديس ،
نه ئي ڪا سرحد هوندي آ
درد جي ڪا زبان به ناهي هوندي!
درد محسوس ڪجي ته
اهو به خود نئون درد ٿي اُڀرندو آهي!
مان مَڃان ٿو
تنهنجي ماءُ
توکي ڪير پيارڻ بجاءِ
بواءِ فرينڊ کي وقت ڏيندي
توکي سنپال گهر ۾ رکي وئي هوندي !
تنهنجي دوست جي شڪايت کي
سندس ماءُ ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري
پنهنجي بواءِ فرينڊ سان
سمنڊ ڪناري ڏکي واڪ تي
نڪري وئي هوندي!!
تنهنجي ٻي دوست جي ماءُ

ڪلب ۾
وسڪي پيئڻ ۽ ڊانس ڪرڻ وئي هوندي!
بيشڪ تون ۽ تنهنجون سنگتياڻيون
ان تي ڏڪوئيل هوندئو
پر هتي ٻہ ٽہ
پنجن پنجن ٻارن جون مائرون
ڪڏهن ڪارو پٿر پي
خودڪشي ڪري ٿيون ڇڏين
تہ ڪڏهن
ٽيج پياڪ ٻار ڪي
بستري تي اڪيلو اُڇلي
رات جي پاڇي ۾
اڻ ڄاتل فون ڪال تي
رت جي رشتن ڪي سالن جا زخم ڏئي
ڪارڙي تتر جيان اڏريو وڃن.
مون گند جي ڍير تان
ڪيترن ئي ٻارن جي نازڪ جسم تي
ڪُتن جون ڏاڻون ڏٺيون هونديون،
مون ڪير ڍُڪ جي تلاش ۾
اٽيين وارن ۽ نبل جسمن وارا
مرا سمڪ ۽ اگھاڙا ٻار
ڏٺا هوندا.
هڪڙن گھرن ۾ سڪل ڪيرۓ منرل واٽر جا دٻا

مُدي خارج  ٿيندي ڏٺا هوندم،
تہ ٻين گهرن ۾
ٻُڪايل ٻارن کي روئندي
۽ پيءُ کي جوا جي اڏي تي
جوان ڌيءُ کي هارائيندي ڏٺو هوندم!!
پر تون چوين ٿي تہ
منهنجن نظمن ۾
تنهنجا ارمان شامل ناهن!!
هن جواب ۾ لکيو آهي تہ
تنهنجي هن نظماڻي ميسيج تہ
اڄ روئاري وڌو آهي!
هن لکيو آهي تہ
مون شيڪسپيئر کان شيلي
۽ پُشڪن کان پئبلو نرودا تائين
ڪيترن ئي زبانن جي شاعرن کي پڙهيو آهي
پر تو مونکي پنهنجي انداز ۽ ٻوليءَ ۾
درد جي ڪٿا بيان ڪندي
محسوس ڪرايو آهي تہ
درد رڳو
يورپ جي اُداس گهٽين جو مسافر ناهي
درد تہ سنڌ جي ڳلين جو روڳ بہ آهي تہ
منهنجي پاڙيسرڻ ۽ ڪلاس فيلوءَ
جي گهر جو چيڙاڪ ياتي بہ آهي.

هن لکيو آ تہ
رات دير تائين پنهنجن ساهيڙين سان گڏ
تائيم اسڪائر جي ڏاڪڻين تي
بيئر پيئندي رهيس،
۽ تنهنجو هي نظم
اسان جي اکين مان ڳڙندڙ
ڳوڙهن سان گڏ سڏڪندو ۽ ٿمندو رهيو.

■

# مان ننڍ ناهيان ڪندو

مان ننڍ ڪاٺي ڪندو آهيان،
فليٽ تي ناول،ڪهاڻي
۽ شاعريءَ جا ڪتاب
آپريشن ٿيٽر ۾
موت ۽ زندگيءَ جي ڪشمڪش
واريون ڏنل اکيون،
وارڊ ۾ نقلي دوائن جي
بي اثر ٿيڻ جو وسوسو.
اينا ٿاميءَ جي
اڌوري ڇاڻ رکندڙ سيڪڙاٿ ڊاڪٽر!
ٽيبل تي سُتل خاموش ڇوڪري
جنهن جي
اکين ۾ هڪ ڳڀرو ڇوڪرو.
ڳُل ڪنيون بيٺو آ
بليڊ هولڊر ۾ نئون بليڊ
۽ ڏڪندڙ هٿن سان
وَڍ ڏيڻ جي شروعات
فليش جو جهٽڪو
نرس فوٽو ڪڍي ڇوڙ لڳي

ڏسو
سُنو فوٽو آ يا هڪ پيو بہ ڪيڏان؟
اوچتو
آڪسيجن ختم ٿيڻ جو الارم
رت جون ٿينديا ريون
ڪال فار هيلپ،
سينئر سرجن ڪيئن پهچي
هو تہ
ڪنهن ٻئي هنڌ مصروف آهي،
مان ننڊ ڪاٽي ڪندو آهيان؟
رات
گهر واريءَ سان گڏ
سُتوئي پيو هيس تہ
الائي ڪيترن ’نظم ڪهاڻين‘
منهنجو در کڙڪايو
مان
ليپ ٽاپ کولي لکڻ ويٺس تہ
منهنجي زال سڏڪڻ لڳي
مون نظم لکڻ اڌ ۾ ڇڏيو تہ
شاعري اکيون مَهٽي
ڪمري مان ٻاهر وڃڻ لڳي
مان
ننڊ ناهيان ڪندو هاڻي
راتيون،

مونسان گڏ جاڳنديون آهن!
ڪالهہ هڪ ڇوڪري ملي
اها خواب ۾ اچڻ جو چئي
پاڻ هلي وئي،
مان ڪيس ٻڌائڻ بہ ڀُلجي ويس تہ
ڇوڪري مان جاڳ جو مسافر هان
مان ننڊ ناهيان ڪندو !
مان تہ فوٽ پاٿ تي
مانيءَ جي ڳولا ۾ نڪتل
ڪراڙي عورت جي اکين،
دوا جو پرچو ڪٽي
ميڊيڪل اسٽور ڏانهن ڊوڙندڙ
ڪليل وارن واري ڇوڪريءَ جي ساهن،
سترنهن ڏينهن کان
جنگهہ ٽٽل ستن پينرن جي
سڪيلڊي پاءُ جي
شديد درد جو هڪ راز آهيان
مان ننڊ ڪاٽي ڪندو آهيان
مان بلب جي روشني آهيان،
ڇوڪرا
مونکي ايترا پٿر نہ هڻ
مان اُجهامي ويس تہ
رات ڪنهن سان ڳالهيون ڪندي!

# خواهش

اسپتالون بيمار ڊاڪٽرن سان ڀريل هجن،
جهاز جو پائلٽ انڌو هجي
پوليس ڪي پَر نہ هجن
۽ پيار جي حاصلات لاءِ جنگ ڪرڻي پوي،
هيءَ ڪا منهنجي خواهش ناهي
نہ ئي هي مون لکيو آ
هيءَ هن دور جي ڪجهہ ماڻهن جي خواهش بہ آهي تہ
ڪجهہ واقعا اکين سان ڏسي بہ رهيو آهيان
۽ قَسم سان هي نظم
جيڪو تون پڙهي رهيو آهين
سو منهنجو بہ ناهي
هي تہ "**برائون سيوگا**" جو نظم آهي
جيڪو هن ڪيترائي سال اڳ لکيو هيو
پر ڪلهہ رات
اسپتال جي وارڊ ۾
منهنجي ذهن تي تڏهن تري آيو
جڏهن هڪ سُهڻي نرس
اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي وارڊ ۾ چڪر تي آيل
بيمار ذهن واري انتظامي آفيسر

ڏانهن اشارو ڪندي
ٻُڌايو تہ
ڪيس هر سهڻي نرس وڻندي آهي
۽ هو اُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ
سندن ڏکيون ڊيوٽيون لڳرائي
۽ پگهارون بند ڪرائي
مُحبت ماڻڻ چاهيندو آهي!
جهازن جا پائلٽ اُن کان وڏيڪ انڌا
ٿي سگهن ٿا ڇا؟
مون تہ پنهنجين اکين سان
هر دور ۾
حڪمران اکين ڪانسواءِ ڏٺا آهن!
مون اُن ڏينهن
فيسبوڪ تي هڪ تصوير ڏٺي
اسڪولي ٻار ڊاڪٽرسن کي
ايئن چُنبڙيل هئا
جيئن ماناري سان ماکي جا مَکا!
مان سوچيان پيو
ڪنهن جهانڪي ۾
ڊاڪٽرسن پاسو ورايو
يا ڪنهن ٻار کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو
۽ انهن جا پوپٽن جهڙا پَر ڪٽجي ويا
تہ اهي ڪير موٽائي سگهندو.

# توکي ڇا ڇوان؟

ٻه ها ٽوڙي روز جيان
نظم موڪلڻ ئي وسري ويو هو.
هاڻي هاڻي
تنهنجو ميسيج پهتو آهي تہ
لکڻ شروع ڪيو اٿم.
نظم لکان ٿو تہ
تنهنجون اکيون ٿيون
ياد اچن!
تون ايترو روئندي ڇو آهين؟
تنهنجو مُڙس
توسان گڏ تہ رهي ٿو!
ڪالهہ هڪ نوجوان ڇوڪري ملي
هُن جو مڙس
پئسا ڪمائڻ
مُلڪ کان ٻاهر ويو تہ
موٽيو ئي ناهي!
سچ پچ ۾ تون جي
هن جا وڏا وار،ڀريل بدن

بلوري اکيون
۽ جاڙا پرون ڏسين ها تہ
توکان تنهنجو
حُسن وسري وڃي ها!
۽ جي هن جو ڏک ڏسين تہ
توکان
تنهنجو ڏک بہ وسري وڃي!
ڇو تہ
هن جي اکين جي روشني
انتظارَ اُجهائي ڇڏي آ!
تنهنجو مڙس تہ توسان گڏ آ
مري تہ ناهي ويو
توکي ڇا ڇوان
تون بہ پنهنجي جاءِ تي غلط ناهين.
هڪڙو پئسن پويان
پيار وساري پرڏيهہ هليو ويو
ٻيو
پئسن جي زور تي
سونهن خريدي
رات جو وسڪي پي
بوتل سان گڏ سُمهي ٿو پوي.
توکي تہ خبر آ

مونکي تنهنجون اکيون
وڻنديون آهن!
تون اهڙيون تصويرون موڪلي
منهنجن
نظمن کي وڏيڪ روئارڻ بند ڪر
مان پنهجن پڙهندڙن کي
پاڻ جيترو روئارڻ نٿو چاهيان!

◘

## پوڳنا!

سُئيءَ ۾ ڌاڳو وجهندي
هوءَ لڙڪ لاڙي ويٺي
رليءَ جي رنگن جهڙي دل
پراون هٿن ۾ ڏئي
اجا ڪيترا ڏينهن
مُج ڪُٽيندي، واڻ وَٽيندي؟
مال به چاريندي،
۽ رليون به سُبندي!
پنهنجي مُنهن ڳالهائيندي
هوءَ پنهجي حال تي
روئندي وري چوڻ لڳي
برف وانگر ڳري ڳري
حياتيءَ جا باقي ڏينهن
اڪيلائيءَ ۾ گذارڻ
ڪيترا نه ڏکيا آهن!
ڪجھ ڏينهن اڳ
ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ٿيو
’مونٽبلينڪ‘ پهاڙ پرسان

برفاني جبلن جي
چوٽين کي هيليڪاپٽر ذريعي
دوربينيءَ سان ڏسندي
برف جي سيني تي
هڪ پکيءَ کي ڦٿڪندي ڏٺم،
مونکي عورت جي
احساس ۽ اُن پکيءَ جي
ڦٿڪڻ ۾
فرق صرف اهو لڳو ته
هوءَ رلي سُبندي روئي رهي هئي،
۽ هيءَ وري
ولر کان وڇوڙي جو درد پيو ڳي
شايد پهاڙ ۾ پناهه لاءِ پهتو هوندو،
پر
پهاڙ جو ٿڌو پاڪر سندس
رت ڄمائي ڪيس
اُن عورت وانگر ماري رهيو آهي
جيڪا
رليون سُبندي به
گرم پاڪر لاءِ سڪندي رهي ٿي،
مون ڪالهه گهر ۾ رکيل
پراڻي صندوق کولي ته
اُن ۾ به رليون پيون هيون

هڪ ۾
امان جي هٿن جي خوشبوءِ
۽ ٻيءَ ۾ منهنجي زال جي
آڱرين جو حُسن پوبل هيو.
مونکي محسوس ٿيو
رليءَ جي هر ٽُڪَ ۾
حيات جا سوين رنگ،
عورت جي پوڳنا
۽ مُحبت جا ڪيئي قصا
جڻ مونکي چئي رهيا هجن ته
عورت جي پيار،لڙڪ
۽ سڏڪي ڪي ڪڍهن به
بي معنيٰ نه سمجهجانءِ.

# تصوير

منهنجي جوانيءَ جي
پھرين خوشبو
چند ڏوڪڙن تي وڪامي ويئي!
منهنجي پوري بدن ۾
حسن جي رنگت
جا پھريان
ڳاڙهسرا ارمان
گھر کان ٿاڻي ۾
ٿاڻي کان اسپتال تائين
ڳڙندا رهيا!
منهنجا موالي مائٽ
مونکي اخبارن جي سُرخين ۾
اُن ڪري ڪٽي آيا آهن
تہ جيئن سندن
ڏنڏوڙي ذهنيت جي گند سان
هو منهنجي جسم جي ٿيڪ تي
جوا ڪيڏي
پنهنجي اندر جي مجرم کي

خوش رکي سگهن!
ٽاٽي تي پهچڻ سان
صوبيدار منهنجي ڇاتيءَ تي
هٿ گهمائي
منهنجي جواني ماپيندو رهي ٿو!
هي جُڳاڙي صحافي
صبح جي اخبار جي سُرخي
۽ ’واٽس اپ گروپ‘ جي
خبر جي سودي لاءِ
ٻنهي ڌرين جي ڪيسن ۾ فليشون هڻي
قلم جي حرمت کي پائمال ڪندو رهي ٿو!
ڊاڪٽرياڻي
منهنجي ٽٽل هائمن کي
مينسز سان ملائي
پنهنجي پرس کي
پئسن سان ڀورهارو ڪري رهي آهي،
پاڙي جا ڇڙوا ڳ ڇوڪرا
منهنجون راتيون خريدڻ لاءِ
اسان جي گهر جي پراڻي دَر تي
لامارا ڏئي
واري اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا!
خدمت جي نالي تي
چندو ڪري ۽
شهر جي ڇڪلن تان حصو پتي اوڳاڙي

رات جو شراب پي مونکي
مختلف رنگن جون چوڙيون ڏيکاريندڙ
بلئڪ ميلر همراهه
عيد جون سَيون منهنجي آڱرين سان ڪائي
منهنجي ڏُن ۽ پيرن کي
بار بار چٽڻ ٿو چاهي!
بجليءَ جو لائين مئن
ڪٽيل ڪنيڪشن ڳنڍڻ دوران
امان جي ڪن ۾ سُس پُس ڪندي
چئي رهيو آهي
تنهنجوگهر هاٽي بل پيارڻ کان آجو هوندو !
مان سوچيان ٿي
اُره جي اُڀرندڙ نشانن
۽ جوان بدن جي اَنگڙاين تي
ڪُتن جي باهوڙ ۾
گندين نظرن جون اُلرون
جديد دنيا جي ترقي ۽ ذهني اوسر جو
نئون نمونو ۽ خدمت جو
اعلي مثال آهن،
يا
ڪوڙ تي بَڌل سماج جي
اندر جي ڪاري تصوير.

# هو روئن ٿا ته

ٻار ۾ مُرڪ
ڪنهن کي ناهن وڻندا؟
لُڙڪن جي معنيٰ سمجهه ۾
اچي وڃي ته
دنيا جا رنگ ئي بدلجي وڃن!
مان مُرڪيس ته
ميڙ ۾ويٺل هڪ شخص
سُس پُس ڪندي پِرسان ويٺل ماڻهوءَ کان پُڇيو
هي سدائين مرڪندو ڇو آ؟
لڙڪ درد جي رجڻ جو
اِسرار آهن
جنهن اُن اسرار کي
سمجهيو اهو رڱجي ويو.
مان ته پنهنجا ڳوڙها
روئي روئي پاڻ ئي
پي ڇڏيندو آهيان !
روئڻ ۾ مُرڪڻ کي
ڪير ٿو ماري سگهي ڀلا!
مان ٻن ڏينهن کان
ٻارن جا آپريشن ڪرائيندي ڪرائيندي
ڦهريون ڀيرو

ٽڪجان ئي نٿو
هو روئن ٿا تہ
ڪين مُرڪڻ جا گُل آڇي
سمهاري ٿو ڇڏيان!
هو جاڳن ٿا تہ
ماءُ جي
جهولي مُرڪڻ ٿي لڳي،
مان ٻارن سان گڏ ٻار ٿي
ٻاهہ تي نچندڙ
حڪيمن جي شهر جو
اهڙو مُصور طبيب آهيان
جيڪو مُرڪن ۽ لُڙڪن جا
ڳُڪ ڳُتي
درد ڪي
پنهنجي سيني سان لائي
ٻارن جي بدن جي
خوشبو
۽ هُٻڪاءَ جو معراج ماڻي
نظمن جي رانديڪن سان
رقص ڪندي
رات گذاريندو هجي.

# جلدي موٽِي آ

باک ڦٽيءَ تائين مان تنهنجي پاڪر ۾
تڙپندي رهندي هيس،
مون سوچيو پئي رات نہ ٿئي ها تہ
نہ مان تنهنجون اکيون ايترو
ويجهڙائي کان ڏسي سگهان ها!
نہ ئي شاعر جاڳي
انتظار ۽ وڇوڙي جا گيت لکي سگهن ها!
تون موڪل تي ايندو آهين تہ
موڪل جلدي ڇو گذري ويندي آ؟
توکي وري الائي ڪڏهن موڪل ملندي؟
ڇون ٿا تہ بارڊر تي ڇتي ويڙهہ هلي پئي
۽ تنهنجي ڊيوٽي
سرحد پرسان گليشيئر تي لڳي آهي!
اها بہ سُڌ پئي آ تہ
تنهنجا ڪيترا ئي ساٿي برف جي ڪئنن سان
ڊگهي ننڊ سمهي پيا آهن!
مونکي خبر آ
توکي شام جو پهر تمام گهڻو وڻندو آ
پر مونکي،مونکي وري

رات جي خاموشي، چنڊ جون چلولايون،
ستارن جي جهر مر
۾ تنهنجو گڏ هجڻ وڻندو آهي!
اهو ته تون به ڄاڻين ٿو ته
جدائيءَ جي وهاڻي تي سمهڻ
مون لاءِ هاڻي ممڪن ئي ناهي!
خبر ٿئي
تون ته ڊيوٽيءَ تي هليو وئين
پر هاڻي هر رات
وڏيري جو پُٽ منهنجن پيرن ۾
زنجير ٻَڌي منهنجون اکيون
ٻُوٽرائڻ چاهي ٿو!
هو چاهي ٿو ته مان تو لاءِ
پنهنجي دل جا ۽ گهر جا
سڀ دروازا بند ڪري
هُن جي ٻانهن هيٺان
پنهنجا وار وڇائي ڇڏيان!
هن کي ڇا سڄي ڳوٺ کي خبر ناهي ته
منهنجي اکين جي، وارن جي
ڳٽن جي، ماڻن جي
۽ انگل آرن جي وارثي
تنهنجي پهرئين ياڪر سان ئي
سلهاڙيل آهي!
فون هئنگ ٿي ويو آهي

گهٽئي ايلاز ڪيامانءِ تہ
بہ اکر پڙهي وٺان، پر تو پڙهڻ ڏنو ڪونہ!
هاٽي تہ خط بہ ڪانہ ٿي لکي سگهانءِ !
بس تون هاٽي جلدي موٽي اچ
توکي
منهنجا آلا وار وڻندا آهن نہ!
مان روز وار آلا ڪري
آئيني جي سامهون بيهي
پاڻ کي ڏسي ڏسي ٿڪجي پئي آهيان !
اُن آسري تي تہ
تون اِجهو ٿو واپس اچين
پر رات کان پاڙي جي زائفن جا
لٽل منهن
۽ ڳوٺ واري گڏيل اوطاق تي غير رواجي
هلچل ڏسي
منهنجي دل گهبرائي رهي آهي
ڪٿي تو رسڻ جو تہ ناهي سوچيو؟

# مان بہ ڪو شاعر آهيان؟

هنن کي هاڻي خبر پئي آهي تہ
مان بہ ڪو شاعر آهيان!
بہ چار نظم پڙهڻ ڪانپوءِ
هُنن مونکي پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي!
مشاعرن ۾ بہ مونکي سڏرائڻ
کان روڪڻ جا بهانا پيا ڳولجن!
مان سوچيان پيو
ادب ۾ جاگير جو تصور
ڪيترو پراڻو آ؟
اُن سوال جو جواب
’تاج بلوچ‘ جهڙو ڪرو شاعرئي
دل سان ڏئي سگهي ٿو!
انتها پسندي
’چيزل‘ جي آڳنڌ تائين ماٿهو مارڻ ئي آهي
يا احساسن جي اُڇل کي
قيد جي ڪڙن ۾ قابو ڪرڻ بہ
انتها پسندي آهي؟
هوءَ ڪوڙي ڪرپشن ڪيس ۾ ڦاٿل ماسترياڻي

عياش آفيسر جي خواهش کي ٽُڪ هڻڻ سبب
درد سان وڙهندي وڙهندي
۽ پنهنجن اکين سان جهيڙو ڪندي،
کين پرڇائي رهي آهي ته
ٿورڙي ننڊ پاڻ به ڪيو
۽ ڪجهه مونکي به ننڊ ڪرڻ ڏيو!
هو چون ٿا مان اهڙا نظم ڇوٿو لکان
جن ۾ اُگهاڙيون تصويرون آهن،
جيڪي اهم سرڪاري بنگلن جي
باٿ رومن ۾ ٽنگيل آهن!
هو چون ٿا
اسپتالن جي آپريشن ٿيٽر جا راز
حويليءَ جي رازن جهڙا مقدس آهن
اهي پڌرا نه ڪيان!
هو اهو به چون ٿا ته
اديب، سياسي، سماجي تنظيمن جا اڳواڻ
ڪارڪنن جا پيءُ ٿيندا آهن
سندن سرڪاري مراعتن ۽ ڪرتوتن بابت
ڪجهه به نه لکان!
پر مان چوان ٿو
منهجو جلد هڪ شاعريءَ جو مجموعو اچي،
جنهن جو نالو ئي هجي
”اگهاڙا نظم“

انهن نظمن کي ڪا بہ سرڪاري ٻريس
ڀريل نہ هجي،
ڪنهن بہ نظم تي
ماسڪ ڀاتل نہ هجي
۽ منهنجي ٿهيءَ جا شاعر
منهنجا نظم هڪٻئي سان شيئر ڪندي
چوندا رهن
يار هي نظم تہ پڙهي ڏسو!

◘

## نئون عشق

منهنجا دوست چون ٿا
توکي نئون عشق لڳو آ
هو
منهنجي شاعريءَ ۾
اُن ڇوڪريءَ کي ڳولي رهيا آهن
جيڪا
مونکي سمهڻ نٿي ڏئي!
هو چون ٿا
اها ڪير آ جيڪا منهنجي
راتين ۾ رنگ ڀري
لفظن کي آنچل جيان اُڏاري
اَسر ويل تائين رقص ڪري
پاڻ سمهي ٿي پوي
۽ هو جاڳن ٿا!
مان کين ڪيئن سمجهايان ته
شاعري رڳو
داخلي درد جي وارتا ناهي هوندي!

هوا ڪنهن جي
ملڪيت ٿي سگهي ٿي ڇا؟
باغ ڪير بہ پوکي
ميوات جڳ کائيندو آهي
گل بازار ۾ بہ وڪامندا آهن
خوشبو ڪير ٿو وٺي؟
دل کسي وٺڻ ۽
دل تي ضابطو آڻڻ
منهنجي وس جي ڳالهہ بہ ناهي،
عشق ڏيهي يا پرڏيهي
ناهي هوندو!
پوءِ بہ هو منهنجا سماجي لاڳاپا
رابطن جا ذريعا
۽ ڪتابن جا ٽائيٽل ڪٽي
دير دير تائين سوچن ٿا تہ
تہ منهنجي محبوبا ڪٿان جي آ؟
مان کين ڪيئن ٻُڌايان تہ
منهنجي شاعريءَ ۾
هڪ ڇوڪري ناهي!
مان روز
نئين سنگتياڻي ڪندو آهيان،
اهڙي سَنگتياڻي

جنهن جي جسم تي
روز نئين بوتل هاربي آهي!
هوءَ وڏن وڏن گهرن جون
ڳجهيون تصويرون ڪڍي
مونکي واٽس اپ ڪندي آهي!
هونئن به
مان ايترو چريو ناهيان جو
روز نئون عشق ڪري
پاڻ کي وڃائي ويهان!
رات به هڪ ڇوڪري
منهنجي ڪمري ۾ دير دير تائين
مون سان گڏ سُتي پئي هئي،
هُن کي ڏک هو ته
هُن جو مڙس
هن جي وارن جو رنگ ءِ
بدن جي خوشبو چورائي
پاڻ
بي ڇوڪريءَ سان سمهڻ ويو آهي!
مان
سندس بدن جا سمورا ترِ ڳڻي
اک جي ڪئميرا سان
هر ادا ءِ انگڙائيءَ کي قيد ڪري

هُن جي پورا پورا ٿيل
احساسن، المين، پوڳنائن ۽
پيڙا جي کاڌي
لکي بس کئي آهي!
دوست تڏهن بہ پُڇن ٿا تہ
اها ڇوڪري ڪير آ
جنهن سان
مان نئون عشق ٿو ڪيان!

# مٽيءَ جو شاعر

هو پاڻ ۾ بحث ڪندي اُلجهي پيا
هڪ چيو پئي:
مان پنهنجي ڌرتيءَ ۾ دفن ٿيڻ چاهيندس
ٻيو چوي پيو :
مان چنڊ تي
دفن ٿيڻ جي وصيت لکي ڇڏي آهي
مون ڪائن پڇيو اوهان ڪندا ڇا هيو؟
هڪ چيو مان شاعر آهيان
ٻئي چيو مان ڪهاڻيڪار آهيان.
مان مُنجهي پيس
هي تہ ڏاها ماڻهو آهن!
مُنهنجي راءِ جي هنن اڳيان ڪهڙي حيثيت؟
شاعر ڪي چنڊ پيو وڻي
ڪهاڻيڪار ڪي ڌرتي،
مون سوچيو هي چنڊ توڙي ڌرتي
ڪنهن جي تخليق ئي تہ آهن
مان ڪنهن ڪي گهٽ ڪيان

ڪنهن ڪي وڏ ڪيان،
مان نہ وڏو تخليقڪار نہ ايڏو تجربيڪار،
هڪ ٻيو ماڻهو اسان کي پريشان ڏسي
پُڇڻ لڳو
ڪهڙي ڳالهہ تي اُلجهيا پيا آهيو؟
مون ڪيس سربستو حوال ڏنو
هو کلڻ لڳو
مون حيران ٿيندي ڪانئس کلڻ جو سبب پُڇيو؟
چوڻ لڳو بابا
هُنن جي معاملن ۾ ٽنگ نہ اڙاءِ
ڪٽي پاڻ نہ ٽنگجي وڃين!
هي چاهين تہ
چنڊ لاهي تنهنجي جهوليءَ ۾ رکي ڇڏين!
هي چاهين تہ
ستارن کي محبوبہ جي وارن ۾ اٽڪائي ڇڏين!
مان اجا وڌيڪ حيران ٿيس تہ
چوڻ لڳو
خبر ٿئي
ڪالهہ ويٺي ويٺي هنن چانهہ جي ڪوپ تي
هڪ فورم جوڙي ورتو!
صبح جو اخبار ۾ خبر ڇپي،
ٻن ڏينهن ۾ شيڊول جُڙي ويو،

سرڪار سان لڪپڙهه ٿي وئي!
سياست جي جهوليءَ ۾
هڪ ڪهاڻي پنج شعر
۽ رنگين بروشر وجهي
ويهه لک منظور ڪرائي ورتا اٿن.
ٻن ٻن سون جون شيلڊون، اوارڊ، سرٽيفڪيٽ
تيار ٿي چڪا آهن!
ايندڙ مهيني وڏو ميلو پيو لڳي!
خبر ٿئي چريا
اُتي رڳو ڪتاب ڪونه وڪامندا
ڪهاڻيون وڪامنديون، شعر وڪامندا
تقريرون وڪامنديون، تحريرون وڪامنديون!
نه صرف ايترو
پر ڪيترائي ليکڪ وڪامندا
ڪنهن جو ملهه پنج هزار، ڪنهن جو مُلهه ٻه هزار
ڪو ٽڪي ملهه به وڪامندو!
مان گهر موٽي آيس
پنهنجن نظمن کي تارازيءَ جي هڪ پُڙ ۾
۽ ٻئي پُڙ ۾ مٽيءَ چپٽي وجهي
وزن ڪرڻ لڳس
مٽيءَ جو وزن وڏي ويو!
ٻاهر نڪتس

چنڊ مُرڪيو پئي، مٽي جي خوشبوءَ
منهنجي مَن ۾ اوتجي رهي هئي
ستارا چوڻ لڳا
اڻ توريو اگهائجڻ جهڙا
مِٽيءَ جا شاعر
تون جڏهن مٽيءَ کي چمي ڏئي
لکڻ ويهندو آهين تہ اسان سڀ گڏجي
تنهنجا ئي ڳل چمندا آهيون.

# آرٽسٽ

مون شاعري ڪرڻ ڇڏي ڏني آ
بس هڪ ڪئميرا هٿ اچي وئي آهي،
تصويرون ڪڍندو،
محفوظ ڪندو ٿو وڃان!
رات جو دير سان گهر ڪان ٻاهر نڪتس
ڪُتا خاموش هئا
۽ ماڻهو پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا
مون ٻنهي گروپن جون تصويرون ڪڍي
محفوظ ڪري ڇڏيون
هڪ آرٽسٽ رستي ۾ ملي ويو
منهنجي ڪئميرا ۾ محفوظ ٿيل
تصويرون غور سان ڏسڻ لڳو
۽ ڏسندي ڏسندي پگهرجي ويو،
هو ڪئميرا ۾ قيد ٿيل
اکين جي ماڻڪين ۾
بُرش ڦيرائيندي
پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو:

مون ڪانئس پريشانيءَ جو سبب پُڇيو
چوڻ لڳو
تنهنجي ڪئميرا جي رزلٽ
ايترو خراب ڇو آهي؟
يا منهنجون اکيون خراب ٿي پيون آهن!
مان هن کي ڪو جواب ڏيان ئي ڏيان
هو برش کي اُڇليندي،
ڪروڌ واري نظر سان
اکين کي مهٽيندي چوڻ لڳو تہ
جن اکين ۾ محبت جا گُل ٽڙڻ گهرجن
انهن ۾ رت پيو ڏسان
۽ جن اکين مان
ڪڏهن ڪڏهن پئو ٿيندو هجي،
اهي پُر سڪون پيون نظر اچن!
هي ڪهڙي هوا گهُلي پئي آهي!
مون سندس ڪيفيت کي بدلبو ڏسي چيو
ڀلا انهن اکين جي موسم ڪيئن مَٽبي؟
هن ٻيهر اکيون مهٽيندي چيو
لڳي ٿو پراڻا رنگ وري ڳولهڻا پوندا!
اهڙا رنگ جيڪي ڇانوري جهڙو
تصور پيش ڪري سگهن
اَنُ هجي، جَندَ هجي

چاڙي هجي، جهرٽو هجي
لسي هجي، مهمان هجن
مان هن ڏانهن ڏسندو ئي رهيس،
تہ هو ڇوڙ لڳو سوچيان ٿو.
اهڙي تصوير راتين جو جاڳي
مونکي وري ٿاهٽي پوندي،
جنهن ۾ گڏيل اوطاق جو نمونو هجي،
لابارن ۽ پوڪيءَ لاءِ
ونگار واري تصوير،
عورت جي چيلهہ تي گهاگهر،
مٿي تي نيرن جي ماني
۽ گڏجي ڪاٺڻ ۽ لسي پيئڻ وارا منظر هُجن!
انب هجن نم هجي، ٿاريءَ جي ڇانوَ هجي
۽ چانڊوڪي رات ۾ مڌر آواز واري
ڪا ناچڻي رقص ڪندي
مُحبت جو گيت ڳائي فرسوده روين کي
مات ڏئي سگهي،
مون سندس ڳالهيون ٻُڌي
آسمان ۾ ڪِڙيل ستارن ۽خاموش گهرن جا
ڪجهہ فوٽو ڪڍي
ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏيو آهي
هن تصوير جهڙو ديس

وري ڪڏهن ٻيهر آباد ٿيندو؟
مان ٻہ نم جي ڇانوَ ۾ پوتڙو وڇائي
گهري ننڊ ڪندي سپني ئي سپني ۾
ڪاوڙجي ويل محبوبہ ڪي
پرچائڻ جي
هڪ ڀيرو ٻيهر ڀرپور ڪوشش ڪيان.

## لُڙڪ پيو نٿو سگهان

بارش ۾ نچڻ جو
مزو ئي پنهنجو آ
وڻن جي پَنن تي
برسات جي ڦُڙين کي
ڪِرندو ڏسي
جهوپڙيءَ ۾ ويٺل ڇوڪريءَ
پَر ۾ ويٺل ڇوڪريءَ کي
چُمي ڏئي اڪيون ٻوٽي ڇڏيون!
پيار جو هي انداز
توکي به ته
وڻندو هو نه!
ڪنوڻ کي ڪنوندو ڏسي
ڪراڙي ماڻهوءَ جي اکين مان
ڳوڙها ڪري پيا!
هِن کي پنهنجي زال
ياد اچي وئي!

جيڪا وئي تہ پهاڙن تي
ٻڪريون چارڻ هئي
پر سندس جسم ڪي
ڪنوڻ ساڙي ڇڏيو هو!
ڊاک جي وَل جي پاڪر مان
هيٺ ڪرندڙ
برسات جي پاڻيءَ
۽ ٿڌڙي هوا ۾
گلن ڪي لڏندو ڏسي
منهنجي دل بہ ڇڻ تہ
نچڻ شروع ڪيو آهي
تون نہ ايندينءَ تہ
منهنجي دل بہ ڪنهن
ڪبوتر جيان
اجهو ٿي
اڏري تو وٽ پهچي
تون ڇا ي سمجهين
مان توکي
وساري ويٺو هوندس
بارش جي وسڪاري
۽ وٺندڙ آواز ۾
مُحبت ڪندڙ

جوڙي جي چمي،
پوڙهي ماڻهوءَ جي
اکين جو انتظار،
گلن جو هوا ۾ لڏڻ،
هي سڀ تنهنجي
حُسن جو جلوو تہ آهي
تو پاڻ ئي تہ چيو هو
ياد جي هندوري ۾
پاڻ سدائين
گڏ لڏندا رهنداسين
مان ساڳئي انب هيٺان
آلي ٽُئيءَ تي ويهي
نظم لکي رهيو آهيان،
منهنجو خير آ
منهنجي نظم سان گڏ
ڊائريءَ جا ورق بہ
پُسي رهيا آهن،
مونکي خبر ناهي
هي بارش جو پاڻي آهي
يا
مان پاڻ ٿو روئان،
توکي تہ خبر آ

بادل،پکي ۽ منهنجي دل
گڏبا آهن تہ
منهنجي
من جي موسم ڪجھ
اهڙي ئي ٿي ويندي آهي،
بس هاڻي
پاڻ کي جلدي ملڻ کپي
مان ايترا گهٽا
لڙڪ پي نٿو سگهان.

## تون نہ روئجان!

اڪثر شاعرن کي شام جو پهر
وڏيڪ وڻندو آهي،
تڏهن تہ هو شام جي پَل ۾
گڏجڻ جا سپنا ڏسندي
پنهنجن پنهنجن محبوبن کي
نوان نوان گيت ارپيندا آهن،
هي رڳو شاعرن جو معاملو ناهي
پکي بہ تہ
شام جو وڻن ڏانهن واپسي
گڏجي ئي ڪندا آهن
مون اڄ بہ ڪٿي لکيو آهي ۽ تون بہ
چوندو هُئين تہ
شاعرن ۽ پَکين جون دليون
ذري گهٽ ساڳيون هونديون آهن
توکي جڏهن پٿرن جي ياڪر ۾
سُمهارڻ جي تياري ڪئي پئي وئي تہ
شام جو پَهر ۽ منهنجون اکيون
گڏجي روئڻ لڳا هئا!

۽ تون وري چُپ چاپ مٽيءَ کي
ڳولي رهيو هُئين!
اها مٽي جنهن کي پنبڻين تي چائڻ ۽
ماٿي کي لائڻ جو ذڪر
ڪيترن ئي شاعرن
وڏي محبت مان ڪيو آهي!
مان به ته شاعر آهيان
مونکي به ته
ڄامشوري جي مٽي ۽ هِتان جي شامن
پيار مان ڪيترا ئي ياڪر پاتا هوندا!
پر اڄوڪي شام
منهنجين اکين جي آڳر ۾
روئندي روئندي
تنهنجي مٿان پيل هرڪ جي ڪپڙي تي
ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي هئي!
۽ تون وري چئي رهيو هُئين
ڳوڙهن کي روڪ
مان مري ٿورئي ويو آهيان
مان اڪيلو سَڏ هجان ها
تڏهن به شايد گم نه ٿي سگهان ها
مان ته تاريخ جو ڏکھو سڏ آهيان
جنهن کي حيات جي هر صبح، هر شام
ميجتا جو چميون ڏيندي رهندي!
هڪ صديءَ جو سڏ

ايتري آسانيءَ سان
ڪير به ماري ۾ دفنائي نٿو سگهي،
هن جون اکيون ٻوٽيل ضرور هيون
پر جڏهن مون هن جو فوٽو پئي ڪڍيو ته
هو وڏي اعتماد سان
چورڻ لڳو
مان ڪيترائي ڪتاب لکي آيو آهيان،
هر ڪتاب جي مُهاڳ ۾
مان پنهنجي
اکين جي جاڳَ جا ڏيئا ٻاري آيو آهيان،
روشني گُهرجئي ته
اتان کڻي وٺجان،
۽ ها تون روئجان نه
مان مري ٿوروئي ويو آهيان،
مان ته پنهنجي مٽيءَ کي چمي ڏيڻ
۽ مٽي ماٿي لائڻ خاطر
گهڙي پل لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري آيو آهيان.

(محمد ابراهيم جويو جي مرتئي تي لکيل)

■

# لُڙڪن سان لکيل نظم

هن نياپو موڪليو آهي تہ
مان لکڻ بند ڪيان
منهنجا شعر
گهٽن ڪي بي لباس ڪندا پيا وڃن
۽ منهنجن نظمن جي زبان
بہ اگهاڙي آهي،
وڏو صاحب بہ ڪاوڙجي پيو
توکي ڇا گُهرجي، گهُر ڪٽي،
مان سوچيان ٿو
ڌيءُ جي امتحاني فيس
بہ ڀرڻي آ
زال جي دوا لاءِ بہ پئسا ڪونهن
لکڻ ڇو بند ڪيان؟
شاعري ئي ڪٽي وڪڻان ٿو!
منهنجو دوست مون تي کلندي
چوي پيو
ماڻهو بار وڪڻڻ لاءِ هوڪا پيا ڏين
ڪير وٺي نٿو

تنهنجا هي لفظ ڪير وٺندو؟
مان سوچيان ٿو
هڪ تحريڪ هلي هُئي ڪجهہ سال اڳ،
مون نعرا وڪٽي
ماني ورتي هئي.
ٻئي همراهه
پُٽ لاءِ نوڪري ورتي هئي،
اُن ڪانپوءِ تحريڪ جون واڳون
شاعرن جي مَسند تي ويٺل
اهڙي شخص حوالي ٿيون
جنهن اسان جو سودو ڪري
وڏي گاڏي، وڏو گهر
۽ ٺاهوڪي نوڪري ورتي،
واقعي ئي هاڻي تہ اسان جي قيمت
گهٽجي وئي هوندي،
پر يار
هو مونکي روز روڪين ٿا تہ
مان لکڻ بند ڪيان،
مطلب تہ
منهنجي شاعريءَ ۾ دم آهي
وڪامي سگهي ٿي،
مان گهڻو وقت اڳ
مختلف ادارن جي بادين ۾ ويٺل
وڏن وڏن نالن

۽ ڊگهن ڊگهن مضمونن تي
تحقيق ڪئي هئي.
ٻارن جي حقن ڪان وٺي.
پاڻي ۽ ٻوليءَ جي معاملن تي
انهن مان ڪو ٻه مونسان گڏ نه هوندو هو!
پر
ڪو وزير مشير ايندو هو ته
هُنن جون گاڏيون
صبح جو ننڊ ٻه نه ڪنديون هيون،
هُنن ٻه شايد ڪي
مضمون، ڪا ڪهاڻي،
ڪو شعر، ڪا تحرير
ڪا تقرير ضرور وڪي هوندي،
اسان پراڻي بس ۾
پگهر جي پهچندا هئاسين،
هي سڀ سرڪاري گاڏين ۾ چڙهي
ڪانفرنسون ٻه اٽيند ڪندا هئا ته
غريب اديبن بجاءِ هنن جا
غير اديب ٻار ٻه
مرتب ۽ سهيڙندڙ لڳا پيا هوندا هئا!
ته پوءِ منهنجي ڌيءُ ڇو نه پڙهي؟
منهنجي زال ڇو علاج نه ڪرائي سگهي؟
مان ڪنهن ٻه حالت ۾
تحريرون وڪڻندس!

منهنجي ڏيءُ دوست سان
منهنجون فون تي ڪيل ڳالهيون ٻڌندي روئڻ
لڳي!
روئندي چوڻ لڳي بابا
تو منهنجو نالو ’سنڌ‘ رکيو هو؟
مون چيو ها امان!
هوءَ چوڻ لڳي
مان پاڻهي پڙهي ويندي س
امان جو علاج بہ مان ڪرائيندي س
بس هي منهنجو آخري امتحان تہ آهي!
خبر ٿئي بابا
منهنجي ٽيچر مونکي
”ڊاٽر آف دي پوئٽ چوندي آهي“ تہ
تہ مان اڏرڻ لڳندي آهيان
تون شاعري وڪڻي
منهنجا پَر ساڙڻ جو ڪڏهن بہ نہ سوچجان!
مان رات اڪين جي لڙڪن سان
هي نظم لکي،
ڊائريءَ سنڌ جي نرم وهاڻي هيٺان رکي
سندس بند اکين تي چمي ڏيندي
چوڻ لڳس
تون منهنجي نظمن جو نئون جنم آهين
هيءَ ڊائري تنهنجي امانت آ.

■

# لُڙڪ وڪامن نٿا

ماں درد وڪڻڻ لاءِ
گهر کان ٻاهر نڪتس تہ
ماڻهو مونکي
گُهوري گُهوري ڏسڻ لڳا!
مون پوتي سِڌي ڪرڻ لاءِ
مٿي تي هٿ ڦيرايو تہ
پوتي پاتل ئي ڪانہ هئي!
پوئتي موٽيس تہ
دروازو ئي بند پيو هو!
۽ چاٻي منهنجو مڙس
ڪٿي هوٽل تي هليو ويو هُو!
گذريل رات ٻاڙي وارا
منهنجي روئڻ تي
منهنجي گهر لنگهي
مونسان
ڏک ونڊڻ تہ آيا
پر پنهنجا پنهنجا سور

منهنجي آڳر تي هاري
پاڻ وجي سمهي پيا!
مان درد وڪڻ لاءِ
هوڪا ڏئي ڏئي
ٿڪجي پئي آهيان!
پر
منهنجا درد وٺڻ بدران
هرڪو
منهنجا وار،منهنجون اکيون
۽منهنجو رنگُ
پيو خريدڻ چاهي!
مان توڙي جو
ڪنهن ڪان بہ
لڪايان ئي نٿي تہ
مان اها ناهيان
جنهن کي اوهان ڳوليو ٿا،
پر هَرڪو
منهنجي درد جي قيمت
ڏيڻ بدران
منهنجن
جذبن ۽ احساسن جي
پراڻي چادر جي

**ڳُنڊ ڦاڙي**

پنهنجا ڳوڙها اُگهندي
مونکي
وڏيڪ روئارڻ ٿو چاهي،
شام ٿي وئي آ
گهر جو دروازو ته کليل آ
پر ماچيس ڪونهي
چُلهه جا مارنگ
مونسان گڏ روئن ٿا،
مان پراڻي آئيني ۾
ڏسان ٿي ته
منهنجي تصوير جا
رنگ ئي مَٽيل آهن،
آئينو مون ڏي ڏسي
اُداس ٿي ٿو وڃي!
مان ڪانئس موڪلائي
ڪمري کان
ٻاهر نڪران ٿي ته
منهنجو مڙس
چُلهه اُجهاڻل ڏسي
مونکي
مارڻ شروع ٿو ڪري

مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان تہ
مان هاڻي
اها ناهيان رهي
منهنجون اکيون
جوانيءَ ۾ ئي
هڪ ڇوڪرو ڇورائي ويو!
وار درد ڇاڻي ڇڏيا!
لڙڪ وڪامن نٿا!
۽ تون وري
جوا جي اڏي تي
منهنجون
سڀ خوشيون هارائي
منهنجي
بچيل وجود کي
واڪ تي چاڙهڻ ٿو چاهين.

◘

## اڪيلائي

اڪيلائي بہ هڪ روڳ آ!
آخرڪار مان ڪيترو
اڪيلائيءَ سان وڙهندي رهنديس؟
هوءَ بستري تي پاسا ورائيندي
پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي،
هن موبائل کڻي
پنهجن ڪيترين ئي پراڻين
ڪلاس فيلوز جا نمبر ملايا
پر ڪنهن سان بہ رابطو نہ ٿي سگهيس،
مختلف ڪتابن کي اُٿلائيندي پُٿلائيندي
سندس سامهون ڪنهن نظم جون
سٽون تري آيس تہ:
”هو ڏس
اڪيلو گلن جو ٻوٽو!
تيز طوفان هوندي بہ پنهنجي خوشبو
۽ رنگ کي برقرار رکيو بيٺو آ.“
نظم پڙهڻ سان
هن جي من جي مونجهہ ٽوڙڻي

گهٽجڻ ٿي مس لڳي ته
هن ڪي سمنڊ ڪناري گذريل رات
جيڪو ڇوڪرو مليو هو
اُن جي ڳالهين جي ياد
هڪ نئين تڙپ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو!
هوءَ سوچيندي رهي
هن جي ڀرن جا وار، مُرڪ جي اُڇل
ڀريل بدن، ويڪرو سينو،
ٻهڙن جو ڇُهاءُ
هاڻي مونکي اڪيلو رهڻ نه ڏيندا !
هوءَ پاڻ سان ڳالهائيندي
اندر جي اُڇلن سان وڙهي رهي هئي،
هو ڪيترو نه رومانٽڪ هوندو؟
هن جي ٻانهن جي ايراضيءَ ۾
منهنجو بدن ڦٽڪي ڦٽڪي
ڀڄي،ڀُري وڃي ها
تڏهن به دانهن نه ڪيان ها!
هن جي بدن ۾
جيڪا ڇهاءَ جي ڇڻنگ اُڀري هئي
اها ڇڻ ته
بستري کي ٻاري رهي هئي،
هوءَ مئن گيٽ کولي
گاڏيءَ ۾ ويهي سمنڊ تي هلي وئي،
سا ڳيو ڇوڪرو ته ڪيس نظر نه آيو

پر اڪيلائيءَ جي احساس کي
سمنڊ حوالي ڪري
انتظار جو هڪ نئون گيت جهونگاري
روئڻ لڳي،
گوڙها پنبڻين مان ڇڻي
سندس ڳلن ۾ ڪاڏيءَ کي چمندا
سمنڊ جي لهرن سان ملي ويا،
هوءَ پنهنجو پاڻ کي
ٻيهر سنڀالي ڇوڙ لڳي
طوفان ايندا ويندا
منهنجي اندر جي
گُلدان کي ٽٽڻ نہ ڳهرجي!

◘

## اُداس ڪندڙ خط

رات ڪان پراڻي ڊائري،
تنهنجا موڪليل خط
۽ تصويرن جا البم کولي
توکي ڳولي رهيو آهيان.
منهنجو هڪ دوست
ناول لکي رهيو آهي
هُن ڪي تنهنجي باري ۾
ٻُڌايم ته
هو پنهنجو ناول پورو ڪرڻ لاءِ
تنهنجون هڙئي ادائون،
سيئي رنگ، مُرڪن جو نمونو
۽ ساهن جي خوشبو
مونکان اُڌاري پيو گهري!
هڪ منهنجو ٻيو دوست آ
هن ڏي به
شاگرديءَ واري زماني ۾
هڪ ڇوڪري خط لکيا هئا!
سانوري ڇوڪريءَ جا
اُداس ڪري ڇڏيندڙ

اهي خط پڙهي
ڪڏهن ڪڏهن هو ٻه
مونسان گڏ روئڻ ويهي رهندو آهي!
ناول نويس دوست
ناراض ٿو ٿئي!
هُن کي ڪير سمجهائي ته
يادون، تحفا، خط،
پيار جي پهرين چمي ۽
شاگرديءَ واري زماني جا ٿهڪ
ڪيترا نه اهم هوندا آهن!
تون ئي ٻُڌاءِ
تنهنجا خط، فوٽو ۽ ڊائري
مان هن کي
اُن ڪري ڏئي ڇڏيان ته
پاڻ ٻيهر ملي نه سگهنداسين!
منهنجي ڊائريءَ ۾
تنهنجي هٿن سان ليڪيل
اها تصوير اڃا به
مونسان ڳالهيون ڪندي
ٽڪجي نٿي
جنهن ۾ تنهنجي هنج ۾
مُرڪندڙ ٻار
مون ڏانهن ڏسي رهيو آهي.
ٽِڙڪي ۾ بيٺي

فيڪلٽي ٻاهران ننڍڙي
پهاڙيءَ تي
جيڪا تصوير تنهنجي
ڪلاس فيلوءَ ڪڍي هئي،
سچ جي
تيز روشنيءَ سبب
ڇهري مٺان ڏنل
تنهنجو هٿ
مونکي روز سڏيندو رهي ٿو!
گذريل هفتي
اُن پهاڙيءَ تان بيهي
توکي
دل ئي دل ۾ ڏاڍا سڏ ڪيم
تون ته
منهنجي سڏ تي ڪانءُ آئينءَ
پر
تنهنجن يادن جي رنگينيءَ ۾
ويڙهجي ويو آهيان!
واندڪائي لڳئي ته
هڪڙو نئون خط لکي
مونکي ياد ڪجان.
مان ته توکي
وسارڻ جو سوچيو به ناهي.

■

## مان ڇاٽان ٿي

مون تہ ٻُڌو آ ٻڪوٺ جون
اڪثر ڇوڪريون
تنهنجن اکين تي مَرنديون هيون!
ايتريون وڻندڙ اکيون
مُنهنجي بستري تي وساري
ايترو پري ڇو هليو ويو آهين؟
مان ڇاٽان ٿي
تون خط لکڻ جو سوچيندي
پيين پنو نہ ملڻ سبب
روئي پوندو هوندين!
منهنجي تصوير سان تہ
هونئن بہ تون
اکيون بند ڪري
دير دير تائين ڳالهيون ڪندي
ڊسمبر جون ڊگهيون راتيون
گذاري ڇڪو آهين.
صبح جو تازا گل پٽي
منهجي در تي

خوشبو وکيرڻ وارا چوڪرا
پنهنجون وساري ويل اکيون
منهنجي بستري تان کڻي ويج!
خبر ٿئي
منهنجو مُڙس جيڪو
مون سان ڏاڍو پيار ڪندو آهي،
مونکي روز صبح جو
آئيني اڳيان بيهاري
مون ۾ توکي ڏسي روئي ٿو پئي!
مُنهنجي ڳالهه مڃ، پنهنجون اکيون
موٽائي ويج!
رات هڪ
پراڻو رسالو پڙهندي
تنهنجي نظم تي نظر پئجي وئي
پڙهندي پڙهندي ننڊ اچي وئي
جيئن ئي اکيون کوليم ته
ڪنهن وطن پرست شاعر جي
نظمن جيان
تون ئي سامهون بيٺو هُئين!

■

# مان بہ هڪ خواب آهيان!

هو الائي ڇو ايئن سمجهن ٿا تہ
مان رات جو جاڳي
سُندن خوابن کي
مارڻ جو سوچيان ٿو!
عجيب ڳالھہ آ
مان ننڊ سان جهيڙو ڪندي
’آءِ سي يو‘ ۾ تڙپندڙ
امان جي هم شڪل ٻُڍڙي عورت جي
پيرن کان ويهي
درد کي مارڻ جا
نسخا پيو تلاش ڪيان.
هُنن کي خبر بہ آهي تہ
مان هڪ شاعر بہ آهيان
اهڙو شاعر
جيڪو خواب اُڏارا وٺي بہ
ساٻيان جي سڏ
پکين جي ٻولين ۾
بانسريءَ جي ورلاپ تي
نچڻ جي تمنا ۾

جيئرو رهندو پيو اچي،
مان ڪنهن جا خواب
ڇا لئہ ماريندس؟
مان تہ
پاڻ هڪ خواب آهيان
اهڙو خواب
جيڪو
مُحبت کي جنم ڏئي
نفرت سان مُهاڏو اٽڪائي
زخمي ٿيندو رهيو آهي!
اهڙو خواب
جنهن جي لهڻ سان
عورت جي هر ادا
آزاديءَ سان رقص ڪري سگهي!
مان تہ بنا سور جي
ٻار ڄڻائڻ واري شعبي ۾
درد سان جهيڙيندڙ سائنس جو
نئون خواب آهيان!
هڪ اهڙو خواب جنهن ڪانپوءِ
مان جاڳان تہ
امان جي اکين ۾
هڪ اهڙي تصوير نظر اچي
جنهن تي
ڳوٺ جون سڀ عورتون ناز ڪن.

# درد ڪنهن ڪنهن جي نصيب ۾ ايندو آ

رات هاسٽل جي مُک دروازي تي
هڪ ڇوڪرو مليو
پنهنجي ڪلاس فيلو جو
فوٽو ڏيکاري
چوڻ لڳو. هوءَ سندن
ڪلاس ٽيچر کي بہ وڻندي آهي،
مون چيو تہ ڇا ٿيو؟
وڻڻ وارو عمل
خود هڪ اُتساهڪ رويو تہ آهي!
هو ڏڪارو ٿيندي چوڻ لڳو
وڻڻ وڏو ’سجيڪٽ‘ ناهي شايد
پر اسان تہ جڏهن جڏهن بہ گڏياسين جڻ تہ زندگيءَ
کي
نئين معنيٰ ملڻ لڳندي آهي!
مون ڪيس چيو
وڻڻ. وڇڙڻ ۽ ملڻ جي مضمون کي
جدا بہ ڪري سگهجي ٿو ڇا؟
منهنجي هڪ دوست کي

هڪ ڊاڪٽرياڻي ڏاڍي وڻندي هئي
۽ ماسترياڻيءَ کي
هڪ پٽيوالو وڻندو آهي!
پر پٽيوالي کي وري
پنهنجي زال سان دل آهي!
ٿورڙي خاموشيءَ بعد چوڻ لڳو
وڻڻ جي ڏار موسم هوندي
۽ملڻ توڙي وڇڙڻ جا
سبب ۽ بهانا الڳ ٿيندا هوندا!
مان ڪيس ڪو جواب ڏيڻ بدران
ٽڪڙو موڪلائي
هڪ دعوت ۾ اچي پهتس
آڌي رات تائين
ٽيچرس ڪلب ۾
راڳ جي محفل هلندي رهي،
ڪي وڇوڙي جا گيت ٻُڌڻ پيا چاهين
ته ڪنهن وري
گڏجڻ جا ٻول ٻڌڻ پئي چاهيا!
مونکي وري بہ
وڻڻ،نہ وڻڻ ۽ ڇڄڻ جي
مفهوم ماريو پئي!
سوچيان پيو
اڪيون رنگ پسن ٿيون
دليون مائلتا جي سَند ماڻي

ڪڏهن ٿُتن ٿيون
تہ ڪڏهن ڳنڍجن ٿيون!
محبت جو هڪ الڳ رُتبو آهي
محبت عمر،عهدي ۽
اسٽيٽس جي محتاج ناهي ٿيندي،
آرزو ڪير بہ ڪري سگهي ٿو
اُميد جي مينديءَ لاءِ
هر هٿ آتو هوندو آهي،
۽ درد وري ڪنهن ڪنهن جي
نصيب ۾ ايندو آهي!
ڳوڙهن بنان اکيون
۽محبت بنان دل
ڄڻ تہ هاسٽل جي گونگي ديوار آهي!
فنڪار ڳائيندو رهيو ۽
مُنهنجي دل پنهنجي
اُن ڪلاس فيلو کي
ياد ڪندي روئڻ لڳي
جيڪا آخري پيرو
نومبر جي پڇاڙڪين تاريخن ۾
ڪينجهر تي بيڙيءَ ۾
لڳاتار روئندي،
درياءَ جي پاڇاڙ تائين
مونکي سمجهائيندي رهي تہ
توڙي جو پاڻ هڪٻئي کي

ڏاڍا وڻندا آهيون_ پر
اُتر ۽ لاڙجي جي مُند جيان
پنهنجو ملڻ بہ شايد
ٻيهر مشڪل ٿئي !
مان اڄ بہ اُتان جي دوستن کان لڪي لڪي
چنڊ رات جو
ٻيڙيءَ ۾ ويهي روئندو بہ آهيان،
۽ ڪلاس فيلو ڪي سڏيندو بہ آهيان!
۽ ٻيڙيءَ وارو مُهاڻو
مونکي پر چائيندي پر چائيندي
پنهنجي محبوبا جي ياد ۾
مونسان گڏ پاڻ بہ روئڻ لڳندو آهي!
◘

# هاڻي تہ موٽي آ

گهر ڪيترن ڏينهن کان بند آهن
گهٽيون ننڊ پيون آهن،
۽ پکي بہ سُتا پيا آهن،
چنڊ اُپريو ضرور آهي،
پر گهاٽي ٻيلي جا ڏکها وڻ
چنڊ جي روشني پي رهيا آهن،
برف وسي پئي، ڦهر جو سيءُ آهي،
رکي رکي ڪُتن جون
ٻونڪون بہ ٻُڌجن پيون،
مان جاڳان پيو
تون وري ڪنهن ٻئي هنڌ ننڊ پئي آهين،
تون نہ ايندينءَ تہ
منهنجن اکين جا در
ڪير بند ڪندو؟
نائيٽ ڊريس لپي نٿي،
منهنجي قميص جا بٽڻ ٽُٽي پيا آهن
مونکي تہ ٽاڪڻ بہ ناهن ايندا،
ڪمبل واري ڪٻٽ جي چاٻي

تنهنجي ٻَرس ۾ پيپل آهي،
ڪافي ٿاهيندي
اڪيلائي ۾ پاڻ رجهي رهيو آهيان،
تون هاٿي موتي آ
چنڊ کي روشني ڏي،
منهنجين اوجاڳيل اکين جا دروازبند ڪر،
نائٽ ڊريس ڳولي ڏي
قميص جا بٽڻ بہ ٽاڪي وجہ،
۽ ها تون آئينءَ تہ
ڪافي گڏجي پيئڻ ڪانپوءِ
ڪمبل پاڻ کٽي ايندينءَ!

■

## مئڪدي ۾ ڪو اچي ئي نٿو!

زندگي گذارڻ بہ
هڪ فن آهي،
حيات جي راز ۽ پُراسريت کي
سمجهي هلڻ
ڪا معمولي مشق تہ ناهي،
مان عورت سان پيار
۽ احترام جي سَڏ ۽ سُڏ جو
چراغ آهيان شايد!
منهجي دل جي آڱر ۾
وحشت بدران
ٻار نچندا رهن ٿا!
مان سُمهان ٿو تہ
پري پري کان
پکي دل جي لامَ تي
آرام ڪرڻ اچن ٿا!
جاڳان ٿو تہ
چنڊ جي ڏيمي روشنيءَ ۾
چنگ وانگر وڄان ٿو!

منهنجي دل به ڇڙ ڪو
مئڪدو هجي!
رات ٿئي ٿي ته
نئين بوتل کولي
سمورا دوست پنهنجي پنهنجي
پيار جا قصا ٻڌائڻ،
پيئڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪن ٿا!
صبح ٿيندي ئي
گهٽين ۾ گُل ورهايان ٿو!
مان نم جي ڇانوَ ٻڻجي
گرم ڏينهن ۾
هارين جو ٿڪ لاهيان ٿو!
شام ٿئي ٿي ته
ڏنارن جي پيرن ۾
ڳوٺ جي رستي وانگر
پنهنجون اکيون وڇايان ٿو،
امان ڪير ڏُهي ٿي
ادي ماني پَچائي ٿي
اسان سڀ چُلهه پرسان ويهي
هٿ به سيڪيون ٿا
۽ ماضيءَ کي به ياد ڪيون ٿا!
بارِ ڪجي ٿي ته بَٽئي مهل
خرچيءَ ۾ مليل اَنُ
واڻئي جو دڪان

انبن جو باغ، ڏنگ، ڏوڪا
خارڪون، ڇوهارا
ڪچو گهر، ڇت جو ٽُمڻ
غربت جو زمانو
امتحاني فيس لاءِ
امان جو ايرينگ وڪڻندي
روئي پوڻ!
اهي ڳالهيون ياد اچن ٿيون ته
جيءُ جهجهڻ به لڳي ٿو ته
ڪيف جي هڪ نئين پينگهه ۾
لُڏڻ به شروع ڪيان ٿو!
وري سوچيان ٿو ته
ها مان برابر
هن حيات جو
نئون نئون پنڌ آهيان!
هاڻي به ڇا ناهي؟
بجلي، سولر، فرج، ٽي وي
وڏا وڏا بورچيخانا
ڊائننگ هال، جهومر
رنگين گلاس،
مختلف قسمن جا جُوس
سيڪجهه ته آهي
بس جي ناهي ته
اهو فطري پيار ناهي،

نم جهڙي ڇانو ناهي،
لهجي ۾ نرمي ناهي،
مصنوعي مُرڪ
۽ ملڻ جو انداز
ڇڻ تہ
حيات جي رنگن ۾
ڪا الجهن اوتيندو هجي،
ها اهو سچ آهي تہ
زندگي گذارڻ هڪ فن آهي
پر پڪين
دل جي لام تي لڏڻ
ڇڏي ڏنو آهي،
شام اِها
سا ڳئي شام ناهي رهي!
دوست دوست ناهن رهيا
مئڪدي ۾
ڪوا ڇي ئي نٿو!

◘

# لُڙڪ لڪائي نٿو سگهان

پيار ڪي، ڏک ڪي ۽ لُڙڪن ڪي
شايد لڪائي نٿو سگهجي !
راتيون ڊگهيون ۽
ڏينهن ننڍا ٿي ويا آهن!
روئان ٿو تہ
نوڪر چون ٿا صاحب هاڻي بس ڪر
ماڻهو کِلن ٿا!
لانڍيءَ ۾ ويٺي
جنهن سان بہ ڏک اوريان ٿو تہ
اهو پنهنجي دل جا در کولي
روئڻ شروع ٿو ڪري!
پيار جي ڳالهہ ڪهڙي مُنهن سان ڪجي؟
اُن ڳالهہ تان تہ
ڪيتريون ئي جوان عورتون
۽ ڳڀرو ڇوڪرا مارائي
مان سدائين
پرائو مال ڇٽيندو رهيو آهيان!
منهنجي ڏيءَ ڪلهہ رات
ايئرپورٽ تان
ايترو ٻڌائي فون بند ڪري ڇڏيو تہ

ٻَلي سڄو ڳوٺ مارائي ڇڏ
مان هاڻي توکي ملڪ کان
ٻاهر ئي ملنديس!
آخر ڏيءُ ڪنهن جي آهيان،
مون وارو وچون پٽ
هڪ ڳوٺاڻي ڇوڪري کي
وڏا پاشڻ ڏئي
سندس سپنن جومٺو ڪوڙي آيو آهي!
منهنجي بنگلي ۾ رکيل
سموريون سَوڙيون
رشوت جي پئسن سان
گڏ سمهن ٿيون!
اڄي ڇوڪريون شادي ٿيڻ کان
هڪ رات اڳ ميندي
مون وٽ لاهينديون هيون!
هاڻي ٻه لفظ ڇا ڳالهايان ٿم
منهنجو رت ئي پي ويا آهن!
مان هاڻي هنن جو ڇا پيان؟
پو صاحب تون ٻه ڪجھ خيال ته ڪر نه
وقت مَنجي ويو آهي!
پيار کي، ڏک کي ۽ لڙڪن کي
هاڻي لڪائي نٿو سگھجي ته
نوان پراڻا پرڪار هاڻي
ڪٿي ٿا پوري سگھجن!
■

## دردءَ روڳ

شاعره ٿيڻ بجاءِ
مان ڪنهن نظم جو روح ٿيڻ ٿي چاهيان!
مان ٽن راتين کان
سوچيندي سوچيندي
ڪنهن نتيجي تي ناهيان پهچي سگهيو تہ
آخرڪار **"جي آر روگ"**
اهڙي ڳالهہ ڇو ڪئي آهي؟
هُن پاڻ شاعره ٿيڻ بدران
ڪنهن نظم جو حصو ٿيڻ جي خواهش ڪندي
ڪهڙو نياپو ڏيڻ پئي چاهيو؟
مان بہ ڪڏهن سوچيندي سوچيندي
قلم کي روڪي ڇڏيندو آهيان تہ
نظم لکڻ بجاءِ
پڙهڻ وارن ۾ شامل ٿي وڃان
مان مسلسل هِتان هُتان جي
ڪتابن جا پنا اُٿلائي ٿڪجي پيو آهيان
پر 'روگ' جي هن ڪرپَ جو
مطمئن ڪندڙ جواب ملي ناهي سگهيو
رات دير سان
پنهنجي ڊيوٽي روم ڏانهن ويندي
ويم گهر جي ٻاهران گذرڻ ٿيو

هڪ ڪراڙي عورت ڇُنبڙي پئي!
چوڻ لڳي
منهنجي ڏيءُ جو رڙيون نٿو ٻُڌين
ويم جي سورن ۾ مري نہ وڃي!
ڊاڪٽرياڻي ڪي ڪا پارت تہ ڪر!
مان چپ ٿي ويس
مونکي گذريل سال واري
ڊسمبر جي اها رات ياد اچي وئي
جڏهن نظم لکڻ دوران ڪنهن جي سار ۾
لڳاتار روئندو رهيو هُيس!
ننڊ موٽڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو!
مون واري سنگتياڻيءَ جو فون
مسلسل بند پئي مليو!
شيلف ڪوليم تہ وسڪي ڪانہ هئي!
بورچيخاني ۾ ويس تہ
گرين ٽي،ڪافي توڙي کنڊ نہ پئي لڌي!
مونکي ويم جي سور ۾
اُن رات واري درد جو احساس
الائي ڇو جڻ تہ ساڳيو لڳو!
مان ويم گهر جي در تي بيهي
ڊاڪٽرياڻيءَ کي سڏڻ لڳس!
ماسڪ منهن تان هٽائي، مُرڪندي
پنهجائپ مان چوڻ لڳي
خير تہ آهي ڊاڪٽر صاحب

مون ڪيس
ويم جي سور عورت جي دانهن
۽ ڪراڙي عورت جي منٿن جو ذڪر ڪندي
آڇ ڪئي تہ مان سور لاهڻ واري شعبي جو
ڊاڪٽر آهيان
اوهان چاهيو تہ
پاڻ ٻنهين جي گڏيل ڪوشش سان
ٻار ٻنان سورن جي ڄمي سگهي ٿو!
هوءَ ٻيهر ٻنهنجائپ ۽ هُجَ مان مرڪندي چوڻ
لڳي
مان توهان کي سُڃاڻان ٿي!
هائوس جاب دوران دير دير تائين ڊيوٽي روم ۾
درد جا نظم ٻڌائي
ذري گهٽ روئاري تہ وجهندا هيئو!
هوءَ چوڻ لڳي
هن فطري سور جي گهرائي
ٻار سان پيار جو وڏو سبب هوندو آهي!
هو ٻنان هڪ جي ڳالهائيندي
مونکي ويم گهر جي چيمبر ۾ ويهاري
پاڻ چانهہ ٺاهڻ لڳي !
۽ چانهہ ٺاهيندي چوڻ لڳي
تنهنجي دوست ۽ مان
ساڳئي ونگ ۾ تہ رهندا هئاسين!
هوءَ توهان کي مُشي چوندي هئي تہ

اسان سيني کي
اوهان ٻنهين تي پيار ايندو هو!
اوهان جي دوستي تي سڄي هاسٽل
رشڪ ڪائيندي هئي
سندس ڳالهيون ٻُڌي
ماضيءَ جي جهروڪن ۾ جهاتي پاتم ته
منهنجي دل اُٻاٽڪي ٿي وئي!
۽ ذري گهٽ عورت جي
سورن جي ڳالهه وسري وئي هئي!
پر اوچتو عورت جي ٻيهر دانهن ٻُڌي
ڳالهه مٽائيندي وري به
عورت جي ويم ۽ سورن ڏانهن سندس ڌيان
ڇڪايم ته
چوڻ لڳي هڪ ڳالهه سمجهه
ويم جي سورن سهڻ بنان
ٻار ڄڻڻ به ايئن آهي جيئن
رومانس ۽ درد جي احساس کان خالي شاعري!
اسان چانهه پيتي ئي پئي ته
ٻي ڊاڪٽرياڻي ٻار ڄڻائي ورتو!
درد کانپوءِ ٻار جي پهرين رڙ
۽ مونکي پنهنجن نظمن جي
اوٿپ، ڪلائيميڪس
۽ روڳ جي ڳالهه سمجهه ۾ آئي.

■

# پيئڻ ڇو نہ ٿا ڏين؟

هو مونکي پيئڻ ڇو نہ ٿا ڏين؟
ڪنوارا چپ منهنجي ڪمزوري آهن!
مان رات جي پيٽ ۾
ڪِل هٽي سنگتياڻي سان سمهندو آهيان!
هر وڳي سان گڏ
نئين بدن جي رنگيني
منهنجي روح جي خوراڪ آهي!
روشني مونکي وڻندي ناهي!
تڏهن تہ
رات جو جاڳندو ۽ ڏينهن جو سُمهندو آهيان
مان شاعر آهيان تہ ڇا ٿيو؟
چنڊ تي ڪيتري شاعري ڪندس
هر نظم ۾ ڪنهن
نئين عورت جو عڪس نہ هوندو تہ
منهنجي شاعريءَ ۾
رومانس جا رنگ ڪير ڀريندو؟
هو مونکي پيئڻ ۽ پيار ڪان روڪي

چون ٿا
اسٽيج تي چڙهي شاعري پڙهه
مان ڪين ڪيئن ٻڌايان ته
جوئر جي ماني ۽ لسي مونکي پسند ناهي،
مان ته وسڪيءَ سان وهنجندڙ
اهو شاعر آهيان
جيڪو ڳالهه ماڻهن جي ڪندو هجي
پر گهڻو ڪري ميرا ۽ گدلا ماڻهو
ڪيس وڻندا نه هجن!
هونئن به
مٽي، ماڻهو ميرا ڪپڙا،
خالي گلاس، منجهند جو پهر،
اگهاڙا پير، ننگا ٻار،
پينو فقير، ڦُٽيون چوندڙيندڙ
ڪراڙي عورت جو پگهر
ڪانبي جو ٻار، معذور ماڻهو،
ڍير تي پيل تازي ڄاول ٻار جو ڪچڙو جسم،
بيمار اُستاد، پگهار گهرندڙ نوڪر،
پراڻي گاڏي، ڪچي سڙڪ،
جڏڙي گهر ۽ پنهنجي زال جي ياڪر ۾ به
ڪو رومانس هوندو آ ڇا؟
هنن ڪي چئو ته

مونکي آرام سان پيئڻ ڏين!
مان پُرباش ٿي  خيالن ئي خيالن ۾
نئين نياپي جهڙو ديس اڏي
درد کي ڀَڄائيندس!
سوچيان ٿو
هو مونکي پيئڻ چونہ ٿا ڏين؟
□

# رنگ

رات پنهنجي ڏيءُ جي
مصوريءَ جو ڪم پئي ڏٺم،
تصويرن ۾
ڪيترا ئي سهڻا ۽ منفرد رنگ پريل ها.
مون رنگن تي سوچيو، بُرش تي سوچيو،
رنگ پريندڙ هٿن تي سوچيو،
آرٽ جو تصور ڏيندڙ شخص تي سوچيو،
پهرين تصوير ڪنهن ليڪي هوندي؟
هن ڪائنات جو مظهر
ڪهڙي رنگ سان ٺهيو هوندو؟
ماڻهوءَ جون ڪيفيتون، ڪيفيتن تي رنگن جا اثر!
رنگ سُٺا ته آهن ئي آهن
پر اهي خراب به ٿي ٿا سگهن ڇا؟
اُهي ۽ اهڙا
ڪيترائي سوال منهنجي ذهن ۾ ڦرندا پي رهيا ته
منهنجي ننڍڙي ڏيءُ منهنجي پر سان ويهي
چوڻ لڳي بابا
اوهان جي ڇهري جو رنگ ڇو مَٽجي ويو آهي؟

مان سندس سوال تي ڇرڪي پيس!
مون سوچيو
ماڻهوءَ جا رنگ ٻه هزار ٽين ٽا شايد
ظاهر هڪڙا ته اندر ٻيا،
مُحبت ڇاهي؟
هي ٻه ته هڪڙو رنگ آ
ڀروپيت ڇاهي؟
هي ٻه هڪڙو رنگ آ
ٻار جي مُرڪ، امان جي چمي محبوبه جو سڏ،
مٽيءَ جي خوشبو،
بابا جي ڇهري جا گُهنج،
ٻار سان پيار، اُستاد سان جهُڪي ملڻ،
غريب کي ڪاڏو ڪارائڻ
هي ٻه ته خوبصورت رنگ آهن،
پوءِ ڪجهه ماڻهو
رنگن جو خون ڇوٽا ڪن؟
مان پنهنجي ڏيءُ جي
سمورين تصويرن کي چُمي ڏئي
ٻار جي مُرڪ جهڙي پنهنجي دل کي
سمجهايان ٿو ته
تون پنهنجو رنگ ڪڏهن ٻه نه مٽائجان!

# ڏاڍي سڪ لڳي آ

”ٽائلر گريگسن“ پنهنجي محبوبہ ڏانهن
هڪ خط ۾ لکيو تہ
”تنهنجن زلفن کي هوا ڇهندي آ تہ
منهنجي دل جلڻ لڳندي آهي.“
هوا نفيس آهي اُن سان ساڙ ڪرڻ
مونکي سمجھہ ۾ نہ آيو!
مون ”ٽائلر“ کان پُڇيو تون ايئن ڇو پيو چوين؟
ٽائلر چوڻ لڳو تہ
ڇرياشاعر هوا جو رخ بدلبو رهبو آهي!
هوا لڳڻ سان
مزاج ۽ ڪيفيتون بدلبيون رهن ٿيون!
مان هڪ شاعر آهيان
منهنجي محبوبہ جي زلفن سان ڪو راند ڪري
۽ مان ڏسندو رهان!
منهنجو جيلئس ٿيڻ غير فطري ناهي!
هو چوڻ لڳو
توکي ڪڏهن ڪنهن جي سِڪَ لڳي آ؟
هُن جي اهڙي اوچتي سوال

منهنجي سرير ۾
هڪ نئون طوفان برپا ڪري ڇڏيو!
مونکي پنهنجي
يونيورسٽي فيلو محبوبہ ياد اچي وئي
هوءَ مونکي وٽندي ٿورئي هئي
هوءَ تہ منهنجي شاعراڻي ڪائنات جو
نئون رنگ هئي!
شام جي پهر جهڙي وٽندڙ ڇوڪري،
جنهن جي لفظ لفظ ۾
فطرت جون حسناڪيون رقص ڪنديون هيون!
هفتي جي پڇاڙيءَ تي دير دير تائين
ڪينجهر ڪناري گڏجي
ڪئين نظم ڳايا هونداسين،
هُن هڪ ڏينهن پيڙيءَ ۾ ويهندي ئي
جهونگارڻ شروع ڪيو تہ
”ها مان تنهنجي بنان ڪجهہ بہ تہ ناهيان.“
مونکي سندس منڙي آواز واري
اُن ڇوڪريءَ کي
موٽ ۾ ڏيڻ لاءِ پيو تہ ڪجهہ بہ نہ هو
بس ڪجهہ نظم هئا، ڪجهہ پيار هو!
هوءَ چوندي هئي
مان تنهنجن نظمن جو نئون جنم آهيان،
’مون ٿائلر‘ کي ڇيو يار
هن جي چولي کي، چُنري کي، وارن کي

جڏهن هوا ڇُهندي هئي
منهنجا نظم
ڦرين چميءَ جي خوشبوءِ وانگر
واءُ ۾ وکرڻ لڳندا هئا!
مان سندس اکين مان خواب ميڙي
شاعري جو هڪ ڪتاب
”هوءَ،مان ۽ ڄامشورو“
لکي ڪيس ارپي ڇڏيو!
هن چيو
توکي هن جي هاٽي به سڪ لڳندي آ ڇا؟
مون چيو ته
هن جي هر مُرڪ
منهنجي من جي ميراث وانگر آهي!
هن جي سِڪ ۽هن جو انتظار
منهنجن نظمن جو نئون مجموعو آهن!
هن ڪي وساريان ته
مونکان منهنجو درد رُسي ويندو
پوءِ منهنجي شاعريءَ جو ڇا ٿيندو؟
مون ڏٺو
ٽائلر اکيون بند ڪري
گهڙي سوا لاءِ ماٺ ٿي ويو
۽ پوءِ چوڻ لڳو
تنهنجي محبوبا جي وارن کي
هوا نه ڇُهي ها ته شايد

تنهنجي شاعريءَ جي سُڳنڌ ۾
اها خوشبو نہ هجي ها!
تنهنجي اندر ۾ فطري سڪ جو هڳاءُ نہ هجي ها!
هن جي دل ۾
پنهنجي محبوبا جي وارن کي ڇُهڻ جي نئين
تمنا جاڳي!
هو خاموش ٿي مونکي ڏسندو رهيو.
تيستائين مون
محبوبا ڏانهن هڪ نظم موڪلي ڇڏيو تہ
" ڏاڍي سڪ لڳي آ"
فون جي گهنٽي وڳي
هڪ آواز ٻُريو
"ڪڏهن تنهنجي وارن سندي رات ٿيندي
مونسان محب ملندين ملاقات ٿيندي "
مان ۽ ٽائلر روئي پئون ٿا!

■

# روشنيءَ جا عڪس

مون هڪ هنڌ پڙهيو تہ
"رات جي تاريڪي بہ
هڪ بهترين ڪينواس وانگر آهي."
رات ۽ بهترين ڪينواس
مون پنهنجي اندر جي آرٽسٽ سان ڳالهايو
هو چوڻ لڳو ها چونہ
رات جي ڪاري چادر تي
مصور پنهنجي بُرش سان
ڪيترائي رنگ پري سگهي ٿو
رنگ بہ عجيب ٿين ٿا
ماڻهوءَ جي طبيعت تي،مزاج تي
۽ ڪيفيتن تي طاري ٿين ٿا،
رات جي سناٽي جي گهرائي،
خاموشي ۽ پُراسراريت ۾
جيترا آرٽ جا عڪس مون ڏٺا آهن
اوترا شايد ڏينهن جو
منهنجي اکين کان اوجهل ۽ اوپرا رهيا هوندا!

مونکي دل سان ڳالهہ لڳي
۽ اچانڪ اها رات ياد اچي وئي
جڏهن
هرٽيءَ جي اڪثرين جهڙي عورت کي
هو مون وٽ کڻي آيا هئا،
هُن جي هر وڏي ساهہ ۾
هڪ پُڪار هئي، رڙ هئي، رومانس هو،
ڪيس زوري پرڻايو پئي ويو،
لوڙهو ٽپي گهر کان ٻاهر نڪتي
چنڊ جي روشنيءَ ۾
سندس ڪاري پوتي ماتم ڪري رهي هئي.
گهر ڀاتي جاڳي پيا!
هوءَ پڪڙجي پئي،
زخمي هوندي بہ رات جي ڪاري چادر تي
پنهنجي اندر جي ڪروڌ ۾
خواهش کي نئين نموني سان
چِٽڻ جو وچن ڪندي
چئي رهي هئي مري ويندي‌س
پر اُن نِڪمي ۽ جاهل سان
شادي ڪانہ ڪنديس!
مون سوچيو
اجوڪي رات ڀَلي اونداهي هجي

پر هن جو بچي پوڻ
جڻ روشنيءَ جو سفر آهي.
هن جو اندر جي آزاديءَ واري
پنڌ سان پيچ آرٽ جي دنيا ۾
هڪ نئين تصوير عيان ڪري ڇڏيندو!
مان رات جي اونداهيءَ ۾
سندس اندروني توڙي ٻاهرين
ڪيفيتن جي تصويرن جا پورٽريٽ جوڙي
هڪ گئلري ترتيب ڏئي رهيو آهيان
جنهن جو نالو آهي،
’روشنيءَ جا عڪس.‘

## من ۾ ميرو ٿيندو آ ڇا؟

اوندھ ڪانپوءِ روشني ايندي آ
محنت ۽ پيار سان پوکيل وڻ
ڇانوَ ۾ ويهاريندا آهن،
مان هي نظم لکندي لکندي
رُڪجي ٿو وڃان،
۽ منهنجن اکين مان ڳوڙها ڳڙندا
ڊائريءَ تي ڪري ٿا پون!
منهنجي پرسان ويٺل منهنجي ڌيءُ
ٽشو پيپر سان منهنجا ڳوڙها اگهندي
پُڇڻ لڳي ٿي ڇا ٿيو بابا؟
مان سندس سوال کي ٽاريندي
پني تي ليکا پائڻ لڳان ٿو.
ليکا پائيندي پائيندي
هڪ تصوير جُڙي وڃي ٿي
هڪ اهڙي تصوير جنهن ۾
ماڻهو مونکي گدلو ۽ ميرو سمجهي
مون تي گند ۽ پٿر اُڇلڻ ٿا چاهن.
مان وري هنن جي رويئي تي

نئون نظم لکي
ڪين خوشبوءِ جو نئون ديس
گهمائيندي گهمائيندي
گُلن جي اُن باغ ۾ وٺي ٿو وڃان
جيڪو پنجاھ سال اڳ
بابا ۽ امان گڏجي پوکيو هو
باغ جي پرسان نديءَ ڪناري تي ويٺي ويٺي
هو چاهين ٿا
مان پنهنجي بدن کي ڍوئڻ شروع ڪيان
پر مان سوچيان ٿو
هنن ماڻهن جي من کي اُجرو ڪيئن ڪجي؟
منهنجي ڌيءُ
مُنهنجي ان تصويري کهاڻيءَ کي
سمجهڻ چاهي پئي
سندس ضد تي ڪيس
ظاهري ميراڻ ۾
اندر جي اُجرائپ بابت ٻڌايان ٿو ته
هوءَ وري پُڇي ٿي
بابا من به ميرو ٿيندو آ ڇا؟
مان ڪيس ٻُڌايان ٿو
ظاهري سونهن ۾ حسن ڏسين ٿي نه
اها به سونهن آهي.
پر اصلي سونهن انساني
اندر جا احساساتي رنگ آهن،

ماڻهو جيڪڏهن شڪل ۾ صورت بدران
پنهنجن عملن سان سچا پچي وڃن
تہ هو شايد
ڪنهن کي بہ ميرو نہ سمجهن ها!
هوءَ قلم کڻي
هڪ نئين تصوير ٺاهي منهنجي پرسان رکي،
مونکي پاڪر پائي چوي ٿي
بابا
مون بہ هڪ تصوير ٺاهي آ
هڪ اهڙي تصوير
جنهن ۾ اڪين جي ڏُنڌلاڻ ۾
من جي ميراڻ کي لاهڻ لاءِ
هڪ نسل جو ٻئي نسل کي نئون سڏ آهي،
اهڙو سڏ
جيڪو اُجرائپ جا احساس ۾ اندر جي
سونهن جا سُندر ڏيک ڏئي
منهنجا خوشيءَ مان وري بہ ڳوڙها ڳڙي ٽا پون!
۽منهنجي ڏيءُ هڪ پيرو پيهر
ٽشو پيپر سان منهنجا ڳوڙها اُگهي ٿي
۽ مان سندس ڳل تي چمي ڏئي
مُرڪي ٿو پوان.

◘

# خاموشي محبت جي ماءُ آهي

رات دير دير تائين ڪمري جي ڇت تان
نيري نپ سان ڳالهائيندو رهيم!
شهر جي خاموشي تي جهاتي پاتم
بلب ٻرن پيا، خواب ۽ ماڻهو ٻيلهه ستل هئا!
مون سوچيو پئي
خاموشي، گفتگو ۽ احساسن جي وچ ۾
ڇا هوندو؟
گهڻا ڏينهن اڳ پنهنجي
محبوبه سان ملڻ خاطر
پير پير تي ڏئي سندس ڪمري ۾
داخل ٿيو هيس،
مونکي ڏسندي ئي
هن تي سڪتو طاري ٿي ويو،
هوءَ منهجي پرسان آئي ته
اسان ٻنهي جون اکيون بي اختيار بند ٿي ويون!
گهڙي پل لاءِ ايئن لڳو
ڄڻ ته خاموشي برف وانگر ڄمي وئي هئي!
دل جي ڌڪ ڌڪ ۾

ساهن جي سرهاڻ سان برف رجڻ ۾
رت رقص ڪرڻ لڳي هُئي.
اسان هڪٻئي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو
مونکي احساس ٿيو تہ
خاموشي بہ جڻ محبت جي ماءُ آهي!
جنهن مان پڻ لفظ ڦُٽن ٿا!
مون چنڊ تي،تارن تي،
روشنيءَ تي،موسيقيءَ تي
سُرن تي ۽ اظهار جي نمونن تي سوچيندي
هڪ نظم لکيو
مونکي ڀيهر محسوس ٿيو
خاموشي،احساس ۽ رت جي رقص جي بہ
هڪ الڳ زبان ٿئي ٿي
جنهن کي ڪو
دل وارو ئي سمجهي سگهي ٿو.

◘

## مان پنهنجا ڳوڙها پي ٿو وڻان!

مان پنهنجو درد تنهنجي اڳيان
بيان ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهيان!
هاڻي تہ تنهنجي اڳيان
روئڻ تي بہ دل نٿي ڪري!
موت سان وڙهندي وڙهندي
تنهنجي بنگلي پرسان پهچي
توکي پُڪارڻ لڳو هئس
گئلري مان تازي هوا کائيندي
تو نوڪر کي چيو تہ تون گهر ۾ ناهين!
خبر ٿئي اُن وقت
مون پنهنجي وجود مٿان
نئون وار ٿيندي محسوس ڪيو هو!
روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل ڪارڪن
بيهوشيءَ جي بستري تي
تنهنجي سار جي انتظار ۾
رت جا ڳوڙها پيو ڳاڙي!
هوڏانهن
نئين ٿهيءَ جي نوجوان شاعر کي

ڪنهن بدمعاش
گولي هڻي زخمي ڪري وڌو آهي!
لاڙ پَٽ ۾ امن جي سفير
۽ هڪ فقيراڻي طبيعت جي امير ليڪڪ جي
سار لهڻ لاءِ تو وٽان وقت رُسي ويو آهي!
مان تنهنجي گهر جي گهٽيءَ ۾
درد سان وڙهي رهيو آهيان!
۽ تون وري گئلري کان لهي
گُلن کي پاڻي پيو پيارين،
ڪيڏي نه خوشي ٿئي ها
جي تون منهنجن
خشڪ چپن تي اڌ گلاس پاڻيءَ جو رکي
مونکي
ٿورڙي آٿت ڏئي اسپتال پهچائين ها!
تون مونکان
نعرا هڻايا، بئنر لڳرايا، اسٽيٽس رکرايا!
منهنجي زمين تي قبضو ٿي ويو!
ماسترياڻي فون ڪري پُڇندي رهي ٿي ته
ٻار اسڪول ڇو نه ٿا اچن؟
پر تون مون بدران
پنهنجي خواهشن جي سرواٽي ڪري رهيو آهين!
وڏن وارن کي وهاڻو ڪري
رنگين راتيون گذاريندڙ منهنجا سهڻا سرواڻ
گهر ۾ گلن کي پاڻي ڏئي وٺ!

صبح جي واڪ بہ ڪرڻي هوندئي!
شام جو وسڪي بہ پيئڻي هوندئي!
پورهيت ۽ مزدرو جي پگهر تي
رومانس جي رنگن سان ڀرپور ۽ شاهڪار نظم
بہ لکڻو هوندئي!
رات هڪ وڏي جلسي جي صدارت بہ
توکي ئي ڪرڻي آهي!
مان ڄاڻان ٿو تہ
تون منهنجي محبت، منهنجا نعرا
۽ پنهنجو وقت وڪڻي ڇڏيو آهي!
پر
منهنجا درد،منهنجا زخم
هڪ نئون وجود وٺي
هڪ ڀيرو ٻيهر تنهنجو استقبال ڪندا
تيستائين تون مُنهنجي ارمانن جي
پراڻي براند واري
وسڪي پي وٺ
۽ مان پنهنجا ڳوڙها پي ٿو وٺان!
◘

# ڏک لڪائي نٿي سگهان!

درد ولوڙي ولوڙي
صفا ٿڪجي پئي آهيان!
ٻارن جو روئڻ تہ
برداشت ڪري ٿي وڃان
پر
موالي مڙس جا دڙڪا ۽سَس جو ڪروڌ
منهنجي جيون کي روز نئين انداز ۾
زخمي ڪري رهيا آهن!
ننڍڙي هوندي
گاهہ بہ ڪندي هيس تہ لابارو بہ!
کير بہ ڏُهندي هيس تہ
ماني بہ پچائيندي هيس!
پر ايترو ٿَڪ ڪٿي ٿيندو هو؟
ڦُٽيون چونڊيندي چونڊيندي
وڏن وارن ۽ ويڪري ڇاتيءَ وارو ڇوڪرو
چتائي ڏسندو هو تہ
منهنجو ڪانبو
ذري گهٽ پيار سان ڀرجي ويندو هو!

هاڻي ته
نہ اهي شامون ٿيون ٽڪرجن،
نہ ئي
اهي رات جا خواب ٿا واپس اچن!
خوشين جو لطف بہ نٿو ماڻي سگهجي!
ايئن لڳي ٿو ڄڻ تہ
هاڻي سڏڪن ۾ بہ ڪو اثر ئي ناهي رهيو،
مان روئان ٿي تہ مِهڻا ٿا ملن!
چُپ ٿي ڪيان تہ درد رَجهڻ ٿو لڳي!
پاڙي جون ڇوڪريون وري
مون کان ٿهڪ ٿيون گهرن!
مان ڪين ڪيئن ٻڌايان تہ
منهنجي اکين جو حُسن ۽ حيات جا رنگ
اُن ڏينهن چورائجي ويا
جڏهن اسان جي انبن واري اوطاق تي
فقير اڻو سُنگ راڳ ڳائي نہ سگهيو هو!
۽ مهمان ماني کائڻ بغير
واپس هليا ويا هئا!
ڪين ڪيئن ٻُڌايان تہ
مان هاڻي ڏُک نہ لڪائي ٿي سگهان
نہ ئي ٻڌائي ٿي سگهان!

◘

# خواب، رنگ، واعدا

خواب،رنگ، وعدا ۽ انتظار
منهنجي حيات جو ڇڙ تہ حُسن ٿي پيا آهن!
توکي سچي خبر آهي تہ
منهنجون اکيون
تنهنجن ايرينگن ۾ اٽڪي
تنهنجا ڳل چمنديون رهنديون آهن
۽ ها جڏهن کان مان گلن جي خوشبوءِ
۽ محبت جي تصور جهڙي رات
تنهنجي بستري تي ڇڏي
واپس موٽيو آهيان!
تڏهن کان پاڻ کي ڳوليندي ڳوليندي
ٿڪجي پيو آهيان !
پر سچ اهو آ تہ پاڻ سان
ملي بہ نٿو سگهان!
مونکي جيل جو قيد ڪٿي ٿو ماري؟
ماڻهن جون ڳالهيون پيون مارين!
ڪالهہ پنهنجي ئي تر جو

هڪ نئون قيدي مليو
هن ٻُڌايو پئي تہ منهنجي آزادي لاءِ
ايرينگَ وڪٽي تو هڪ وڪيل ڪيو آهي!
توکي ڪهڙي خبر تہ
مان توسان ملڻ لاءِ روز سَنبرندو آهيان،
پر سنبرندي سَنبرندي
ڳالهين جي ڳنڍ
۽ لُڙڪن جو گلاس
جيلر جي ٽيبل تي وساري
ڪوليءَ جي ڪنڊ ۾ روئندو آهيان تہ
مونسان گڏ ٻيا قيدي بہ
روئڻ شروع ڪندا آهن!
تون ٻيهر وڪيل وٽ نہ وڃجانءِ
ڇو تہ جيل ۾
مان هڪ ڊائري لکي رهيو آهيان
جيڪا
خوابن، رنگن، وعدن ۽ انتظار جي
هڪ اهڙي ڪهاڻي هوندي
جنهن جي بئڪ ٽائيٽل تي
نم جو وڻ، چنڊ جا ليئاڪا،
روشنيءَ جا عڪس
۽ قيدين جا سڏڪا هوندا!

رات ته مون هڪ خواب لڌو آهي
جنهن ۾ ٽُم جو وڻ، نئين واٽيل ڪٽ،
اَمان جي هٿن سان پريل پرت وارو وهاٽو
تنهنجن هٿن سان
سِبيل ٽُڪ واري رلي، تنهنجو ياڪر،
روشن صبح جا ڪرڻا،
گلن جي تازي خوشبوءِ
۽ ٻگولا جو نئون گيت
مونکي سڏي رهيا آهن!

## سڪ مري ئي نٿي!

انتظار جي ڪا عمر ناهي ٿيندي شايد!
تون پڙهڻ جهڙو ٿئين تہ
منهنجي پهرين وهيءَ جو انتظار
اسڪول جي دروازي تي
روز نوان خواب ڏسندو رهيو!
تنهنجا ڦوٽو تنهنجا ڪپڙا
گرم سُئيٽر اڄ بہ سنڀالي رکيا اٿم
سياري جي شديد سرديءَ ۾
توکي ماکي کارائڻ کان وٺي
راتين جا اوجاڳا
تنهنجون مُرڪون، تنهنجو ضد، تنهنجا ماٺا،
بستري تي
مونسان ياڪريون پائيندا ٿا رهن!
تون ٻاهرئين ملڪ پڙهڻ وئين
تنهنجي موٽڻ جو انتظار
اکين ۾ سدائين جاڳندو رهيو آهي!
پر ڪجهہ عرصي کان

تنهنجا فون نياپا،واٽس اپ ڪال
۽ واپسيءَ جا پنڌ
سڀ ننڊ پئجي ويا آهن شايد!
ماڻهو ٻُڌائن ٿا تہ
تون عمر سان گڏ وڏي پگهار وارو
وڏو ماڻهو بہ ٿي ويو آهين!
مان ڪمري جي ڪُنڊ ۾
پڙهين ڪان لڪي لڪي
هر روز روئندي آهيان!
تون سچ پچ ۾ ايڏو وڏو ماڻهو
ٿي ويو آهين ڇا؟
منهنجو انتظار
اسڪول جي دروازي ڪان ٿيندو
تنهنجي ڪشادي آفيس جي در تي
اُپ پيرين بيهي بيهي
توسان ملڻ لاءِ بي قرار آهي!
مُنهنجي اکين جا جهروڪا
۽ ڇهري جا گهنج
انتظار جو گيت ڳائي رهيا آهن،
آفيس کا ٻاهر نڪري ڏس
در تي بيٺل ڇوڪرو
منهنجي گيت تي مونسان گڏ

روئي رهيو آهي!
منهنجي انتظار جي
پرڏيهي ويزا جو مدو ختم ۽
واپسيءَ جي فلائيٽ جو
ٽائيم بہ ٽيڻ وارو آهي!
تنهنجي انتظار کي
مان پرديس ۾ رولڻ نٿي چاهيان،
ٿي سگهئي تہ ٿورڙو ٻاهر نڪري
مونکي نندڙو ياڪر پائي وڃ
تنهنجي سِڪ مري ئي نٿي!

# پيار ۾ روڳ ڇا ٿيندو آ؟

سڪون جي ڳولا ۾ نڪتل مسافر
توسان تہ مليو پر
دل وساري دير سان گهر پهتو!
تون وري ساڻس
پهرينءَ ملاقات ۾
ڪيل سمورا وعدا ڳنڍ ۾ ٻَڌي
واپس هلي وئينءَ تہ
موٽڻ جي ئي نہ ڪَيئي
درد جي لذت بہ عجيب ٿيندي آ
تو ڪڏهن
وڇوڙي جي لڙڪن کي
چَکي ڏٺو ناهي شايد
رات کان منهنجي اندر ۾
هڪ نئون احساس
ور ور ڏئي جاڳي رهيو آهي
تون گڏ هُجين ها تہ
توکي اُن احساس جي چادر اوڍي

گهڙي کن لاءِ
پنهنجي پاڪر ۾ سمهاري
توسان دير دير تائين
ڳالهيون بہ ڪيان ها
۽ توکي محسوس بہ ڪرايان ها تہ
پيار ۾ روڳ ڇا ٿيندو آ؟
خبر ٿئي
هائوس جاب دوران اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ
بلوري اکڙين ۽ وڏن وارن واري
سُهڻي نرس
جنهن لاءِ جڳ جهان مرندو هو.
هوءَ وري
روز صبح جو مُنهنجي هٿ ۾
تازو گل ڏئي
مُرڪ جا بادل وسائيندي
مونکي آهستي آهستي
عاشقيءَ جي اُن پنڌ تي وٺي ويندي هئي
جتي هرڪو
پنهنجي دل ۾ اکيون وساري
شايد ئي واپس موٽيو هجي!
پنجويهہ سال گذري ويا هوندا
پر مان سندس ڏنل آخري چمي
اَج تائين

وساري ناهيان سگهيو!
۽ تون وري وعدن جي ڳنڍ
در کان ٻاهر اُڇلي
وارن کي پونيءَ ۾ ويڙهيندي
هڪ ڀيرو بہ پوئتي نهارڻ پسند نہ ڪيو!
مان سوچيان ٿو
هي سائنس جي ترقي آهي
يا روين جي جنگ
مان جارح ناهيان
تڏهن تہ جرح پسند ناهيان ڪندو!
نئين پينٽنگ
ڀلا ڪنهن کي نہ وڻندي هوندي؟
پر گهاٽي وڻ جي ڇانوَ
۽ پراڻي ياريءَ جي عمر جا
احساس ۽ لباس
اُن پينٽنگ کان هزار ڀيرا بهتر آهن
جيڪي تيز بارش ۾ پچندي
نہ رنگ مٽائيندا هُجن
نہ روين کي
زنگ لڳائي سگهندا هجن.
تون مونسان ڀلي پيار نہ ڪر
پر جنهن سان بہ ڪرين
دل اُن جي گهر رکي

پوءِ ئي ٻاهر نڪرجانءِ !
ڇو تہ مُحبت جو مزو
۽ زندگيءَ جي حسناڪي
ڪنهن ڪي وساري ڇڏڻ ڪان
وڌيڪ ياد ڪرڻ ۾ آهي!
تڏهن تہ
گُلن واري نرس جي مُرڪ
منهنجي ڪمري جي
روشندان مان ليئاڪا پائي
مونکي
خوشبوءِ خوشبوءِ ڪندي رهي ٿي!

# مسيحا

مان هڪ مسيحا آهيان!
راتين جون راتيون
موت جي فرشتي سان
سامهون ٿي،
جاڳ جي جنگ وڙهندو رهان ٿو.
هڪ دوست چيو
تون پاڻ بيمار ٿي پيو آهين شايد!
ٻئي دوست چيو
تنهنجا نظم بيمار ٿي پيا آهن ڇا!
ٽيون چوي پيو
لکڻ مهل
پنهنجي شعبي جو تہ ڀَرم رک!
مون سندن ڳالهيون ٻڌي مُرڪي ڏنو!
مون کين ٻڌايو تہ
سنڌ جي جر ڪنڊڙ سونهن واري هڪ شهر ۾
تازو هڪ مشاعرو ٿيو
هڪ نوجوان نظم پئي پڙهيو

مون ڏٺو
زندگي جهومي رهي هئي،
مَڌ ڀريا گلاس رقص ڪرڻ لڳا هئا
مان هُن جي لهجي ۾،
رواني ۽ ۾ ۽ چپن تي
حسن کي نئين ويس ۾ مُرڪندي ڏٺو!
مون ٽنهي دوستن کي چيو
اسان ٻنهي فيصلو ڪيو آهي ته
اسان مان هڪ حسن ۽ حيات تي لکندو،
ٻيو موت سان ويڙهه تي لکندو!
هو جيڪو لکي پيو
اهڙو حُسن، اهڙو رنگ مان ڪٿان آڻيان!
۽ مان جيڪو پوڙهو پيو
اهو شايد هن جي عمر ناهي پوڙهيو!
هو ڍنڍ جي ڪناري تي،
مَڌ سان گڏجي،
لفظن کي رقص ڪرائيندڙ ڪوي آهي!
۽ مان وري
آرام جي انجيڪشن سان درد کي سُمهاري
تهجد ويل ڪو نظم لکي
پنهنجن لُڙڪن کي ماڻهن سان ملائيندڙ
هڪ اهڙو مسيحا آهيان
جيڪو شفا جا در ڳوليندي ڳوليندي

ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بيمار ٿي پوي ٿو!
مون ٽنهين کي چيو
فطرت جا رنگ ميڙڻ ۽ مُرڪن کي موٽائڻ لاءِ
تخليقڪار کي اکين جي ننڊ اُڏاري
خوابن سان گڏ ساپيان جو
نئون ديس اُڏڻ لاءِ پاڻ کي ٻارٽو ٿو پوي!
مون هُنن کي چيو
اسان ٻئي چُمي ۽ مزاحمت سان
هڪ جيترو پيار ڪندا آهيون،
اسان کي لکڻ ڏيو
اسان ٻئي هن سُهڻي ديس جي
نئين سِر اڏاوت ۽
علاج جي تلاش ۾ نڪتل
مسافر شاعر آهيون!

## سوڳ جهڙو لقاءُ

گهٽا ڏينهن اڳ ڪنهن
پرڏيهي شاعره ڪي پڙهيم پئي
هن لکيو آهي تہ
”ڪجھ ماڻهن سان
ويجهڙائپ وارو رشتو جڙڻ ڪانپوءِ
ايئن لڳندو آهي
ڄڻ اُنهن جي جذبات ۽ احساسن جو ڀيو گهر
اسان جي ڇاتي ئي هجي.“
مان اهو نظم ياد ڪندي ڪندي نيٺ تي
جذبات، سونهن ۽ رشتن جي تعلق بابت
ڪيترائي مضمون ۽ شعر ڳوليندو رهيس!
هر جاءِ تي ان شاعره جي
مختصر نظم جا عڪس نظر پيي آيا!
پوءِ مون سوچيو اهو سچ تہ آهي
شاعرن جون ڇاتيون بہ
سونهن، پيار، درد ۽ سُندرتا جو
اهڙو پڙ هونديون آهن

جتي شاعراڻيون ڪيفيتون
ڏک ۽ خوشيءَ جا مختلف ويس اوڍي
احساسن جي وشال ڪائنات جي
دلرباءِ دلفريب رنگن ڪي
نئون نئون جنم ڏين ٿيون!
مان پنهجي اندر جو جائزو ورتو
پيڻ جي ڄمڻ جي خوشي،
پاءُ جي شهادت ڪانپوءِ
امان جي اکين جي روشنيءَ جو رُسي وڃڻ!
بابا جي اوچتي خاموشي،
پُوري مينهن جو مري وڃڻ،
واھ جي ڪپ تان ٿارين جو ڪپجڻ،
پاڙيسريءَ جي
اڪيلي پٽ جو يُنگ لاءِ اغوا ٿيڻ،
ڳوٺ واري ڍنڍ تان
بندوقن جي لڳاتار ٺڪاون ڪانپوءِ
پکين جو مرڻ ۽ ٿهي وڃڻ،
اسڪولن مان ماءُ ٻوليءَ جو لڏي وڃڻ،
پوسٽ گريجوئيشن واري عرصي دوران
پرڏيهي چوڪريءَ سان
سياري جي سرد ۽ ڊگهين راتين ۾
پيار جون ڳالهيون ڪندي ڪندي

ناراض ٿيڻ ۽ روئي پوڻ!
رات جي آخري فلائيٽ ۾
سندس وطن واپسي!
۽ ڪيس پرچائڻ لاءِ مون پاران
پرڏيهه وڃڻ جي تياري!
۽ ويزا جي رد ٿيڻ جهڙا ڪيترائي
لڙڪ, درد ۽ قصا
منهنجي ڇاتيءَ جي جَڏي پٽ ٽپندي
مونکي ماريندا ۽ جيئاريندا رهيا آهن!
هي سياري جي راتين ۽ اوجاڳن جهڙا
نظم
جيڪي نوجوان عاشقن جي اکين کي
اُجاريندا ۽ روئاريندا رهن ٿا
ايئن لڳي ٿو ڄڻ
اڌ صديءَ کان منهنجي ڇاتيءَ جي آڳر ۾
ڪير پيئندي پيئندي وڏا ٿيا هُجن,
تڏهن تہ نئين نسل جي
اکين کي سوجهري ڏيڻ جهڙو مرتبو ماڻڻ جي
ڪجهہ وجي ويجهڙو محسوس ٿا ٿين!

# ڏک جي کاٽي

ڪالهہ شاگرديائين جو هڪ پُراڻو
گروپ ملي ويو.
جن سان گڏجي ڄڻ حيات جا
نوان رنگ ميڙيا هئا
ماضيءَ جيان
ڪينٽين ۾ چانءِ،برگر،سموسن جو آرڊر ڏئي
ڳالهين جون ڳنڍيون کوليوسين!
هن ڀيري سندن گفتگو جو موضوع
بلڪل مَٽيل هو
نہ چيگم هئا نہ چاڪليٽ!
فيسبوڪ ۾
نين موويز جي ذڪر کان خالي
هُو هڪ اهڙو سوالي پيپر کولي ويٺيون!
جنهن جي هر سوال ۾
درد هو، ڏڄ هو، پيڙ هو، ڪروڌ ۾ احتجاج هُيو!!
هڪ چيو پئي يار
سوشل ميڊيا تہ رت سُڪائي ڇڏيو آهي!
رات ادا جي فون آئي

چوي پيو گهٽو ٽيو پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي
واپس موٽي آ!!
ٻي چوڻ لڳي چري آن ڇا! متان واپس وئي آن!
سيڪجهہ پاڻ تي آ
پاڻ کي تہ ڪنهن ڪجهہ ناهي چيو!
ٻي چوڻ لڳي سچ ٿي چوين
پر جي ڪو چوي ٻہ ها تہ
اهڙيون ست سُريون ٻڌايانس ها جو
وچي ڏيهہ کي ڏس ڏئي ها!
ٽين مونسان مخاطب ٿيندي چوڻ لڳي
۽ هي معاملو
ڪنهن هڪ اداري جو آ!
ڪلهہ مون هڪ انٽرنيشنل نيوز پيپر پئي پڙهي
پر پاسي جي ملڪن ۾ بہ اهڙا واقعا ٿيندا رهن ٿا
پوءِ ڇا ڇوڪرين پڙهڻ ڇڏي ڏنو آ؟
هو سڀ ان ڳالهہ تي متفق هيون تہ
هڪ اڌ واقعي جي ڪري
جيڪو هر حال ۾ ٿيڻ بہ نہ گهرجي
پر هڪ اهڙي شخصي رويئي جي ڪري
هي سڀ پوڳيون پيا
جيڪو نالي جو اُستاد تہ آهي
پر استاد آهي ڪونہ!
هو چون پيون
ڪيڏي نہ ڏک جي ڪهاڻي آ هي

جنهن جي ڪري
اُستاد جي عظمت تي سوال اُٿيا آهن!
نياڻين جي تعليم تي اثر پيو آهي!
اداري جي وقار کي ڇيهو رسيو آهي!
هن قسم جي واقعن جو ورجاءُ
نہ ٿيڻ گهرجي!
اسان کي بولڊ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو!
انتظاميا توڙي استادن کي
اکيون کولڻيون پونديون
والدين کي ادارن کان لاتعلقيءَ وارو رويو
ختم ڪرڻو پوندو!
مون سندن ڳالهيون ٻڌي سوچيو پئي
هي چنچل ڇوڪريون
جن جي حيات جا موضوع
ڪلاس روم، سبجيڪٽ، نيون موويز
ڄامشوري جي شام، المنظر جا رنگ
۽ مستقبل جي
حُسناڪ خوابن جهڙا روشن هئا
هو اڄ هيئن ڇو پيون سوچن !

## جوڀن جو آڳر

دل چوي ٿي رات جي خاموشيءَ کي
ڀاڪر پائي نچڻ شروع ڪيان!
منهنجي پيرن ۾ پيل جهانجهر
تنهنجي دل جي آڳر تي
سمورا خواب وکيري،
بار بار رقصان رقصان ٿي
محبت جو نئون گيت ڇيڙي!
هو ڏس اُجري ڍنڍ ۾
ٻلبن جي روشنيءَ ستارن جي جهرمر،
مُرڪندڙ ڇهري جهڙو
دلربا ڳوٺ ٿا لڳن جڻ!
تون وائين جي گلاس تان
چَپ هٽائين ڇو نہ ٿو؟
منهنجي پرسان اچي ويهہ
مون تو لاءِ وسڪي جي
هڪ نئين برانڊ آندي آهي!
اڄ تہ اڄ پاڻ گڏجي ٿا پيئون!
اسڪن ڪلر جي جينس

ڪاري رنگ جي شرٽ
۽ ڳِري ڪلر جو شولڊر بئگ
مون توڏي
ڪيتري نہ پيار مان موڪليا هئا
اهي توکي وڻيا بہ الائي ڪونہ!
پر مونکي اها پڪي خبر آ تہ
توکي منهنجا ٿهڪ،
خماريل اکيون، گڏ مارننگ جي
۽ پاڪر پائي پرڇائڻ وڻندو آهي!
مان روئنديس،نچنديس، منٿون ڪنديس
پر اڄ توکي پرڇائي پوڇڻ ئي ٽڪ پڇنديس!
تون وائين کي پري رک
مون ڏي ڏس،
مان ڪيڏو سَهي سنبري آئي آهيان!
منهنجي ويجهو اچ
مان مَڏ جهڙي بدن جو هر رنگ
تنهنجي ساهن ۾ اُوتڻ جو
وچن ورجائڻ آئي آهيان!
تون ٿورڙو مُرڪ، مونسان گڏجي
ڳالهين جا بہ پئگ پي!
تنهنجي پاڪر جي رومانس سان
منهنجي جوڀن جو آڳر
خوشبو خوشبو ٿي ويندو.

■

## ٻوڙهن جو ڳُجهه

هوءَ رقص کان انڪار ڪندي
پيرن جي پايل ۾پنهنجن لُڙڪن کي
درياءَ ۾ لوڙهڻ وئي تہ
درياءُ زور زور سان روئڻ لڳو!
ڪپ تي بيٺل پراڻي ٽاريءَ جي
ساون پنن ڇڻڻ شروع ڪيو!
اوچتو هڪ مُصور اُتان لنگهيو.
پنهنجي اکين سان
درياءَ جي ڪيفيت ۽
ٽاريءَ جي ڏک جو لقاءُ ڏسندي
حيرت ۾ پٿجي ويو!
هِن کان اڳ هو ڪيترين ئي
شاهڪار تصويرن ۾ رنگ ڀري
وڏو نالو ڪمائي چڪو هو!
هُن گهڻو وقت اڳ
هڪ رقاصا جو انٽرويو ڪندي
سندس اکين جي
شاهڪار تصوير ٺاهي

پنهنجي ڪمري ۾ لڳائڻ بدران
رد عمل ڏسڻ لاءِ چوڪ تي رکي
پاڻ فوٽ پاٿ تي ويهي رهيو هو!
هُن ڏٺو ته
شهر جا ڇوڪرا
پنهجن اکين جا رنگ
اُن تصوير تي هاري نچڻ لڳا هئا!
هن کي وري رقاصا جي
پيرن ۾ پاتل پايل جي اسرار جو
اندازو تڏهن ٿيو
جڏهن درياءَ جا سڏڪا ۽ پنن جو ڇڻڻ
سندس مَن ۾ طوفان ڪڙو ڪرڻ لڳو هو!
هُن گهر وڃي
سمورا رنگ هاري ڇڏيا،
رقص جي تصور، رقاصا جي انگ انگ
۽ ڇير جي ڇمڪڻ تي
سوچيندي سوچيندي
مصور هڪ نئين تصوير ٺاهڻ شروع ڪئي!
پر هن جي تصوير ۾
رقص جا انگ قيد ٿي نه پئي ٿيا!
هو روئندو به رهيو
۽ تصوير به ٺاهيندو رهيو!
تصوير ٺاهي
اطمينان جو ساهہ کڻڻ ٿي لڳو ته

هڪ ڪراڙو شخص اُتان لنگهندي
سندس تصوير هٿ ۾ ڪٽي
چوڻ لڳو
ماءَ جي پيار محبوبہ جي ادا،
ٻار جي مُرڪ ، جهانجهر جي آواز،
چنڊ جي روشني
۽ رقاصہ جي پيرن جي آڱرين واري درد کي
ڪنهن تصوير ۾ قيد ڪرڻ ايئن آهي
جڻ ڪائنات جي
حسين تصور جو ساهہ
هڪ مُٺ ۾ بند ڪرڻ جي ناڪام مشق!
اها ڳالهہ ٻُڌي
مصور جي هٿ مان برش ڪري پيو
چپر جي چمڪي تي
درياءَ جي سڏڪن ۽ پنن جي ڇڻڻ جو راز
هن کي نئين سر سمجهہ ۾ آيو تہ
چوڻ لڳو
آرٽسٽ جي برش مان اُپرندڙ رنگن،
رقاصا جي آڱرين
۽ شاعر جي ڳوڙهن جي ڳُجهہ کي
دنيا وارا سمجهي وڃن ها تہ
شايد
بندوق ۽ گوليءَ جو نالو بہ نہ هجي ها
نہ ئي ڪو راهہ ويندڙ مسافر

اسڪول ويندڙ ٻارڙ پيار ڪندڙ عورت
قتل ٿئي ها!
نہ ئي دنيا ۾ ڪٿي نسلي
۽ فرقيوارانہ فساد ٿين ها!
هن رات جو دير دير تائين جاڳي
پيپر، پايل، درياءَ، پاڻي ۽
تاريءَ جي چانوَ جا عڪس ليڪيندي
هڪ نئين تصوير ٺاهي ورتي!
مينهون درياءَ ۾، ٻار تاريءَ چانو ۾
۽ رقاصا اسان جي ڳوٺ واري
پراڻي اوطاق ۾ پيار جي گيتن تي
ڳوناٽن کي جهومائي رهي آهي!

## ماڻهو ماڻهوءَ کي ڇو ٿو ماري؟

مونکي لڳي ٿو تہ
اسان سڀ حيات جي ڦلواڙيءَ جا
ساڳيا ئي گُل آهيون!
هٿن جون آڱريون، پيرن جا نشان،
اکين جون ماڻڪيون،
سڀ تہ ساڳيون ئي آهن!
ساهہ کڻڻ لاءِ آڪسيجن ساڳي،
چانو ۾ ويهڻ لاءِ وڻ ساڳيا،
سج اُڀريو تہ ساڳيو ڏينہن،
چنڊ اُڀريو تہ روشني ساڳي،
دل جا خانا، ڦڦڙن جون ناليون
رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت جو رنگ بہ
ساڳيو ئي تہ آهي!
مَتيل هجن تہ ڪو شايد
هٿ جي لڪيرن جا نشان،
پيرن جي آهٽ
اکين جا رنگ ۽ جسم جي بيهڪ!

مُرڪ جو نمونو آواز جي لئي
ملڻ جو انداز متان ڪٽي ٽورڙو مَٿيل هجي!
سوچيان ٿو تہ پوءِ
اسان جا رويا ايترا جدا جدا ڇوٿا ٿين ؟
ساڳي هوا ۽ ساڳي رُت ۾
هڪڙا پيار کي ڳوليندي ٿڪجن نٿا
تہ ٻيا وري نفرت جي باھ ۾
پاڻ بہ رَجهن ٿا ۽ سماج کي بہ ساڙين ٿا!
ٻار جي مُرڪ کي ماري،
سِڪايل مائرن جون جهوليون خالي ڪرڻ لاءِ
سدائين آتا ۽ اُتاولا ماڻهو
رات جو گولين سان گڏ سُمهن ٿا!
۽ صبح جو وري
رت جي نئين راند کيڏڻ جو سوچي
اندر کي اُجارڻ بدران
بندوق جي ناليءَ کي صاف ڪري
شاعرن پاران لکيل
امن جي گيتن ۽ پکين جي پَرن کي
ساڙڻ جا روز نوان سانباها ڪن ٿا.
هاڻ تہ منهنجي محبوبہ وانگر
منهنجا نظم بہ مون کان رسڻ لڳا آهن،
رات دير تائين جاڳندو رهيس
نظم مونڏانهن آيا ئي نہ پئي

وڏين منٺن ڪانپوءِ هو مون وٽ آيا آهن!
نوجوان مريضہ کي
’آءِ سي يو‘ ۾ بستري تي ننبڊ سمهاري،
مانيٽر جي ٻيڇاريندڙ
آواز کان ڪن لاٿار ڪري،
اوهان دوستن کان
ڏکويل دل سان پُڇي رهيو آهيان
مونکي ڪير ٻڌائيندو تہ
ماڻهو ماڻهوءَ کي ڇو ٿو ماري؟

◘

# خواب ٻہ چوري ٿيندا هن ڇا؟

خواب چوري ٿيندا هُجن ها تہ
مان پنهنجو ڪمرو
خوابن سان ڀري ڇڏيان ها
وار وڏا هوندا هئا تہ
پاڙي جا هَڙئي ڇوڪرا
قِسمين قِسمين گُل ڪٽي
منهنجن وارن ۾ اَٽڪائڻ لاءِ آتا هوندا هئا!
منهنجي ڪمري جي ڇت،
سموريون ديوارون،روشندان،
وهاڻي جي ڇِو، بستري جي چادر
۽ ڊرائنگ ٽيبل
هر ماڻهوءَ کي ايئن وڻندي هئي
جيئن شاعرن کي
محبوبہ جي پهرين نهار وڻندي آهي!
مان هاڻي ٻہ ڪو اهڙو ئي خواب
ڳولي رهي آهيان!
جنهن ۾ مُنهنجو وچايل وجود،
جوين جو رومانس ڇپن جي مُرڪ،
وارن جي خوشبوءِ

ءِ ادائن جي ڪنواري ڪهاڻي،
ڇاتيءَ تي بارش جهڙو راڳ آلاپي سگهي!
رات مون پنهنجي جوانيءَ جي
هڪ پراڻي وڊيو ڪلپ پئي ڏٺي
وڻ هئا، پکي هئا،
جُهڙ هو، رنگ هئا، گُل هئا، خوشبو هئي
مان هُن جي مضبوط ٻانهن ۾ قابو ٿي
اکيون پوري ٿڌو ساهه مس ئي کنيو ته
مينهن وسي پيو هو!
مان بارش ۾ ڀِڄندي ڀِڄندي
رنگ رنگ ٿي اُڏرڻ لڳي هئس!
مون اکيون کوليون
آسمان تي ست رنگي انڊلٺ نظر آئي!
مونکي هُن چيو
هي عورت جي جواني جو اهو جلوو آهي
جيڪو حقيقي پيار ماڻڻ ڪانپوءِ
هوا ۾ هُڳاءَ سان گڏ
رنگن جو مينهن وسائي ٿو!
مون سوچيو:
مان پاڻ هڪ خواب هُيس
پَر وقت منهنجا رنگ چورائي ويو!
پر مان هاڻي
ڪو به خواب چوري نٿي ڪري سگهان!

◘

# پيئڻ کان ڇو ٿي روڪين؟

مونکي پيئڻ کان ڇو ٿي روڪين؟
مان مرڻ ڪٿي ٿو چاهيان!
اونداهي رات آ
ميڻ بتي به نه ٻاريان.
تارا ميڙڻ کان به جهلين ٿي،
تون به ته مونسان پيار ڪري
ڄڻ ٻاهه ۾ هٿ وڌو آهي!
مان گل گڏ ڪري رکان ٿي مس ٿو ته
منهنجن ڳوڙهن
وانگر سُڪي ٿا وڃن!
گل پاڻ کي سُهڻن هٿن مان ڪرندي
۽ پيرن هيٺان لتاڙبو ڏسي
ڏاڍو رنا هوندا شايد!
مون ڪٿي پڙهيو هو ته
اُڏرڻ مهل
ڪنهن پکيءَ جو پرَ ٽٽي پئي ته
ٻيا پکي اُن جو ساٿ ناهن ڇڏيندا!
پر هتي ته بيمار کان پُڇبو ڪونه

چگُي ڀلي مان
ڀاڪر ڪيڏبو ئي ڪونہ!
’بيٽ مئڪر‘ هڪ هنڌ لکيو تہ
”پيار ڪرڻ بہ جڻ ڪا جنگ آهي!“
اهڙي جنگ جنهن ۾
دشمن واري جي تاڙ ۾ هجي،
تون
مونسان پيار ڪرڻ ڇڏي ڏي
ماٺهو هاٺي محبت جي نالي
۽ اعتماد ڪي بہ وڪڻڻ لڳا آهن!
مان بہ تنهنجن اکين جي
تصوير جو ڇميءَ وارو اشتهار
اخبار ۾ ڏئي
رات ڪان وسڪي پي رهيو آهيان!
تون بيمار ٿيندينءَ تہ
ڪهڙي ڪم جي؟
مان تہ تنهنجي مرڪ کي مارڪيٽ ۾ وڪڻي
نئين گاڏيءَ تي
ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان
پيار ڪرڻ لاءِ
برفاني علائقي ۾ نڪري آيو آهيان!
مونکي
پيئڻ ڪان اجايو ٿي روڪين!
تون منهنجي ڪمري جون

سيئي بتيون بند ڪري
پلي اڪيلي سُمهي پئہ
مان جيڪو
لکندو آهيان، اهڙو ڇوڪري سمجهين؟
توکي تہ خبر آ
نئين براند جي وسڪي،نئين ماڊل جي گاڏي
۽ سُهڻي ڇوڪري
منهنجي ڪمزوري رهي آهي!
مان ٻهراڙيءَ جي شاعرن وانگر
چُڙي چُڙي مرڻ نٿو چاهيان!
تون مونکي پڙهڻ بدران
منهنجي شاعريءَ جو ڪتاب پڙهندي ڪر!
ٻاهر بارش بہ وسي ٿي
بادلن جون ڊوڙون مونکي سَڏين ٿيون
وسڪي پيئڻ جو وقت بہ ٿي ويو آهي!
هاڻي ميسيج بند ڪر
تہ ڪو نئون نظم لکي
دل جو غبار هلڪو ڪيان.
مونسان ٿورڙي بہ دل اٿئي تہ
مونکي پيئڻ ۽ پيار ڪان
ڪڏهن بہ نہ روڪجانءِ!

# ٻانهون ڪير مَروڙيندو؟

آئيني جي سامهون بيٺل ڇوڪري
پنهنجي ئي اکين ۾ جهاتي پائي
سوچڻ لڳي
لڙڪ سُڪي به ويندا آهن ڇا؟
مان رُني ته هيس پر
نه ڳل آلا ٿيا آهن نه ٽشو پيپر ئي ڀِڳو آهي!
درد به پنهنجي صورت
تبديل ڪندو آهي ڇا؟
بي حسي، بيوفائي ۽ ڏوکو
جدائيءَ جي لذت جو مزو ئي ماڻڻ نٿا ڏين!
وڇوڙي جي گيت کي ڪو
ٻُڌڻ وارو ناهي ته
سُر به پنهنجو سُرور وڃائي ٿا ويهن !
هوءَ وارن ۾ برش ڦيرائيندي
پنهنجي ڇاتيءَ، پنهنجي چيله
۽ ڳٽن جي ڊمپلس ڏانهن ڏسندي
پاڻ کي چوڻ لڳي؛
جوانيءَ جي هِن اڳڻ تي
ڪنهن کي به رنگ هارڻ نه ڏينديس.

هو منهنجا خواب ته
پورا پورا ڪري ويو!
پر منهنجون اکيون
جيڪي سڄي شهر کي ونڊيندڙ هيون
انهن جو پاڻي به چورائي ويو!
هن کي پاڻ تي غصو اچڻ لڳو!
پنهنجن اکين، چپن ۽ وارن ڏانهن ڏسندي
بيهر چوڻ لڳي
پر هن حسن، جوڀن، ۽ جمال کي
اڪيلائي ته ويتر ماري وجهندي.
منهنجي خيال ۾
اکين جي ڳوڙهن کي ٻيهر تلاش ڪري
ڪنهن جي هنج ۾ هارجي!
ڪنهن نئين درد کي ڳولي
پاڻ سان گڏ سمهارجي!
جي ايئن نه ڪيم ته
منهنجي اندر جو رنگ ڦڪو ٿي ويندو.
منهنجون ٻانهون ڪير مروڙيندو
منهنجون ٽُٽل
چوڙيون ڪير ميڙيندو!؟
پيرن جي پازيب زنگجي ويندي،
مان آئيني جي سامهون
شايد ٻيهر ڪڏهن بيهي به نه سگهان!

◘

# اڪيون ڇو نہ ٿي کولين؟

صبح جو تہ پاڻ مرڪي موڪلايو هو
تو جلدي موٽڻ جو انگل بہ ڪيو هو!
ڏِس مان واپس موٽي آيو هان
شام کان انتظار ۾ آهيان!
پر تون اکيون ئي نٿي کولين!
گذريل رات دير دير تائين
پاڻ جاڳَ جا خواب لهندي
هنج ۾ هڪ نئون سپنو ڏنو هو
مان مزدوريءَ تي هليو ويس
تون ويم جي سورن سبب
سرڪاري اسپتال جا ڌڪا کائي
ڏاڪڻ تان لهندي ڪري پئي هُئينءَ!
اها خبر مونکي تڏهن پئي جڏهن مان
تولاءِ هڪ صوف ۽ ڪجهہ ڏاڙهون داڻا
خريد ڪري گهر پهتو هئس!
ايئن نہ سوچجان تہ مونکي تنهجو فڪر ئي نہ هو!
پئسا شام جو مليا موبائل ۾ بئلنس هيو ئي ڪونہ
تڏهن تہ ڪال ڪري نہ سگهيو هُيم!
مون ٻڌو آ تہ ويم گهر ۾

نہ ڊليوري ٽيبل هئي نہ بسترو خالي هو!
نوان نوان پوسٽنگ آرڊر نڪتا آهن
ڪيٽريون ئي پوسٽ گريجوئيٽ
۽ هائوس جاب ڪندڙ ڊاڪٽرياڻيون
سيڪريٽريٽ ۾ وينٽل ڪرسين جو
پئسن سان پيٽ ڀرڻ لاءِ موڪل تي ويل آهن!
۽ سينئر ڊاڪٽرياڻيون
پنهجي خانگي دڪان تي
ڪائونٽر تان ڪيش ڳڻڻ ۾ مصروف آهن!
۽ڪي وري پنهنجن ٻارن کي
ٻاهر ڊنر ڪرائڻ لاءِ تياري ڪندي
ڪپڙن جي چونڊ لاءِ پريشان آهن!
چون ٿا
گهڻو رت وهڻ سبب تون ڪِري پئي هئينءَ!
توکي اسٽريچر تي کڻي،
ايمرجنسي آپريشن بعد
ٻاڻ واري راتوڪي سپني کي
ٽوال ۾ ويڙهي ٻاهر ڏنو اٿن
پر پنهنجو سپني جو ساهہ گهُٽيل آ!
۽ هو نيرو نيرو ٿي ويو آهي،
نہ ٻاڻ وارو سپنو ٿو جاڳي
نہ تون ئي اکيون ٿي کولين!

# ٻيهر روئڻ نٿو چاهيان

ٻارن واري ٿيئٽر مان
سهڻي سياءُ وارو ٽيڪنيشن ڇوڪرو
خوشي خوشي مان واپسيءَ تي
ڪو گيت گنگنائيندي چوڻ لڳو سائين
ٻاهر واهه جو ڪڪر پيا وسن!
نرسنگ هاسٽل جون سيئي ڇوڪريون
بارش جي ڳڙ ڳڙ تي
تيز هوا سان گڏ رقص ڪري رهيون آهن!
مان به برسات جي پاٽيءَ سان
پاڻ کي وهنجاري هتي پهتو آهيان!
اوهان کي به ته بارش ڏاڍي وڻندي آهي نه!
مان ڪيس چتائي ڏٺو
هو پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چوڻ لڳو
برسات ٻاهر جڙ ڪو درد وسائي رهي آهي.
سائين ڪو نئون نظم ته ٻڌايو!
مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان ته
ڇهن ڪلاڪن جي ڏکي جدوجهد ڪانپوءِ به
مان ڇويهن سالن جي

سانوري عورت کي بچائڻ بجاءِ
لاش ٻاهر ايمبولنس ۾ روانو ڪري
پنهنجي آفيس ۾ ايترو رنو آهيان
جو منهنجن نظمن جا
سيئي ڳوڙها ايمبولنس جا سائرن چورائي
روڊ ڏانهن روانا ٿيندي ئي
ڪڪر ڪڪر ٿي وسڻ لڳا آهن!
مان وري روئڻ شروع ڪيو ته
هو مونکي ٻانهن مان وٺي،
آتو ڪليو واري گئلري مان
بارش وسڻ جا رنگ ۽
ڪڪرن جون ڊوڙون ڏيکاريندي
پُڇڻ لڳو
بارش جي آواز ۾
رومانس ۽ درد جي اسرار جا
احساساتي رنگ اوهان کي ڇو وڻندا آهن؟
مون اوهان جي نظمن ۾
اهي سڀ رنگ بار بار ڏٺا آهن،
مان ٻيهر روئي پيس،
هُن کي رت ملي ها ته هوءَ بچي پوي ها،
هوءَ ڳوناٺي دائيءَ وٽ
ڪوشش ڪرائڻ بدران
سڌو هِتي اچي ها تڏهن به بَچي پوي ها!

منهنجو من بارش جيان وسڻ لڳو!
۽ هو منهنجا ڳوڙها اُگهندي چوڻ لڳو
سائين جلدي ڪيو
چون ٿا هڪ ٻيو بہ اهڙو ئي مريض آيو آهي!
مان آپريشن ٿيٽر ڏانهن ڊوڙڻ لڳس
آڪسيجن ختم ٿي وئي آ!
هيماسل جي ٿيلهي بہ ڪانهي!
ڪئنولا ننڍي بور وارو پيل آ!
ائڊرينلين جو مدو پورو ٿي ويو آ!
آپريشن ٿئيٽر جي ڇت بارش جي پاڻيءَ سان
ٽمڻ لڳي ٿي!
مان روئڻ بجاءِ
پنهنجي ڪم سان لڳي وڃان ٿو
هاڻي مان ٻيهر روئڻ نٿو چاهيان!
مان ايمبولنس جي سائرن کي
ٻيهر ٻڌڻ ئي نٿو چاهيان!
ڇو تہ مُنهنجي شهيد ڀاءُ جو لاش بہ
اهائي ايمبولنس کڻي آئي هئي!
اَمان چوندي هئي تہ
اُن ڏانئڻ جو پير شل خيري بہ
ڪنهن ڳوٺ ۾ نہ پوي!

■

## نئين ڪتا

مونکي نٿو لڳي تہ هو پاڻ ۾ پيار ڪندا هوندا،
ڪڏهن ڪڏهن ٿهڪ بہ ڏين ٿا
نوڪري بہ گڏ ڪن ٿا،
پئسو بہ جام ڪمائين ٿا
پر هو مطمئن ناهن.
هُن جي پهرين زال فرسٽ فلور تان
دريءَ مان جهاتي پائي
هن جي مٿان روز ڳوڙها هاريندي آهي.
وارن جي خوشبوءِ
۽ بدن جي بي قراريءَ کي
سگريٽ جي ڦُلي جيان ڇت تان هيٺ اُڇلي
پاڻ کي وري وري دڪائيندي رهندي آهي!
خودڪشي ڇا ٿيندي آ!
هوءَ سوچي سوچي بستري تي ڪري پوندي آهي!
۽ هو وري ٻي گهر واريءَ سان
بنان ڳالهائڻ جي
بيڊ روم جون لائيٽون وسائي
روئڻ لڳندو آهي!

هڪ پيرو مون ڪانئس پڇيو ٻار گهڻا ٿئي ؟
هو سڏڪي پيو هو
هن جي سيني تي ٽن سالن ڪان
ٻي گهر واري جو آرس گهمندو رهيو آهي!
پر ٻار جي مُرڪ ۾ اُن جا بانبڙا
هن جي ڇاتيءَ ڪان رنل رهيا آهن!
هو هاڻي نئون عشق ٻه نٿو ڪري سگهي!
ڇو ته هن جي ٻي زال
پاڙي جي سمورن ڇوڪرن کي
ڳالهين ڳالهين ۾
سيني جا سمورا زخم ڏيکاري
درد جو نئون پورٽريٽ
پاڙي جي هر ڀت تي لڳائي ڇڏيو آهي!
هو پهرين گهر واريءَ سان وري ملڻ چاهي ٿو
پر هن کي پڪو ٿو ٿئي ته
هُن جي ٻي گهر واري
ڪو ڏاريو ٻار نه گهر ۾ ڪٽي اچي!
هو هاڻي رات جو روز مون وٽ روئڻ ايندو آهي.
مان وري پنهنجا ڳوڙها پيئندي
هن جي ڳوڙهن جي نوحن جو درد
مختلف نظمن ۾ اوتي
هڪ نئين ڪٿا لکندو رهندو آهيان!

# ڪرائيسز آف لائيف

منهنجو ننڍڙو پٽ
ريموٽ جي بٽڻ کي ٺڪڙو ٺڪڙو دٻائيندي
ڪو اهڙو چئنل ڳولي رهيو هو
جنهن ۾
ڳل هجن، پوپٽ هجن، پنيوريون هجن
۽ هلڪي بارش وسندي هجي!
منهنجي وڏي ڌيءُ
هڪ انگريزي ناول
”دي ڪرائيسز آف لائيف“
پڙهندي پنهنجي ڇهري جو پگهر
ٽشو پيپر سان صاف ڪندي
شيشي جي گلاس مان
بار بار ڍُڪ پاڻي جو پيئندي
شايد ناول جي پوڳنا جهڙي
ڪيفيت مان گذري رهي هئي،
منهنجي ننڍي ڌيءُ
اسڪول جو هوم ورڪ ڪندي

ڪتابن سان گفتگوءَ ۾
اهڙي تہ مصروف هئي
ڄڻ هن جي پوري ڪائنات جا
رانديڪا ۽ چنچلتائون
هن سان گڏ ويٺا هجن.
مان ۽ منهنجي زال
نئين ٺهندڙ گهر جي ڪمرن جي سجاوٽ
فرنيچر، گلوب،
باغيچي لاءِ ٻوٽن ۽ گلن جي قسمن جي
چونڊ بابت
ڊزائينر ۽ مالهيءَ پاران موڪليل
ڊزائين ۽ صلاحن تي غور ڪندي
ساڳي صفحي تي ويهي
نوڪريءَ کان اڳ ۽ نوڪري ڪانپوءِ،
شادي کان اڳ ۽ شادي ڪانپوءِ واري زندگي،
پاڙيوارن جي گهر،ڪمرن جي سجاوٽ ۽
اڏاوت جي خوبين،خامين تي ڳالهائيندي
پنهنجي ڌُن ۾ محو هئاسين.
مُنهنجو ننڍڙو پٽ گلن،پوپٽن
۽ پنيورين وارو چٽيل ڳولي
اسان کي گڏيل ياڪر پائيندي
چوڻ لڳو

اڇو تہ بارش ۾ پڃڻ،پوپٽن کي پڪڙڻ
۽ پنيورين سان ڊوڙڻ جو مزو وٺون.
منهنجي ننڍڙي ڌيءَ چوڻ لڳي
منهنجو هوم ورڪ ڏسو
سياڻي منهنجي ٽيسٽ آ
مونکي پوزيشن کٽڻي آ،
۽ وڏي ڌيءُ چوڻ لڳي
ناول جا هي جملا تہ پڙو بابا
لڳي ٿو ليڪڪ جڻ پاڻ باهہ ۾ سڙڻ بعد
اسپتال جي بستري تان ويهي
سڀ ڪجهہ لکيو آ.
سندس هر لفظ سڏڪي رهيو آهي!
منهنجو وڏو پُٽ
راند اڌ ۾ ڇڏي سهڪندو سهڪندو
صوفي تي ڪرندي چوڻ لڳو
شهر جي وچ بازار ۾
گولين جي برسات وسائيندي
ٻن موٽر سوار دهشتگردن
ڪيترائي ماڻهو ماري وڌا آهن.
منهنجي پُٽ جي هٿ مان ريموٽ ،
وڏي ڌيءُ جي هٿ مان ناول
۽ اسان جي هٿ مان باغيچي ۽ ڪمرن جي

ٻڌائين وارا پنا ڪري پيا !
اسان سرڪاري اسپتال جي
ايمرجنسي وارڊ ڏانهن ڊوڙندي پهتاسين!
صحافين جي رش،
ڪئميرائن جون فليشون،
مون ڏٺواڏڙوٽ عمر وارا ٻه زخمي
جيڪي شايد تازو تازو
ڪنهن باغ ۾ ڪم ڪري شهر مان پاڇي
يا پنهنجن ٻارن لاءِ رانديڪا وٺڻ آياهوندا
اُنهن مان
هڪ جي سيني تي ڪنهن پوپٽ جا زخمي پر
۽ مري ويل عورت جا اڌ سڙيل وار
۽ ٻچيل وارن ۾
ڦاٿل گلن جي پنکڙين جي سڙڻ جي
ڪافورجهڙي ٻُوءِ
منهنجي ساهه کي ويتر سوڙهوڪري رهي هئي!
منهنجو مَن پوپٽن جي اُڏرڻ
پنيورين جي ڦيرن، گلن جي ٽڙڻ
۽ مُرجهائجڻ کان وٺي
زندگيءَ جي تحرڪ، رواني
۽ رڪجڻ جي اثرن بابت
درد ڪٿا جهڙو اُجڙيل ڳوٺ لڳي رهيو هو.

سئي، ڏاڳي، ٽاڪن، ملم پٽي
۽ زخمن جي ڪهاڻي جهڙو ٽڪل جسم ڪٽي
گهر موٽي آيس تہ
منهنجو پُٽ ٽي وي بند ڪري روئندي
چئي رهيو هو
منهجا پوپٽ مارجي ويا، گل سڙي ويا،
پنيوريون اڏري ويون!
هي ٽي وي ڪِني آ !
مونکي ٻي ٽي وي وٺي ڏيو!
وڏي پُٽ چيو: مان راند ڪيڏڻ ڪان بس ڪئي
اسان هن دونهين جهڙي شهر ۾
ڪونہ رهنداسين!
۽ وڏي ڌيءُ چوڻ لڳي
اهڙا ڪتاب تہ نہ آڻيندا ڪيو بابا
جن ۾ گولين جا ٺڪاءَ
بارود جي ڌپَ
۽ لاشن جي سڙڻ جو ذڪر هجي.
مان ۽ منهنجي زال ڪين پاڪرڙا پائي
نئين زندگي ۽ ايندڙ دور جي
ترقيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي
سندن اکين ۾ جاڳ جا نوان خوابَ
پوکڻ جي ڪوشش ڪندي

ٽي وي لائونج مان اُٿي
سُمهڻ جي تياري ٿا ڪيون
تہ ننڍي ڌيءُ پُڇي ٿي،
بابا گولين ۽ بارود جي فصل کي
پاڻي ڪير ڏيندو آ؟
پُٽ پُڇي ٿو
پوپٽ، پنپوري ۽ گُل جي خوشبوءِ کي بہ
گولين سان ماريو ويندو آ ڇا؟
وڏي ڌيءُ چوڻ لڳي
ڪو اهڙو ناول هوندو جنهن ۾
ٿڪ هجن، سُرهاڻ هجي،موت بدران
جيئڻ ۽ جيئارڻ جون ڳالهيون هجن!
مان ۽ منهنجي زال
ٻارن جي اکين ۾ ڇپندڙ سوال ڏسي
ڀِهريون پيرو پاڻ کي
پنهنجي گهر ۾ اوپرو محسوس ڪرڻ لڳون ٿا!

◘

## محبوب ڏانهن خط

تنهنجي هڪڙي ميسيج جي انتظار ۾
ڪيئي راتيون جاڳندي گذاريون اٿم!
رات به دير دير تائين
’نوارا ايليا‘ واري پراڻي گهر جي آڳنڌ ۾
سبز چاءِ جي پتن جي خوشبوءَ ۾ ويڙهجي،
ڪڏهن چنڊ ته
ڪڏهن چنڊ جي ڏيمي روشنيءَ سان،
ڳالهائيندي رهيس!
ٿي پيرا سبز چاءِ، ٻه پيرا ڪافيءَ جا
وڏا وڏا مَگ
هورڙيان هورڙيان پيئندي،
آءِ فون جي چمڪندڙ نازڪ اسڪرين کي
ڳتن تي گهمائيندي،
تو واري ڏنل پهرين چُميءَ کي ياد ڪندي
روئي پئي هيم.
خبر ٿئي
اَسراٽي مهل
جڏهن پکين ٻولڻ جي تياري پئي ڪئي،

شام واري بارش ٻيهر موٽي آئي هئي،
مان به هڪ ڀيرو ٻيهر
بوند بوند ٿي وسڻ لڳي هيم،
۽ ها! بارش جو پاڻي
منهنجن گهاٽن وارن مان ڇڻندو
منهنجن والن ۽ ڪلهن تان ترڪندو
منهنجي بي قرار بدن ۾
نديءَ جي لهرن جهڙو
روڳ اوتي رهيو هو!
۽ وري تون سوچيندو هوندين ته
مان توکي وساري ڇڏيو هوندو!
هِتي هر روز نئين بارش وسندي آهي!
هِتان جي هوا،
پهاڙن جي پاڪر ۾ پوکيل
چاءِ جي مختلف نمونن جي خوشبوءِ
منهنجي بدن ۾
روز ڪي نوان رنگ اوتڻ چاهيندي آهي!
پر قسمَ سان
مان اڃا تائين صفا بدلي ناهيان!
منهنجو رنگ به ساڳيو آ
منهنجا چپ به ساڳيا هن!
بس منهنجي ٿڪن جو ردم،
ڳلي جو پُرسوز آواز
۽ منهنجا ڏکا پُورا وار

جيڪي توکي ڏاڍا وڻندا هئا!
اُهي ’نوارا ايليا‘ جي پراڻي گهر جيان
پوڙها ٿيندا پيا وڃن!
تو چيو هو موٽي ايندين
منهنجن ناسي، نيرين اکين ۾
پيار جا ڪي گل پوکيندين،
جلدي موٽڻ جي ڳر نہ
مان تنهنجن سپنن کي
وڏيڪ سُمهاري نٿي سگهان!!

■

---

نوٽ _ نوارا ايليا سريلنڪا جو خوبصورت علائقو آهي، جتي سج لهڻ جو منظر، پکين جون ٻوليون، چاءِ جي فصلن جي خوشبو مون کي بيحد متاثر ڪيو. ان موقعي تي هن نظم کي بارش جي ڳڙ ڳڙ جي وڻندڙ آواز سان گڏ اتاريو هيم!

# پروفيسر

پوڙهي پروفيسر سان سندس آفيس ۾ ويهي
هن وڏا خواب لڌا ها!
مون کيس گهڻو ئي سمجهايو هو تہ
سرجري سکڻ ايتري ڏکي ناهي
ڪتاب ۾ ڪم سان دلچسپي
تنهنجي ڊگريءَ جا وڏا ضامن آهن!
پر شايد هوءَ منهنجي ڳالهين جو مطلب
اُبتو ڪيندي سمجهندي هئي تہ
مان کيس پروفيسر کان پري ڪري
پنهنجو اُلو سڌو پيو ڪيان!
مونکي هي پروفيسر تڏهن کان زهر لڳندو هُيو
جڏهن گذريل سال بم ڌماڪي ۾
ٽراما سينٽر ۾ زخمي پهچندا رهيا!
ايمبولنس جون رڙيون اسان جو
ساهہ سُڪائي ۾ رت ڳاڙي رهيون هيون
۽ نئين پرڻيل عورت جي ويڪري ڇاتي
سڙيل چولي سان گڏ ڏکي رهي هئي!
۽ هو وري

گرلس هاسٽل جي سختين جا زنجير ٽوڙي
تازو تازو نئين بئچ ۾
هائوس جاب لاءِ آيل شاگردياڻين سان
سيلفيون ڪڍرائي، مُرڪندي
پنهنجي پيشي ۽ پنهنجي پيشانيءَ جو
منهن ڪارو ڪري رهيو هو!
مان ڪيس ڪيئن سمجهايان ته
هن جي آفيس
جنهن کي مان پڃرو سڏيندو آهيان!
ان ۾ چڪن پيٽيز برگر
۽ پيزن ڪائڻ ڪانپوءِ
هو ڊنر لاء ڪيس ٻاهر وٺي ويندو!
۽ هن سندر ڇوڪريءَ جي
وارن ۾ ويڙهجي سندس ڪنوارن جذبن
۽ ڪير جهڙي اُجري بدن جي سرجري ڪري
سندس اندر جي انگن جي
اسٽرلائيزشن جو ڀَرم ٽوڙي
سرجريءَ جا نوان ٽرم ڪيس پڙهائيندو!
هوءَ منهنجن ڳالهين کي اهميت ڏيڻ بجاءِ
مُنهنجي درد کي لتون هڻندي رهي هئي!
مان هاڻي اُن وارڊ ۾ ناهيان ويندو
جتي ماڻهن بجاءِ مسافر پکين جا
رات جي اونداهيء ۾ آپريشن ٿين!
ايمرجنسيءَ سبب هن وارڊ ۾

مجبورن وري اڄ اچڻ ٿيو
هوءَ نرس جيڪا منهنجي
هڪ دوست ڪي  وڻندي آهي!
۽ مان وري هُن کي ڏاڍو وڻندو آهيان!
اُن ٻڌايو تہ دريءَ جي پرسان بيٺي
هن ڏٺو تہ
رات دير سان پروفيسر پنهنجي آفيس ۾
سڏڪا ڀري روئي رهيو هو!
۽ پوءِ هڪ ٺڪاءُ ٿيو!
هن جو سرد لاش صوفا سيٽ تي
پيلو ٿي چڪو هو!
سبب معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ
سندس هائوس آفيسر ڌيءُ
ٻن راتين کان سندس ئي وارڊ جي
نوجوان ٽيڪنيشن سان
ڪورٽ مئريج ڪري
 کيس هڪ ميسيج موڪليو هو تہ:
پپا پليز هاڻي ڪا بہ سرجري نہ ڪجو
منهنجي ڏاج لاءِ توهان کي
هونئن بہ هاڻي ڪجھہ وٺڻو نہ پوندو!

## دل تہ اڄ بہ قيد آهي

هن ٻيو پيرو ڏکوئيل انداز ۾
لکيو آهي تہ
هاڻي مان تنهنجون ڪهاڻيون
پڙهي نٿي سگهان،
هر ڪهاڻيءَ ۾ مان پنهنجي تصوير ڏسي
ڏڄي ويندي آهيان تہ
منهنجو مُڙس جيل ۾
تنهنجون ڪهاڻيون پڙهي وٺنو تہ
هن کي ويتر ڏک ٿيندو!
ڪيترائي خون ڪري جيل ويندڙ
منهنجو مڙس چڙ ۾ اچي
ڦاسيءَ جي سزا خلاف اپيل تان هٿ کڻي
هميشہ لاءِ مونکي ڇڏي هليو ويندو.
توکي تہ خبر آ
هن جي مونسان پيار جي شادي ٿيل آهي!
هن جي سمورن ڏوهن، گناهن جي
مونکي اهڙي طرح خبر آهي
جهڙي هن کي جديد هٿيارن

۽ منهنجي جسم جي
سمورين رنگتن جي اٿل پٿل
۽ انگ انگ جي جهومڻ جي سجاڻ!
هن ڪي منهنجي بدن جا ترِ بہ ڳڻيل آهن!
تون اُن رات پٽ ٽپي مونسان ملڻ آيو هئين
تنهنجي کهاٽيءَ ۾ اهو ئي انداز هو
جڏهن مان شادي کان اڳ
هن سان ملڻ لاءِ ڪندي هيس!
تون هڪ کهاٽيءَ ۾
منهنجي پسند جا رنگ،
رسڻ ڪانپوءِ پرچائڻ جو انداز،
بستري جي چادر
۽ وهاٽي جي ڇوَجي اُٿت جو ذڪر ڪندي
ذري گهٽ ساڳئي پرفيوم
منهنجي بدن تي هاري ويو آهين
جيڪا هو اڪثر مون لاءِ وٺي ايندو هو!
مان هن سان ملاقات لاءِ وڃڻي هُيس
پر تنهنجي بدن جي خوشبو
۽ پرفيوم جو اثر وڃي ئي نٿو!
تون هاٽي منهنجي بدن جي بيهڪ
۽ بي قراريءَ جو ذڪر
ڪنهن بہ کهاٽيءَ ۾ نہ ڪجان،
هو جيل ۾ ڪتاب گهڻا پڙهي رهيو آهي
ڪنهن رسالي ۾

پنهنجي تصوير نما ڪهاڻي پڙهي
هو روئي نہ ڏئي،
هو مون سان ڏاڍو پيار ڪندو آهي،
هُن جي اکين جي ڳوڙهن سان گڏ
منهنجي انتظار جهڙي سونهن بہ
لڙهي ويندي!
پوءِ تون شايد ڪا ڪهاڻي لکي نہ سگهين!
ان ڪري اهڙي ڪهاڻي نہ لکندو ڪر
جنهن ۾ رلِيءَ جي ٽُڪن جهڙا
منهنجا اَنگ ۽ رنگ نظر اچڻ لڳن،
تون تہ منهنجي پياسي بدن جي
عارضي اُج لاهڻ ايندو آهين!
پيار تہ مان هن سان بہ ڪندي آهيان
ڏوهاريءَ جي زال هجڻ سبب
ڪڏهن ڪڏهن
ڏوھ تہ ڪري وٺندي هونديس
پر
دل تہ اج بہ هن سان گڏ قيد آهي.
◘

# وڻ ضرور پوکجان

تون منهنجي قبر تي بيهي ڇوٿو روئين؟
تون سمجهين ٿو تہ
مان اُتي ستل آهيان!
مان تہ اُن ڏينهن کان
وڻ پوکڻ واري مهم تي نڪري چڪو آهيان،
جنهن ڏينهن تو مونکي ماري
اُس ۾ ڦٽو ڪيو هو!
مان ڦارون جا ٻوٽا، پپيتن جا وڻ،
زيتونن جا ننڍا ننڍا باغ،
نم جا ننڍا ننڍا جهُڳٽا،
ڪجھ اَباڻڪي زمين ۾
تہ ڪجھ وري اُباڻڪن رستن تي
لڳائي ورتا آهن!
تون ڪچڙي منجهند ڏارا وڃي ڏسجان
مان تہ ڏنارن سان گڏ پاڻي پيئندي
پراڻا گيت ٻُڌي رهيو آهيان!
جيڪي مال چاريندي
اسان گڏجي ڳائيندا هئاسين!
تون ايترو روئي

منهنجي نظمن کي سوڳوار نہ ڪر،
ڳوڙها اُگھہ ۽ وڻ پوکڻ واري مهم ۾
منهنجو ساٿ ڏي
ڇو تہ مان ڪنهن بہ ڇوڪريءَ جي
ڏکهن وارن مٿان
سندس نازڪ هٿن کي ٽڪائيندڙ
ڇَتي ڏسڻ بدران
نم جي ڇانوَ ۾ ڦاروا ڪائيندي ڏسڻ ٿو چاهيان!
مان پکين جون اُڏارون، چَڙين جا آواز
بوڙيندي جا سُر ۽ ڏنارن جا گيت ٻڌندي
شام جو موٽي اچي
قبر جي هن ڪُنڊ ۾
سڪون جي ننڊ سمهندو آهيان!
خوبصورت گيت لکندڙ سُهڻا ڪوي
شاعري پلي ڪر
پر ڪو هڪ اهڙو وڻ ضرور پوکجان
جنهن هيٺان
ٽُنهنجي محبوبہ هڪ پيروئي ٽڪ پيجي
ٽڏو ساهہ پريندي
ساهيڙين کي ٻُڌائي سگهي تہ
هن ٻوٽي کي سندس عاشق شاعر جي اکين مان
ڪرندڙ ڳوڙهن جي ڳوٺ جو
پاڻي پيتل آهي.

# حرمتن جو حَسين خواب

مان تہ رات جو خواب آهيان
هنن مونکي
مارڻ جو ڪيئن سوچيو؟
هُنن کي ڪهڙي خبر تہ
جڏهن ماڻهو اکيون بند ڪري
سُمهڻ ويندا آهن تہ
مان سندن
ذهنن ۽ احساسن جي آڱرن ۾
نيرُ هاري
ڪين ٻڏائيندو آهيان تہ
اوهان منهنجي قبر تي نہ اچجو
مان مري ٽوروئي ويو آهيان!
مان تہ حق ۽ باطل جي جنگ جو
نغارو هان،
جيڪو سچ لهڻ ڪانپوءِ
نما شام جو نئين جُنبش سان،
مومنن جي گهرن تي

ڪارين بيرڪن سان گڏ
خواب وانگر لهندو آهي!
معصومن کير نہ پيتو تہ ڇا ٿيو!
پاڻيءَ جي پياس سان جهيڙو
وڏي ڳالهہ ناهي!
ڇو تہ مان رات جو اهڙو خواب آهيان
جيڪو اوندهہ کي روشن ڪرڻ لاءِ
باهہ سان وڙهندي
خيمن جي اندر بہ
پردي جي لڄ کي بچائيندو رهيو!
پاڻي، کير ۽ حيات کان وڏيڪ
مان حرمتن جو حُسين خواب آهيان!
نيزن جا نشان
منهجي پيشاني تي ڏسي وٺ!
مان پياسو هوندي بہ
پنهنجي هٿن جو سوچيان ها تہ
درد جو نالو ئي نہ هجي ها!
کير جي اهميت اُن مٽيءَ کان پُڇ
جتي ٿڃ کي بہ باهہ ۾ ساڙيو ويو!
خيما جلايا ويا
گهوڙن جي سُنبن جا آواز اڄ بہ ماتم ڪده آهن!
هنن جا نيزا مُڏا ٿي ويا

تير زنگجي ويا، ڪمانون ٽُٽي ويون!
پر منهنجو ڪپيل گردن اڄ بہ
اَلم جي بيرڪ سان گڏ
وقار سان جهومي پيو!
ڪير ٿو چئي
مان مري ويو آهيان؟
مان تہ روشنيءَ جي سڏ جهڙو خواب آهيان،
حُسينيت جي حُسين خواب ڪي
نئين عزم سان ورنائي ڏس
سينا زني ڪندي هجوم گڏبا ويندا
۽ ظلم پاڻ ئي مري ويندو.!

# ٻوڙها دل جا وائيپر آهن

ٻوڙها دل جا وائيپر آهن
هو دلين کي ڌوئي
اڳتي وڌڻ لاء رستو صاف ڪن ٿا.
هي مان نٿو ٻالهايان
هي هڪ شاعر **’جيف برائون‘** ٿو ٻالهائي
جنهن سان مان سندس
نظمن معرفت ڪله رات مليو هئس.
’شيڪسپيئر‘ ڪير هو ته
’وليم وردس ورٿ‘ ڪير هو؟
پنائي چا پئي ٻايو؟
ته سچل چا پئي ٻالهايو؟
مان به انهن جي باغ جو هڪ گُل ڪٽي ناهيان
ته ڪا گل ٻاٽي ضرور آهيان،
جيڪا نئين سر نکري
پنهنجو رنگ ڏاري رهي آهي،
اهڙو رنگ
جنهن ۾ سُڏارتا، سُلڇڻاپ ۽

ايمان جي لفظن جو نمين جهڙو نئون ڳوٺ
اسان جي برفي انب هيٺان
ڪانپ ڪڍي،
وطن ۾ وقت جا نقش چٽي
هڪ ڪويءَ کي شاعراڻي شور ۾
ڇڏي اڪيلو
پر نمايان ڪري نڪاري بيهاري رهيو آهي!
تون منهنجي ڳوڙهن هاڻن ڳالهين تي
کلڻ بجاءِ روئڻ شروع ڪر
تڏهن ئي وڃي ڪو
نم جي ٻور جي خوشبوءِ کير ڏارا جهڙو
اُجرو نظم لکي سگهندين!

■

# اُميد

مان پنهنجا خواب پنهنجون اُميدون،
وچ ٻيلي ۾
۽ گيت سمنڊ تي ڇڏي،
پاڻ صحرا ۾ تتل واريءَ تي سمهي پيو آهيان!
ٻيلي ۾ بارش نہ وسڻ سبب
وڻن جا پَن ڇڻي رهيا آهن،
ڪين اُميد جهڙي هڪ اهڙي
خواب جي ضرورت آهي
جيڪو ايندڙ اونهاري ۾
بارش جا سمورا رنگ ڪٽي اچي
ڪين سُڪڻ کان بچائي سگهي!
۽ سمنڊ تي سج لهڻ کان اڳ
بَدامنيءَ سبب
ڇوڪرين اچڻ ڇڏي ڏنو آهي!
ڇولين سان گڏ رقص ڪرڻ
۽ اڪيون بند ڪري، بدن کي آلو ڪرڻ لاءِ
ڪو بہ نئون پيار ڪندڙ

جوڙو ناهي پهتو!
ٿي سگهي ٿو منهنجا گيت ٻڌي
ڪي نوان عاشق،
پنهنجي رولاڪين ڪي ماٺ ڪرائڻ
۽پنهنجن واعدن کي پاٽي ڏيڻ لاءِ
ڪو نئون گيت ڇيڙين
۽ مان هنن جي سُرن ۾
پنن جي سُڪڻ، پيلن جي وڃڻ
۽ صحرا جي تپش جو درد اوتي
کين احساس ڏياريان ته
پيڙا ڪانسواءِ نہ پيار ۾ مزو آهي
نہ فطرت جي حسناڪي ۽ حاصلات جي
ويجهو وڃي سگهجي ٿو تہ.
مونکي اُميد آهي تہ
سمنڊ ڪناري تي
بالڪنيءَ ۾ وار سُڪائيندڙ ڇوڪريون،
۽ سالنسر ٽوڙي
بائڪن تي ڊوڙندڙ ڇوڪرا،
هڪ ٻئي جي ڇيله ۾ پاڪر وجهي
اُميد جو هڪ هڪ وڻ پوکي
محبت جو نئون ڳوٺ اڏيندا!

◘

# دانشور

هو ڪو وڏو دانشور ته ناهي!
پر جيتريقدر ڪيس مان سڃاڻان ٿو ته،
دانشور جي مٿي تي ٻڏل
پٽڪي جو اهو آخري وَر آهي
جنهن لاءِ لوڪ سمجهندو آهي ته
اُن وَر ۾
ماضيءَ جا ڇانورا ۽ پاڇولا،
حال جا حُسناڪ رويا، روشني
۽ مستقبل جي ڪڙندڙ ستارن جي
اها جهرمر پوبل آهي!
هو سمجهندا آهن ته
جڏهن اهو ور کوليو ويندو ته
چوطرف روشنيءَ جا
اهڙا ڏيئا ٻرڻ لڳندا،
جن کي ڪا به هوا، ڪو به طوفان
وسائي نه سگهندو!
پر مونکي ڇڳيءَ طرح خبر آهي ته

دانش جي قافلي جو رهجي ويل
هي اهو ئي وَر آهي،
جيڪو ڳوٺ کان شهر ڏانهن ويندي
بس جي ڇت تي ويٺي ٻير ۾ اٽڪي پيو  هو!
هن جي رڙين ڪرڻ تي
ڪنهن به
بس بيهارڻ جي  حامي نہ ڀري هئي!
ها مونکي ياد ٿو اچي تہ
تاريخ جي ڳولا ۾ نڪتل
هي  اسان واري قافلي جواهو ئي ور آهي،
جيڪو  جهنگ مان ويندي ويندي
ڄاڱري ٻير جي ڪُنڊن ۾ ڦاسي
ليڙون ليڙون ٿي ويو هو!
ڪي چون ٿا تہ،
ڦاڙهي جي سڱن ۾ ڦاسي پيل
دانش جو هي اهو مظلوم وَر آهي،
جنهن کي پنهنجي ئي قافلي جي دانشورن
زخمي حالت ۾ بگهڙن حوالي ڪري
”شاعريءَ جي ارتقا ۽ سونهن جو سفر“
واري ڪانفرنس
ختم ٿيڻ تائين
سندس زخمي ٿيڻ واري ڳالهہ کي

اُن ڪري لڪايو هو تہ
اُن ڪانفرنس ۾ انهن مان ئي
ڪو خاص مهمان هو
تہ ڪنهن کي صدارت ڪرڻي هئي!
ها انهن مان هڪڙو
اُن ڪانفرنس جي اهم نشست جو
ماڊريٽر بہ هو تہ ڪنهن کي
”ادب جي اوسر ۾ حڪومتن جو ڪردار“
تي خاص مقالو بہ پڙهڻو هو!
هن کي اها خبر ئي نہ هئي تہ
دانشوريءَ جي هن جهان ۾
هر ڪنهن جي وَر ۾
سرڪاري عهدا ماڻڻ ۽ مراعتون
حاصل ڪرڻ لاءِ
مُحبت ۽ انقلاب واري شاعريءَ بجاءِ
درخواستون لڪايل هيون!
ڇو تہ هن جي هڪ وَر ۾ شاعريءَ جا بہ اسم
تہ ٻئي وَر ۾
ترن ۽ چانورن واري لائيءَ جا
بچيل ننڍڙا ٽڪرا ها!!
ها تڏهن تہ هو ٻير ،ڄاڱري ٻير
۽ ڦاڙهي جي سڱن مان جان ڇڏائي

جڏهن مشاعري ۾ رت ڳاڙيندو
پهتو هو تہ
هُن کي اُن ڏينهن واري مشاعري ۾
پيار، محبت، حسناڪي
۽ وطن دوستيءَ بجاءِ
دان جي تريءَ تي
ڪي نوان ور ۽ وڪڙ نظر اچڻ لڳا ها!
۽ هن جو ڦاڙهي جي سڱن ۾ ڦاٿل
دانش وارو ور ڦٿڪي رهيو هو!

■

# درد دل جا گناهہ ڇاڻي ٿو

منهنجا ظاهري
جسماني زخم تہ ڀرجي سگهن ٿا
اي دوست!
پر ٽٽل دل ڳنڍجي نٿي سگهي!
تو ڪڏهن
ڪڪرن جي درد کي محسوس ڪيو آ
جڏهن هو
بارش جي روپ ۾ روئڻ شروع ڪندا آهن!
مان نٿو سمجهان تہ
تو برف جي ڳرڻ جي پيڙا
۽ پهاڙن جي ڇاتيءَ مان وهندڙ
آبشارن جي روڄ ۽ سوڳَ کي
ماتم ڪندي ڏٺو هُجي!
مون اهڙا درد،اهڙي پوڳنا ۽ پيڙا وارا پل
تڏهن بہ ڏٺا ها
جڏهن اسان جي اوڏر تي ورتل پوري مينهن
اوچتو مري وئي هئي!
جنهن جي وڏي اوهہ وارن ڪير پريل ٽٽن مان

منهنجو بہ پيٽ پربو هو
تہ منهنجي پيڻ جي
پڙهائيءَ جو خرچ بہ نڪرندو هو!
امان کي مون پهريون پيرو
روئندي تڏهن ڏٺو هو!
۽ ها مون ڪيئي ڏينهن
امان جي اندر جي ڪڪرن کي
ننڍڙي باغيچي ۾ مينديءَ جي وڻ پرسان
وسندي تڏهن ڏٺو هو
جڏهن منهنجي پروفيسر پاءُ کي
لابارو ڪندڙ پورهيتن جي
حقن لاءِ ڳالهائڻ تي شهيد ڪيو ويو هو!
۽ ها تون منهنجي ڳوڙهن ڳاڙڻ کي
منهنجي ڪمزوري نہ سمجھہ
مان تڏهن کان پنهنجن ڳوڙهن کي
آبشاري پهاڙ جي طاقت
۽ ڪڪرن جي وسڪاري وانگر مضبوط
۽ آبياري ڪندڙ پائيندو آهيان
جڏهن امان روئڻ کانپوءِ
چوندي هئي
درد ناهي تہ دل بہ کهڙي آ
درد دل جا گناهہ چاڙي ٿو.!
◘

# حُسينيت زنده باد

مان پنهنجون اکيون،
دل توڙي دماغ مٿيءَ ۾ پوري
روشنيءَ جي ڳولا ۾
روز ڪنهن نئين اعتماد سان
دل جي سوجهري تي
سفر ۾ نڪري پوندو آهيان!
هو اکين هوندي به اکين کان انڌا
چالاڪي ۽ مڪاريءَ سان
روشنيءَ کي اونده جي چادر ۾
ويڙهڻ جي ڪوشش ڪندي،
پنهنجو منهن ميرو ڪندا رهندا آهن!
هنن جون ٻلي جهڙيون اکيون
گهڙا منجيءَ پرسان رکيل
کير جي چونئريءَ مان
کير پيئڻ لاءِ آتيون آهن!
پر منهنجي اعتماد جي روشني
۽ جَڳ جو پروسو

هنن جي چالاڪي ۽ مڪاريءَ کي
لفظن جا پٽر هٽي
مون ڏانهن گل موڪلي رهيو آهي.
۽ مان جيڪو
حُسين جو مشتاق آهيان،
نائين محرم تي
حق ۽ باطل جي جنگ جي
فلسفي تي سوچي
اونده ۾ روشني پکيڙڻ لاءِ
حسينيت زنده باد جي سڏ کي ورنائي
هڪ نئين سفر تي
روانو ٿيڻ لاءِ نڪري پيو آهيان!
قافلا وڌي رهيا آهن
روشنيءَ جا عاشق پاڻ ۾ گڏجڻ لڳا آهن
۽ هنن جا ’شمر‘ جهڙا
پيلا بُوٿ ڏسڻ وٽان آهن!

◘

# مان توڏي روز هڪ نئون نظم اُماڻيندس

رات جي پُراسراريت ۽ ٻار جي گهري ننڊ
منهنجي وجود جو ٻي چين رنگ آهن!
پکين جي ماٺ ۽
وڻن جي لامن جي ٻُوٽيل اکين ۾
مان پاڻ کي ٻُڏندي محسوس ڪندو آهيان!
مان درد جي نئين ڪائنات جو سپاهي آهيان،
جنهن جي هٿ آڱرين ۾
قلم جي حُرمت جو دامن
داغدار ٿي ئي نٿو سگهي!
مان اڪثر ڪري
بتيءَ جي روشنيءَ ۾
پيار ۽ امن جا گيت ۽ نظم لکندي
اندر جي پُراسرايت کي پنن تي اوتيندي
پنهنجي پياري زال کان لڪي لڪي
هٿ ترِيءَ تي
زهره ۽ عطارد جي اُپارن سان ڳوڙها اُگهي
سڏڪن کي روڪيندو رهيو آهيان ته
جيئن سندس خوابن ۾ رخنو نه پوي!

ست راتيون اڳ ۾
منهنجا ٻار، رات جي خاموشي پاڻ ۾
۽ منهنجي زال
منهنجي خوابن سان سُتل ئي هئي !
۽ مان وري به جاڙا نظم لکي رهيو هئس،
جن جو عنوان هو
”محبوبہ جي اکين ۾ گذاريل اڌ رات“
۽ ”تنهنجا خواب سُمهڻ نٿا ڏين“
در کڙڪيو هڪ نئون درد جاڳيو
منهنجا ٻار، رات جي خاموشي ۽
منهنجي زال اڌوري خواب سان
گڏ جاڳي پيا هئا!
هو آيا مونکي پاڻ سان گڏ وٺي ويا
ڏوهہ پُڇيم تہ
منهنجي سامهون منهنجو ئي نظم
”ڏرتي تنهنجا شعر لکان ٿو“
رکي لاڪپ ڪري ڇڏين ٿا!
مان اُن ئي پني جي خالي پاسي تي
هي نئون نظم لکي
پنهنجي ٻارن ۽ پنهنجي زال ڏانهن
اُماڻيان ٿو تہ
”مان توڏي روز هڪ نئون نظم اماڻيندس“.

□

# دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري

رات دير دير تائين مان،منهنجي شاعري
سمنڊ جون لهرون،
چنڊ جا ليئاڪا،
سامونڊي لهرن جون روڳ جهڙيون ڏوڙون
۽ منهنجي محبوبه جون
نيريون اکيون جاڳندا رهياسين،
چنڊ رکي رکي
پنهنجي حُسناڪين کي
سمنڊ ۾ وهنجاري رهيو هو!
ساموڊي لهرون  مائي پاڳيءَ جي آواز ۾
منهنجي سوڳ ۽ درد کي
ڪڏهن ٻوڙيندي تہ ڪڏهن تاريندي،
“لهرن منجهہ لڙهندي اچي
تارن منجهہ ترندي اچي
دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري”
ڳائيندي منهنجي
روح جي تارن کي
ڇيهون ڇيهون ڪنديون رهيون!
مونکي ڪناري تي اڪيلو ڇڏي

نيرين اکين واري ڇوڪري
مُهاڻي سان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي
سمنڊ جي هُن پار هلي وئي!
مُون ڏٺو
سمنڊ جون لهرون، چنڊ جي روشني،
ڪاري پاڻيءَ جو رنگ
۽ منهنجي دل ۾ ڊوڙندڙ رت نيرو ٿي ويو!
مون اُتي موجود سمورن ماڻهن کان پُڇيو
نيرو رنگ سوڳ جي نشاني آ
يا پيروسي جو احساس؟
مونکي ماڻهن مان ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو!
پر مون ساموندي لهرن جا آخري ڳوڙها
پنهنجن چپن تي ڪرندي ڏٺا!
هو بيحد ڪارا ۽ اُداس ضرور هئا
پر سندن آخري احساساتي چميءَ ۾
آس، اُميد ۽ جاڳ جي هڪ جلا ۽ جوت هئي!
نيرين اکين واري ڇوڪري
توکي سمنڊ پي نٿو سگهي!
تون اجهو ٿي موٽي اچين
ڇو تہ تنهنجي اندر جي اُڇل ۾
ست سُر سمايل آهن!
۽ ها منهنجو ايمان آهي تہ
سُر ۽ سنگيت کي سمنڊ ٻڏي نٿو سگهي!

◘

# روشني توکانسواءِ اڌوري آ

هو چون ٿا  تہ مان وچائجي ويو آهيان،
پر مان تہ پيار آهيان
وچائجي ڪيئن ٿو سگهان؟
رات روميءَ کي پڙهيم پئي
هو چوي پيو:
پيار جو ڪو بنياد ناهي هوندو
پيار تہ
سمنڊ جي سماءَ جهڙي ڪيفيت آهي،
جنهن جي نہ شروعات جي
خبر هوندي آهي نہ ختم ٿيڻ جو پتو!
تہ پوءِ هو مونکي وچائجي ويل  چوٿا سمجهن؟
مان تہ سمنڊ جي هن ڪناري تي
پکين جي آکيري جي پَر ۾ ويهي
ڦُنڊڻ جي لقاءَ
۽ جمڻ جي وارتا کي ڏسي رهيو هئس!
سنڀال جي سُندرتا جا رنگ
چُڳڻ ۽ چُڳائڻ جا سليقا
۽ پَکين جي اُڏرڻ جون حُسناڪيون ڏسڻ لاءِ
مونکي ڪائين بدران پاڻ ٻارڻو پيو!

مان هاڻي هاڻي سمنڊ جي
گهري سُس پُس ٻڌي
برف جهڙين ٿڌين چولين مان
ٻاهر نڪري
بدن کي پپل جي پنن سان ڍڪي
پنهنجي پهرين محبوبہ جي
گهر پهتو آهيان!
جتي سندس ٻار
مون لاءِ گل کنيون بيٺا آهن،
پوءِ بہ هو چون ٿا مان وڃائجي ويو آهيان.
مان وڃائجڻ جي ڏک ۾
اکيون بند ڪري
محبوبہ جي سيني تي پاڻ اُڇلائي
روئڻ شروع ڪيو تہ
هوءَ چوڻ لڳي،
اکين جي ماڻڪين جهڙا منهنجا دوست،
ٿورڙو منهنجن اکين ۾ ڏس
روشني توکانسوا اڌوري آ!
مان هن جي ٻانهن ۾ وڪوڙجي
وڃائجي ويل ماڻهوءَ جي
پيارجي
کهاڻي لکي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾
تنقيدلاءِ کڻي وڃي رهيو آهيان.

■

# ماڻ ۽ مُنهنجي ڪلاس فيلو

ماڻ ۽ منهنجي ڪلاس فيلو
روز ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي،
فون ڪال،واٽس اپ،ميسج يا ميسينجر تي
دير دير تائين ڪچهري ڪندا رهندا آهيون،
منهنجي زال  منهن تي چادر وجهي
لڳاتار روئيندي رهي آهي!
اڳ ۾ مونکي اها خبرئي نہ هئي
پر ٻن راتين کان وهاڻي جي چوَ
۽ هُن جي پوتيءَ جي ڪنڊ
آلي ٿيل مون تڏهن ڏٺي
جڏهن هوءَ  منهنجي ڳالهين تي
مونسان ننڊ ۾ جهيڙو ڪندي روئي رهي هئي!
هُن کي منهنجي پراڻي ڊائري
زهر لڳندي هوندي،
ڇو تہ ماڻ جڏهن يورپ ويو هئس تہ
هن جا ئي صحي ٿيل چيڪ بڪ
اُن ئي بئگ ۾ رکيل ها
جن ۾ پراڻي ڊائري
۽ ڪجھ تازيون تصويرون بہ رکيل هيون!

هن آرام سان پڙهي
مونڊانهن منهنجي سنگتياڻيءَ جا لکيل جملا
”پيار خدا جي خزاني جي دل جو آواز آهي.“
ورجائيندي
واپس ايندي ئي مونسان
پنهنجي پيار جو نئين نموني اظهار ڪندي
اکين تي چمي ڏئي روئڻ شروع ڪيو هو.
چئن ٻارن جي ماءُ
جيڪا منهنجي ماسات بہ آهي تہ زال بہ آهي،
هوءَ منهنجي امان جي مونکي ڏنل
آخري نشاني آهي
هوءَ مونسان گڏ منهنجي شاعري جي هر بند ۾
پاڻ کي ڳوليندي ڪراڙي ٿي رهي آهي!
مان سوچيان ٿو
منهنجي نظمن جي ڪنهن مجموعي جو مهاڳ
هوءَ پاڻ لکي !
ڏسان تہ هڪ شاعر سان گذارڻ جو
تجربو هن کي ڪيئن لڳو!
ٻ ها مان هي سمورا نظم هن کي ارپي کيس نئين
پيارجو اهڙو اظهارڪندس جو
سموريون زالون
پنهنجن شاعر مڙسن سان
دل کولي ڳالهائيءَ ڳوڙها ڳاڙي سگهن.

# سنهي سُئيءَ سبيو

شاهه سائين چيو
”سنهيءَ سُئيءَ سبيو مون مارن سين من“
’ڊبليو ايس مَروين‘ کي پئي پڙهيم
هو چوي پيو:
”تنهنجي جدائي مون لاءِ ايئن آهي
جيئن سُئيءَ ۾ ڌاڳو داخل ٿي
منهنجي هر ڪم کي سبندي
مون ۾ نوان رنگ پريندو هجي.“
هڪ هنڌ پٽائي لکيو.
”اکين ۾ ٿي ويهه، تہ واري ڇپر ڍڪيان
توکي ڏسي نہ ڏيهه، آءٌ مَ پسان ڪي ٻيو.“
هڪ ٻئي گمنام شاعر کي پئي پڙهيم
چوي پيو:
”اي منهنجا محبوب
سهي سنبري، سهڻو ٿي ٻاهر نڪر تہ
جيئن دنيا توکي ڏسي رشڪ ڪائي تہ
منهنجو محبوب سڀ کان سهڻو آ.“

مان شاعريءَ جي رمز
۾ هنن خيالن تي سوچيندي سوچيندي
ڳوٺ پرسان ميڇيءَ جي تلاءَ تائين
اڪيلو نڪري ويس
مونکي تلاءَ ۾ چنڊ جي ليئاڪن
ميڇين جي تڙپ ۾ ترڻ جا منظر
پنهنجي شاعريءَ ۾ نظر اچڻ لڳا!
مون سوچيو پئي
پٿائي جڏهن اڪين ۾ ٿي ويهه لکيو هوندو
تہ محبت جو سمنڊ
سندس اکين ۾ ڪيئن ماپيو هوندو؟
يا جي سمنڊ ۾ لهي هن
هي سٽون لکيون هونديون تہ
اُن وقت لهرن جي ڏک جي
حالت ۽ ڪيفيت ڪهڙي هوندي.؟
منهنجي اڳيان ”ڊبليو ايس“ چوڻ لڳو
سُئيءَ ۾ ڌاڳي وجهڻ جي منظر جي
گهرائپ ۾ سُئيءَ سان
من جي رنگينين کي ٿوپجڻ واري
تڪليف ۽ احساس کي
ڪيئن ٿو محسوس ڪرين؟
مونکي ڪو بہ جواب نَہ سُجهيو.

مون سنڌ ۾ روز مرندڙ ۽ ماريون ويندڙ
آڙين جهڙيون ڇيرو ڇوڪريون،
خودڪشي ڪندڙ وڏن وارن
۽ ويڪري ڇاتي واري ماسترياڻي،
هنج ۾ ٻار سميت مارجي ويل عورت جي تصوير،
نيري رنگت واري ٻار جي لاش،
امڙين جون ڳوڙهن کان خالي
سُڪي ويل اُداس اکيون،
احتجاج ڪندڙ اديبن جا سوڳوار نعرا
۽ زخمي سنڌ جو روح اڳيان رکي
هن ڏانهن ڏسڻ لڳس.
مون ڏٺو
پٺائي،ايس ڊبليو مروين ۽ گمنام شاعر
پاڻ ۾ ڳالهائيندي چوڻ لڳا:
درد تہ ساڳيو آ پر
درد کي بيان ڪرڻ
۽ محسوس ڪرڻ جي ڪيفيت
۽ اُن کي پيش ڪرڻ جو فن
هر شاعر جو پنهنجو آ!
مان سندن گفتگو ٻڌي ڳوڙها هاري
پُنتي موٽيس تہ
پويان آواز آيو

پنهنجن پيرن تان ميندي لاهي
جبلن جي جهاڳ جهڙو
ڏگهو سفر ڪري هڪ پيو نظم لکجان!
جنهن ۾ عمل جا رنگ ۽
جستجو جا نوان ڏس هجن!
ڇو ته لفظن جي ماتم سان گڏ
هاڻي زنده دل ڪردارن جي به ضرورت آ
جيڪي گلن سان به پيار ڪن ته
گرميءَ ۾ پياس جهڙو پنڌ به ڪري سگهن.

# تون چاهين ٿي تہ

هن رات وڏي ڏُکَ ۽ ڪاوڙ مان
ڪنهن پرڏيهي شاعر جي نظم جون سٽون
اِن باڪس ڪندي لکيو آهي تہ
"تون مونسان پيار نہ ڪجانءِ
اُن ڪان اڳ، جو تون منهنجي دل ٽوڙين
مان تنهنجي دل ٽوڙي ڇڏينديس."
مون کيس ميسيج ۾ لکيو تہ
موت بادلن تي سفر ڪندي نظر اچي
تڏهن بہ شاعر پنهنجي شعرن ۾
موت ۽ بادلن کي حُسناڪ قرار ڏيندي
شاعريءَ ۾ رقص ڪندي نظر ايندا آهن،
مون کيس لکيو تہ
تون تہ منهنجي حواسن ۾ سُڳنڌ ڦهلائيندڙ
اهو رنگ آهين
جنهن جي هڪ هڪ هڳاءَ تي
ڪائنات جو ساهہ هر کيو پوي!
ياد ٿئي ٻيوٽيءَ واري پهرين رات

رسيپشن تي ڳالهيون ڪندي ڪندي
پاڻ درياءَ جي هُن پار هليا ويا هئاسين،
تنهنجا ڳوڙها
منهنجن ٻانهن جي ڀاڪر مان ڪري
ماحول کي وڌيڪ غمگين ڪري رهيا ها!
تون چاهين ٿي ته
مان توسان شادي ڪيان!
توکي خبر آهي ته
اسان جو ڪچڙو گهر آهي،
جتي گئس بدران ڇيڻن ۽ ڪاٺين تي
چلهه ٻرندي آهي،
اسان شاور بدران نلڪي هيٺان
اجا تائين بہ پوتڙو ٻڌي
ميٺَ سان وهنجندا آهيون!
اسان جي لوڙهي واري گهر جي ٻاهران
ڪُتن جون پونڪون
توکي ڪٿي سمهڻ ڏينديون!
اسان ڪُڪڙين جا آنا ۽ ڪير وڪڻي
پاڻي پي سمهي پوندا آهيون!
مان ڪيئن پڙهيس
اها هڪ خبر مونکي آ ۽ ٻي امان کي ،
جيڪا اسان کي
مکڻ کارائڻ بجاءِ آسرا کارائي

ڪتاب وٺي ڏيندي هئي!
ميان ٿو تنهنجي خواب ۾
منهنجي ياڪر جهڙو گهر هوندو
پر يار
تنهنجن امير مائٽن جي ذهني محل جهڙو
مون وٽ ته ڪو تڏو به ناهي
جنهن تي مان ڪين ويهاري
سُڪل ماني ڪارائي سگهان!
منهنجي هن ڏگهي ميسيج ڪانپوءِ
هن جون اوچنگارون
منهنجي موبائل فون جو
هاڻ ڦاڙي رهيون هُيون!
۽ مان
امان ڪي اچو برقعو هٿ ۾ ڏئي
هن جي شهر واري گهر
تائين وڃي رهيو آهيان!

◘

# هُن خط موڪليو آهي

هوءَ گرمين جي موڪلن تي
گهر ويل آهي!
اُتان هن وري
هڪ نئون خط موڪليو آهي،
هُن لکيو آهي تہ
ٽٽل دليون،ڀڳل عضوا، ٻرندڙ گهر،
ڏبرا ٻار،پيرن اگهاڙيون عورتون
۽ سڙيل ٽرانسفارمر ڏسي
هُن جو من چلهہ تي رکيل
ديڳڙيءَ ۾ رَجهي رهيو آهي!
هن پنهنجن رت هاڻن ڳوڙهن سان
لکيل خط جي سِٽ سِٽ ۾
هڪ نئين ڪهاڻي لکي
فيسبوڪ جي وال تي
روئڻ شروع ڪيو آهي!
هُن يونيورسٽيءَ جي فزڪس واري شعبي مان
پهرين پوزيشن ڪڍندڙ

مون واري روم پارٽنر جي
ڪلاس فيلوءَ جي ڪهاڻي جي ڪلائيمڪس ۾
ڪاري پٽر جو ذڪر ڪندي
ڪيس بچائڻ لاءِ
مونکي سندس مدد ڪرڻ لاءِ
لفافي ۾ پنهنجون اکيون بند ڪري،
مون ڏي اُن ڪري موڪليون آهن ته
مان سندس اکين سان
اُن ڇوڪريءَ جي درد ڪهاڻي پڙهي ڏسان!
هن لکيو آهي ته
اوهان شاعر آهيو
اوهان جون اکيون اڄڪلهه
فائيو اسٽار هوٽلن جي ڪاريڊور ۾
اين جي اوجي اڳواڻن
۽ سرڪاري اُمداد ڏانهن وڏيڪ ڏسڻ لڳيون آهن!
تون سمنڊ ڪناري تي
جينس واري ڇوڪريءَ سان شام گذارڻ بدران
هن يونيورسٽيءَ مان پڙهي آيل
ڇوڪريءَ جي
اديب پيءُ جي رويئي کي
پاڻ اچي اکين سان ڏس!
۽پوءِ ڪو نظم لک ته
شاعر لکي ڇاٿو ۽ ڪري ڇاٿو!

مونکي ايئن ٿو لڳي جڻ ڪا
ڪارن ڪپڙن واري نرتڪي
منهنجي اندر جي آڳر ۾
آڳ لڳائي
نئين انداز ۾ نچي رهي آهي!
هيءَ ڪهڙي ديس جي ڇوڪري آهي؟
جيڪا مُنهنجي دل جي
شريانين مان پنهنجا پير ٻوڙي
مينديءَ رتا رنگ ڪڍي
منهنجو ساهه سُڪائي رهي آ !
نه نه مان غلط ٿو سوچيان
هيءَ اها ئي ڏکڻ وارن ۾ سنهڙي چيلهه واري
ساڳئي ڇوڪري هوندي
جيڪا منهنجي ڊائري
نائين درجي ۾ پاڻ سان گڏ کڻي
مونکي ’سُهراب فقير‘ سان
باجي پرسان ويهاري
نئون گيت ڳائڻ لاءِ چئي وئي
ته واپس ئي نه موٽي !
مان اها ڊائري ڳوليندي ڳوليندي
ايئن لڳي ٿو جڻ
پاڻ کي
نئين سر ڳولي لڌو آهي!

مون ٻُڌو آ تہ
اهائي ساڳي ڇوڪري
رات جو دير سان فيسبوڪ وال تان
منهنجن نظمن ۾
پنهنجي بدن جي رنگن کي پسندي
۽ ڏکهن وارن جي خوشبو ۾ ويڙهجي
منهنجن حسين خيالن کي پڙهندي
روئي ڏيندي آهي!
۽ ها
مان ۽ منهنجا نظم
اڄ رات جو سندس پيرن جي رقص تي
اُن ڇوڪري
۽ سمورن شاعرن جي دل،دماغ ۽ ساهن ۾
رومانس جا رنگ وکيري
مي رقصم مي رقصم تي اُڏامڻ لڳون ٿا!

# ڪاش

ڪاش منهنجي دل اُڏري ٻہ سگهي ها
۽ هن جي سڙڻ جو ڪو سبب بہ نہ هجي ها!
خبر ناهي تہ شاعراڻي مزاج وارا
هي جملا ڪٿي پڙهيا هُيم؟
يا منهنجي دل تي ازخود تري آيا!
هيءَ صبح جي واڪ تي
نڪرڻ مهل جي ئي ڳالهہ آهي،
هو ساڳيو ئي بئنڪ مئنيجر
جيڪو پکين جي شڪار جو وڏو شوقين آهي
رستي تي ملي ويو
هُن جي هٿ ۾ بندوق ڏسي
منهجي مَن کي گهبراهٽ ٿيڻ لڳي !
مونکي پنهنجي گهرواري وڻ ۾
سالن کان رات جو موٽي ايندڙ پکين جي ننڊ
۽ صبح جون ٻوليون ياد اچڻ لڳيون!
مون ڪانئس پُڇيو
توکي پکين جو اُڏرڻ ناهي وڻندو ڇا؟
توکڏهن هنن کي اُڏار دوران ڳائيندي ٻڌو آهي؟

هنن جي خاموشيءَ ۾ درد جي امڪان کي
ڪڏهن محسوس ڪيو اٿئي؟
هو چُپ ٿي مونکي ٻڌندو رهيو.
مون هن کي چيو
يار ڪين جي ڦرين اُڏار ۾
پرن جي سرگم سان گڏ منهنجي دل بہ
ڪڏهن ڪڏهن اُڏرڻ چاهيندي آهي!
هن پنهنجي ماٿ کي ٽوڙيندي چيو
تون ڊاڪٽري ڇڏي شاعر ڇونہ ٿو ٿي وڃين!
۽ وري هو چوڻ لڳو
تہ ڪي
هر سال اسان واري ڍنڍ تي ڇو ايندا آهن؟
۽ شام جو
پنهنجي ديس ڇو موٽي ويندا آهن؟
مون هن ڏانهن ڏٺو
۽ پوءِ پنهنجي دل ۾ جهاتي پائي
هن کان سوال پُڇيم
تون بئنڪ ۾ ڇونہ سمهين پوندو آهين؟
هن جي هٿ مان بندوق ڪري پئي!
۽ مون چيو
شال ڪين جون اُڏارون ۽ محبوب جون نهارون
گڏ گڏ رقص ڪنديون رهن!

■

# ڪاش هينئن ٻه ٿي سگهي ها

مُنهنجي
جنم ياترا واري ڏينهن
منهنجي ننڍڙي ڳلي مان نڪتل
ٻهرين رڙ تي
امان جي ٻرندڙ اکين مان
روشني جا ٻهريان ليئاڪا
۽ خوشيءَ وارا احساس
ڪاش مان ٻيهر ڏسي سگهان!
ڪاش اُن ڏينهن واري
صبح جي ٿڌڙي هوا
۽ پره ڦٽيءَ جي ڪوملتا
جهڙي ٻهرئين ٻاڪر
۽ اسان جي گهر واري آڱڻ اڱيان
ادا وڏي ٻاران پوکيل
گلن ۽ گل ٻاٽين جي خوشبو
جهڙي ٻهرين چميءَ وارا
دلربا احساس

ڪو مون کي موٽرائي ڏئي!
”ادا فيض“ پاران پوڪيل
اِهي گل بہ تہ هاڻي سُڪي سڙي ويا آهن!
جن جي هُڳاءَ سان گڏ
امان جا
مزدور ۽ پورهيت پير پسار ڪندي
مونکي پنهنجي گرم ڇاتيءَ سان لڳائي
ممتا جو احساس ڏياريندا هئا!
ڪاش ڪو مُون کي
پنهنجي حصي واري ڪير وٺي مان
آخري ڍُڪ بچائي
اهڙي طريقي سان پياري
جنهن مان ننڊڙي هجڻ جو احساس
مون وٽ پيهر موٽي اچي!
۽ ها مکڻ چاڻي جهڙي نرملتا،
ٽپڪي انب وارو مٺاس
۽ انبن واري باغ پر سان اَڌ جي ڪپ تي
بابا پاران پوکيل
مينديءَ جي تازي بور واري خوشبوءِ کي
ڪالهہ کان منهنجو بي قرار روح
ڳولي ڳولي ٿڪجي پيو آهي!
پر مان اسپتال ۾ آهيان!
زخمين جو رت ڏوئي ڏوئي

منهنجو من ويتر بي قرار ٿي پيو آهي!
آهي ڪو؟
جيڪو منهنجي پورهيت امڙ جي
احساساتي رنگن جهڙي
ڪا هلڪي مُرڪ مونکي آڇي!
تہ جيئڻ زندھ رهڻ جي تمنا جاڳي سگهي!
۽ زخمين جو رت ڏوئندي ڏوئندي
ٿڪجي پوڻ واري احساس کان بہ بچي سگهان!
۽ هو سِڪيلڊو ٻار
جيڪو سامهون واري بستري تي
سڪايل عورت جي هنج ۾
ڊگها ڊگها ساھ کڻي رهيو آهي!
مان ٻار جي رڳن ۾
خوشبوءَ جو واس اوتڻ ٿو چاهيان!
مان امان جي پرندڙا کين مان
پھرئين ڏينهن واري روشنيءَ جا ڪجھ رنگ
هنج ۾ ٻار کڻي ويٺل
هن اُداس عورت جي احساسن ۾ اوتڻ ٿو چاهيان!
ڪاش هوءَ بہ جِست واري وٽي مان
رابيل جهڙي هن ٻار کي پنهنجي حصي
جو کير پياري سگهي!

■

# هر ڊاڪٽر شاعر هجي

منهنجون اوجاڳيل اکيون
جيڪي منهنجي ماءُ،
منهنجي زال،
توڙي منهنجي ڪلاس فيلو
محبوبا کي ڏاڍيون وڻنديون آهن
خدا شايد مونکي سمهڻ خاطر
عطا ناهن ڪيون!
’آءِ سي يو‘ جي هر بستري پرسان
مانيٽرن جا آواز
۽ وينٽيليٽرن جو سهڪو
منهنجي اکين سان گڏ
جاڳڻ جا عادي ٿي ويا آهن!
اڄ رات جو ٻين وڳي
ويم جي سورن
۽ رت جي ضايع ٿيڻ سبب
ٻئي جوان ۽ ڀريتيون عورتون
اسٽريچر تي موت سان وڙهي رهيون آهن!
منهنجن مريضن کي

تازي توڙي اڃي رت جون
ڏهہ ٻارنهن بوتلون گهربل آهن!
پر هُنن سان
هڪ هڪ مرد گڏ آيو آهي
هنن کي فائيل بہ ٺهرائڻا آهن!
رپورٽون بہ ڪرائڻيون آهن!
۽ موبائل فون تي
ڳوٺ وارن کي حال حوال بہ ڏيڻو آهي!
مان سوچيان ٿو مرد مريض سان
پورو ڳوٺ گڏ هوندو آهي!
هي عورتون مُئي موت سان بہ
اڪيلي ويڙهہ وڙهڻ لاءِ پئدا ٿيون آهن شايد!
مُنهنجي اُداس اکين ۾
آرس جا اپرندڙ احساس پڙڪو ڏئي
مانيٽرن جي آواز سان گڏجي
مرداڻي سماج جي بي حسيءَ تي
درد جو گيت جهونگاريندي
ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا آهن !
۽ ها جي هي ٻئي پهريتيون جوان عورتون
رت نہ ملڻ سبب مري ويون تہ
منهنجون اُداس اکيون ڪڏهن بہ
سُمهي نہ سگهنديون!
۽ پڪ سان منهنجي ننڊ بہ مري ويندي!
[2]

مان اڃا به جاڳان ٿو
مونکي هُنن جي بچي وڃڻ تي
هڪ اهڙو نظم لکڻو آهي
جيڪو زندگيءَ جي سمورن حسين رنگن،
حسناڪ روپن
۽ دلربا احساسن جي تصوير ڏيکاري!
مان اڃا به جاڳان ٿو
مونکي هُنن جي بچي وڃڻ تي
سماج جي ڪنهن سُڄاڻ عورت جي
هڪ اهڙي آخري چُمي گهر جي
جيڪا ورهين پُڄاڻان
امان منهنجي اکين تي ڏيندي
منهنجي من ۾
احساس جي هڪ نئين دنيا اوتي هئي!
مان اڃا به جاڳان ٿو
هُنن جي بچي وڃڻ تي
جيڪر هر گهر جي ماءُ جي من مان
اها آس اُپري ته
هر شاعر ڊاڪٽر هجي ۽ هر ڊاڪٽر شاعر هجي.

## مون کي ٻوڙها تہ ميڙي ڏيو!

مينهن جي ڳڻ ڳڻ کي، درد جي احساس کي،
ٻوڙهن جي وَهڻ کي، ۽ چُمين جي ڪوساڻ کي،
ڪير آهي جيڪو ميڙي
منهنجي لائبرريءَ جي ڪبٽ ۾
ڪتابن سان گڏ رکي ڏئي!
ڇو تہ
مان روزانو مينهن سان،درد سان، ٻوڙهن سان،
۽ چُمين جي ڪوساڻ سان
ڪٿي نہ ڪٿي ملي
ڊائريءَ ۾ هڪ نئين تصوير ليکي
لائبرريءَ کي روئاري پوءِ سمهندو آهيان!
منهنجا ڪتاب هاڻي
منهنجي ڊائريءَ ۾ سنڀالي رکيل
ان آتم ڪٿا کي روبرو ڏسڻ چاهن ٿا!
۽ لائبرريءَ ۾ رکيل بابا جي پراڻي قلم سان

هڪ اهڙو ناول لکڻ ٿو چاهيان
جيڪو لفظن بجاءِ
شهر جي گهٽين ۾ بارش جيان وسڻ لڳي!
اهڙي بارش جنهن جي سُرن ۾
اسان جي ٻوٽ واري دائي
’ماسي راضل‘ جي ٻَلي جهڙو سوز هجي!
اهڙا ٻوڙها جنهن ۾ چَپ تہ آلا ٿين
پر نِڙيءَ مان لفظ گهُٽجڻ بدران
امان جي سڏ جهڙا ٿي پيار جو احساس ڏيارين!
منهنجو پاءُ شام ڏاري ماريو ويو!
گلن جي خوشبوءِ جهڙي منهنجي وڏي ڀائٽي
پنهنجي پيءُ جو آخري ديدار ڪرڻ بعد
ڪچڙي منجهند جو
پنهنجي حيات وڃائي ويٺي!
بابا ڪمري مان ٺي ٻاهر نہ نڪتو!
۽ امان دروازي ڏانهن ڏسندي ڏسندي
پنهنجي مُنهن روئي روئي دل جا وال وڃائي ويٺي!
ڪير آهي جيڪو
هي سمورا ٻوڙها مونکي ميڙي ڏئي
جن سان هڪ ناول لکي وٺان
جنهن جو عنوان هجي
”مون کي ٻوڙها تہ ميڙي ڏيو“.

■

# من ڪي گل ٽڙي پون

هن مون ڏي ميسيج ڪيو آهي تہ
تنهنجا نظم
ٻڪايل جو پيٽ بہ نٿا ڀري سگهن!
تنهنجا نظم هڪ بيواهہ عورت جي
ٻارن جي فِي ڀرڻ جي قابل بہ ناهن!
تنهنجا نظم
سترنهن ڏينهن کان وارڊ ۾ تڙپندڙ
بنا سفارش واري مريض کي
آپريشن جي لسٽ تي بہ نٿا رکرائي سگهن!
تنهنجا نظم
روئندڙ ٻار لاءِ رانديڪو بہ نٿا ٿي سگهن!
تنهنجا نظم
ڳورهاري عورت جو
الٽرا سائونڊ بہ نٿا ڪري سگهن!
ءِ ها تنهنجا نظم
ساهہ جي تڪليف وقت
نيبولائيزر وارو ڪم بہ نٿا ڏئي سگهن !

تہ پوءِ اي منهنجا شاعر
تون رات جو دير دير تائين جاڳي
ڍگها ڍگها نظم ڇو ٿو لکين!
هن جو هي ميسيج پڙهي
مون سان گڏ منهنجن نظمن رات کان وٺي
روئڻ شروع ڪيو آهي!
نظمن جي ڳوڙهن مان
نوان نظم ڦُٽڻ لڳا آهن!
ٽٽل دلين، ڀَڳل روڊن، ويران اسڪولن،
بيمار ٻارن،بيواهہ عورتن
معذور ماڻهن،سرڪاري اسپتالن،
وڏيون فيس وٺندڙ
ڪميشن خور طبيبن، عطائي ڊاڪٽرن
روڊ حادثن
۽ امان جي يادن، ٻوليءَ جي بقا
۽ ماڻهن جي روين تي ماتم ڪندي
منهنجا نظم
لڙڪ لڙڪ ٿي وسي رهيا آهن
اُن اميد سان تہ
مَن ڪي تازا گل ٽڙي پون!

■

## نظم روئن ٽا

منهنجو بيقرار ۽ بيچين مَن
يار جون گرم ٻانهون
چڙ تہ چادر ۾ ويڙهيل تازو گوشت هجان !
عمر بہ تہ ڪا ايڏي وڏي نہ هئي
ٽَپڪي انب جهڙو بدن!
هُن سان ملندي هُيس تہ
رنگ رنگ تي اُڏرڻ لڳندي هيس!
هو ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ جهڙو
ڏِگهي قد ۽ مضبوط ٻانهن وارو
سانورو شخص
مون تي بارش جي نيسارن
۽ آبشارن جيان وسندو هو تہ
مان جڏي ڇت جيان ٽمڻ لڳندي هيس!
منهنجن وارن جا وڪڙ
۽ هُن جي
گرم پاڪرن جو احساس
منهنجي ساهہ ۽ سرير ۾ اوتجي
هڪ نئين نشي جي صورت اختيار ڪندي

منهنجي اندر کي نچائيندو هو
۽
مان پنهنجي والدين جي لڄ خاطر
پنهنجي ڪُک ۾ پلجندڙ ڪائنات کي
ڪُتن جي حوالي ڪري
پنهنجي حسناڪ جواني ۽ نچندڙ جسم جي
انگ انگ ۽ رنگ رنگ کي
برف جي ڪئن ۾ ويڙهي ’آءِ سي يو‘ ۾ پهتي
آهيان!
مون ٻُڌو آ تون هڪ شاعر ڊاڪٽر آهين!
تو پيار جا ڪيئي نظم لکيا آهن!
هڪ ڳالهہ چوانءِ
مونکي بچائڻ بدران مون تي هڪ نظم لکجانءِ!
مان هن کي
ڪئنولا هٽي ئي رهيو هيس تہ
هوءَ اکيون ٻوٽي
آءِ سي يو مان اُڏري ڏور گهڻو ڏور هلي وئي!
۽ ها مون
هڪ نظم بہ لکي ورتو آهي!
اهڙو نظم جنهن ۾
هڪ ڇوڪري روئندي چوي ٿي
امان کي گهراءِ تہ مونکي کير پياري!

# خواب به مرندا آهن ڇا؟

منهنجي دل مڃي ئي نٿي ته ڪو
پاڻ وچڙي ويا آهيون!
هو چون ٿا تنهنجا خواب
مري ويا آهن!
مان نٿو سمجهان ته
منهنجا خواب ٿائرن هيٺان ڏئي
ڪنهن روڊ تي چيٿاڙيا هوندا!
پر هو ٻارُ جيڪو
مانيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو هو
اهو ٿاڪ منجهند جو
مون واري اسپتال ۾
ڪليل وارن ۽ ميرن ڪپڙن واري
ضعيف عورت جي هنج مان
منهنجي چيمبر ۾ سندس
هٿن مان ڪري پيو هو!
ٻار جنهن جي نڪ ۽ ڪنن مان

رت وهي رهيو هو!
اهو بہ تہ منهنجوئي خواب هو
پوءِ مان ڇو نہ ٿو مڃان تہ
خواب مري بہ سگهن ٿا!
هوءَ پوڙهي عورت جنهن جي پوٽيءَ پاند ۾
صرف پنجهٺ رپيا ئي ٻڌل هئا
هن کي اسٽور وارو پوري دوا ڪٿان ڏيندو؟
ٽانگي واري ڪراڙي همراهہ جي
بيواهہ زال مري ويندي تہ
هن جي ڌيءُ جا خواب ڪير ميڙيندو؟
پوءِ مان ڇو نہ ٿو مڃان تہ
خواب ماريا بہ ويندا آهن!
مان سوچيان ٿو خواب رڳو
بستري جي ننڊ جو عڪس ناهن!
خواب اُتساهہ اعتماد ڀروسي ۽ جاڳرتا جو
خوبصورت رنگ بہ آهن تہ
خواب زندگي گذارڻ جو ڍنگ بہ آهن.
هاڻي وڃي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي آ!
تون جلدي موٽي آ او منهنجي محبوبہ
پاڻ دير تائين جاڳنداسين!
مون واري نئين گهر جي ٽيرس ۾

’باربي ڪيو‘ پچائيندي
ٽاندن تي هٿ به سيڪيندا سين
۽ پوءِ پنڪ ڪلر واري ڪمبل ۾
هڪ گڏيل خواب لهنداسين!
خواب اهڙو جنهن ۾
ٻار پاڻ ٻنهين جي ڇاتين تي ڊوڙن پائيندا هُجن!
روڊ تي ڪو به لاش نه ڏسجي
۽ دوا، دارونءَ لاءِ
ڪنهن به رَئي جي ڪُنڊ
ڳوڙهن هاڻيون ڳالهيون نه ڪري!
۽ ها منهنجي محبوبه
پڪ سمجهه پاڻ گڏجي پياسين ته
ڪو به خواب مري نه سگهندو!

# شاعري هن جي اکين ۾ سُمهي پئي آهي

مان ڇا ڪيان؟
منهنجي سموري شاعري
هن جي اکين ۾ سمهي تي پوي!
هن جي ٿڌي ساهه کڻڻ سان
هوا پاڻ شاعري ٿي
منهنجي ذات کي للڪاري رهي آهي!
منهنجي دل ٽُٽي ڪٿي آ؟
مان ته ڪيس نئين ترتيب ڏئي رهيو آهيان!
پر پوءِ به هوءَ
مونکي ڳنڍڻ جي ڪوشش تي ڪري،
منهنجي دل کي سبندي سبندي
هن جا هٿ ٿڪجي پيا آهن!
ڪيس ڪير ٻڌائي ته
هاڻي دنيا تبديل ٿي رهي آهي.
دوازي تي انتظار ڪرڻ بدران
اِمو ميسينجر يا واٽس اپ تي
پنهنجي ئي ڪمري مان

منهنجو هٿ پڪڙي
مونسان پيار بہ ڪري سگهي ٿي
تہ جهيڙو بہ ڪري سگهي ٿي!
ها باقي هڪ ڳالهہ آهي تہ
مان تاثرات،احساسن ۽ خيالن جي
پرزا پرزا ٿيل
ڪنهن نئين مشاهدي جي براندبيڊ بوتل آهيان!
هوءَ جي ان سان گڏ
رات جا ڪجهہ پل گذاري تہ
مَڏ سندس اکين مان ليئا پائي
منهنجي شاعريءَ جي نئين تصوير ليڪي،
شاعرن جي دلين ۾
مشاعرن جي دل لُٽي سگهي ٿي!
پر مان ڇا ڪيان
منهنجي شاعري هن جي اکين ۾
سُمهي پئي آهي
۽ هوءَ دريءَ کان ٻاهر نهاري ئي نٿي.

# موٽي ئي ڪانه

مونکي اها خبر ناهي
تہ هنن سٽن جو سرجڻهار ڪير آهي؟
پر منهنجي ڪمري جي نارنگي
رنگت واري ديوار تي
تڏهن ڪان فريم ۾ لڳل آهن
جڏهن مان نائين درجي ۾ پڙهندو هيس!
”سارو ئي ويو آخوشبوءِ سان واسجي
ڪمري ۾ جو تون آهين
تہ گلدان ڇا رکان مان.“
منهنجي زال مونکان
ڪڏهن ڪڏهن پڇندي بہ آهي تہ
تہ هي شعر ڪنهن لاءِ
ديوار تي نمايان ڪري لڳايو اٿئي؟
مان اشارو ڪندي
ڪيس چوندو آهيان
ڪمري ۾ تون آهين
تہ ٻيو ڪنهن لاءِ هوندو هي شعر!

هوءَ چپ ٿي ويندي آهي!
پر دريءَ مان ٻاهر،
ڪجين جي ڍگهن وڻن،
بيد مشڪ جي قدآور لڏندڙ لامن
۽ پکين جي اُڏارن سان گڏ
منهنجي اکين مان اُڏرندڙ ڳوڙهن کي
ڪيترائي ڀيرا ڏسي
هوءَ ڪافي جي مَگ سميت
منهنجي ڀرسان ويهي،
منهنجا ڳوڙها اُگهڻ جي
ڪوشش ڪندي رهي آهي!
مان هن کي ڏاڍو پيارو آهيان
۽ هوءَ مونکي بہ ڏاڍي وڻندي آهي!
پر
منهنجون اکيون ڪڪر ڪڪر ٿي
اُن ڇوڪريءَ جي
وڏي ماڙيءَ جي ڇت تي روز وسنديون آهن!
جيڪا نائين درجي ۾
منهنجي شاعريءَ جي
پهرين ڊائري پاڻ سان گڏ کڻي
هلي وئي تہ موٽي ئي ڪانہ!

# ٻار وڏو ٿيئي نٿو سگهي

مان مختلف ٻارن جي
وچڙي ويل امڙين جون ڪهاڻيون پڙهندي پڙهندي
اُداس ٿي پيو آهيان
هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ الڳ درد آ
هُنن جون ڳالهيون هُنن جو انداز
ڪيترو نہ
فطري ۽ معصوم ٿو لڳي،
هنن جي لفظ لفظ مان
ايئن پيو لڳي جڻ
ٻاڪ ڦٽيءَ مهل گل ڳوڙها ڳاڙيندا هجن!
هيءَ ڪهاڻي پڙهي ڏسو
اڪيون ازخود پرجي ايندوَ!
ٻارڙي لکي ٿي تہ،
”گذريل جنوريءَ ۾
جڏهن پهاڙ برف سان مڪمل طور ڍڪيل ها،
اسان جي گهر جي ڇت بہ
برفباريءَ سبب سفيد لڳي پئي هئي

ڳوٺن کي به
برف جي پوشاڪ پاتل هئي!
۽ ها تڏهن
تازو تازو بابا امان کان الڳ ٿي
ٻي شادي ڪري ڇڏي هئي !
امان ڳڻتيءَ ۾ بيمار ٿي پئي هئي!
مان ان وقت ستن سالن جي
۽ امان ستٽيهن سالن جي هئي،
ڪجهه عرصي بعد
امان جي جسم جو وڏو حصو
باهه ۾ سڙي پيو هو!
ڊاڪٽرن جون ڪوششون ناڪام
ٿي چڪيون هيون!
مان امان جي پيرن جو ٽڪ لاهيندي
ڪيترائي پيرا
سندس سڙيل ڄنگهن تي سمهي پئي هوندم!
مونکي خبر ناهي ته
هن کي سور ٿيندو هوندو يا نه
پر هُن ڪڏهن به منهنجي ننڊ ۾
رخنو نه وڌو هو!
مان اڪيلي هُيس
ٻاهر برف هئي، ٿڌڙي هوا هئي

مونکي سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ
مان امان جو لاش برف ۾ ڍڪي رکان
يا ڪمري ۾ ئي پيو هجي!
هيلپ لائين تان مدد گهريم
ماسڪ پاتل چار ماڻهو آيا
امان کي اسٽريچر تي کڻي ويا!
منهنجو انتظار برف جي پهاڙ تي ڄمي
سورهن سالن جوڙي ويو آهي!
پر امان اڃا تائين ناهي موٽي!
وڻن مان برف ۾ ويڙهيل پن ڇڻن ٿا!
مان پنن جي درد مان
لفظ چونڊي چونڊي
امان ڏانهن خط موڪليان ٿي تہ
امان!
مان انتظار جي برف ڳاري رهي آهيان!
تون ڪڏهن موٽي ايندينءَ؟

## هڪ نئون درد

مان بس جي پوئين سيٽ تي
ننڊ جي ڳولا ڪندڙ
ڪنهن رولاڪ مسافر جيان،
گهمندي ڦرندي
ماڻهن جي اکين مان نظم ڳولي
دير دير تائين جاڳي تهجد ويل
فيسبوڪ تي اپلوڊ ڪندو رهندو آهيان!
ڪالهہ بس ۾ هڪ ڪراڙي عورت ملي وئي
هن جي اکين جي آڳر مان ڪو
سندس جوان پٽ جي
تصوير چورائي ويو هو!
ميرن ڪپڙن وارو ڪمزور ٻار
مانيءَ ڀِيي لاءِ
۽ هيروئن جو عادي نوجوان
نشي لاءِ پئسا پِني رهيو هو
تازي رٽائرمنٽ ورتل ڊرامستاد
ڪيسي ۾ هٿ هنيو تہ

سندس پينشن جا پئسا گم هئا!
هو مونکي ٻڌائي سمجهي
پنهنجي ڇهري تان پگهر اُگهندي
منهنجي ڪيسي ڏانهن تَڪي رهيو هو!
مون ڏيڍ سئو رپيا سندس هٿ تي رکيا تہ
هُن جي ڪراڙين اکين مان
ڳوڙها ڪري پيا!
هن ڪي اسپتال ۾ داخل بيمار ڌيءُ جي
آپريشن جي في بہ ڏيڻي هئي تہ
دوا بہ وٺڻي هئي!
ڄمون وٺ واپسيءَ جو ڪرايو ئي ڪونہ هو!
ڊرائيور سامهون ڏسڻ بجاءِ
شيشي مان پوئينءَ سيٽ تي ويٺل
جوان ڇوڪريءَ جي اکين ۾ اکيون ملائي
وڏي آواز ۾
”تنهنجي بہ ڪجهہ دل آهي او سهڻا
ڪلڻ ٿو تنهنجو ٻڌائي“
هلائي رهيو هو!
لائي وڪڻندڙ ڇوڪرو زور زور سان
هوڪو ڏيندي
هر مسافر کي اکين ئي اکين ۾
لائي خريد ڪرڻ لاءِ
چڻ تہ ايلاز ڪري رهيو هو!

بس اڳئين اسٽاپ تي پهتي ئي ڪانه ته
پوليس وارا بس بيهاري
گاڏيءَ جا ڪاغذ ۽ ڊرائيور جو پراڻو لائيسن
قبضي ۾ ڪري
پنهنجي گهر جي سيڏي لاءِ
ڪنڊيڪٽر کان ٻه سئو رپيا وٺي
موبائل ۾ وجي ويٺا!
مان سڄي ڏينهن جي سفر ۾
رومانس جي رنگن کي ڳوليندو رهيس
پر مونکي روڊ تي وڄندڙ هارن مان
هڪ نئون درد مليو.

■

# ٿانون تي ماتم

منهنجن تمام گهڻ دوستن کي
اها خبر هوندي ته
مان روئندو گهڻو پڙهندو گهٽ آهيان !
هيءَ بريڪنگ نيوز ناهي
نه ئي ڪا چرڪائيندڙ خبر!
هيءَ منهنجي به ڳالهه ناهي
هيءَ هڪ ڪيفيت جي ڳالهه آهي!
ياد نٿو اچي، پر مون ڪٿي پڙهيو هو ته
”ڪيفيتن کي ڪو به پڙهي ناهي سگهندو.“
ڪڏهن ڪڏهن
احساسن ۽ ڪيفيتن جي گهرائيءَ کي
ظاهر ڪرڻ به
جڻ ته باهه ۾ هٿ وجهڻ برابر آهي
۽ دوست چون ٿا ته
مان به هاڻي
ٿانون تي ماتم ڪرڻ لڳو آهيان !
مان ڪين ڪيئن ٻڌايان ته

لفظ مون تي وسي رهيا آهن!
ڪيفيتون پهاڙن جي پاڪر مان نڪري
ڪٿي گل تہ ڪٿي آڳ تي
خوشبوءِ تپش جو الڳ الڳ روپ ڌاري
هڪ نئون ديس جوڙڻ لاءِ
جڻ تہ ڪو چلو ڪاٽي ٻاهر نڪتيون آهن!
راتيون مونسان گڏ جاڳڻ لڳيون آهن!
۽ پکي منهنجي دل جي سئمنگ پول ۾
شڪارين کان لڪي وهنجڻ اچن ٿا!
۽ سج لهڻ کانپوءِ
منهنجي دل جي لامَ تي ننڊ بہ ڪرڻ اچن ٿا!
ڪنهن کي خبر هجي يا نہ هجي
پر منهنجا ۽ پکين جا خواب
ذري گهٽ ساڳيا هوندا آهن!
رات هڪ ڇوڪري ملي،ڏاڍي وڻي وئي
چيومانس دوستي ڪندينءَ!؟
چوڻ لڳي ڪو آڳڙيو ٿو لڳين!؟
اڳ ۾ گهڻا عشق ڪيا اٿئي؟
مان چرڪي ويس،
آڱرين تي عشق ڳڻيندي ڪيس ٻڌايم
تون منهنجي سٺيهين سنگتياڻي هوندئن!
هوءَ جيستائين ٻيو ڪو سوال پُڇي
مون ڪيس ٻڌايو تہ

پکين جي دل،پوپٽن جا رنگ
آبشارن جو ردم ۽ ندين جي ڇولين جهڙو
پورو جڳ سمايل آهي مون ۾!
تون بہ ڪا
هڪ رات منهنجي آڳر ۾ رهي ڏس
تنهنجي اکيون مون مان اصل نہ ڀڃنديون!
چمي هوءَ پُڇڻ لڳي
هي نظم توڏي ڪير موڪليندو آهي؟
مون کيس چيو
منهنجي هر نظم ۾ سڀني عاشقين جو
نچوڙ سمايل آهي !
هوءَ وڏو ياڪر پائيندي چوڻ لڳي
تون اکيون بند ڪر
مان توکي پيار ڏيڻ ٿي چاهيان!

◘

# قيدياڻيءَ جو خط

منهنجي ڇاتي ۾ اکين کي غور سان ڏسندڙ
ڇوڪرا
مون توکي سونهن پسڻ،
گل سنگهڻ، خوشبو هڻڻ
۽ مُرڪي ملڻ کان ڪڏهن بہ ناهي روڪيو !
تون رات جي پوئين پهر ۾
جيل جي ڏکڻي ديوار ٽپي هڪڙو پيرو ئي پر
منهنجي بيرڪ ۾ ضرور اچجان !
مان توکي سنهڙي چولي اندر روئندڙ
زخمي دل کولي ڏيکارڻ ٿي چاهيان!
جيل ۾ هوا جي داخلا
۽ بادلن جي وسڻ تي
ڪيڏي نہ ڏکي پابندي لڳائي وئي آهي !
هتي گلن کي پاڻي ڏيڻ بدران
درد جو ٻج، اوجاڳن جا وڻ ۽ خوف جو فصل
پوکيو ويندو آهي !

قيدين جي سمورن خوابن کي رات جو لٽي
صبح جو بنان ڪفن جي دفنايو ويندو آهي،
منهنجو مڙس، منهنجو پٽ،
ماءُ منهنجو پيءُ
جدا جدا ڪمرن ۾ واڙيل آهيون!
مونسان پيار ڪندڙ ڇوڪرا
هوا ملئي ته ڪيس ڇڏجان
مونکي تنهنجي ڏاڍي سڪ لڳي آ!
رات جيل جي سلاخن پويان
ڏڳهين ديوارن ڪان
تازي هوا، بادل ۽ بارش بابت پڇيم ئي مس ته
ديوارن روئڻ شروع ڪري ڏنو !
هڪ پراڻي سزايافته قيدياڻي منهنجي پرسان
آئي ۽ چوڻ لڳي
ڇري ڇوڪري
ايئرپورٽ تان آن ايئر ٿيل
تنهنجي پهرين ۽ آخري مسڪراهٽ،
هوا ۾ اُڏامندڙ هٿ لڪيرون ۽ هوائي اڏي کان
ٻاهر
بي قابو عاشق ڇوڪرن جي رقص کي
تنهنجي حوصلي ۽ جرئت جي ضرورت آ!

مون قيدياڻيءَ کان اڌارو قلم وٺي
دل جي ڊائريءَ ۾
جيل جي پهرين رات جي خوف
۽ وسوسي کي
نئين رومانس ۽ شاعريءَ جو
رنگين ويس ويڙهي،
خوف کي ختم ڪندي
پيار ۽ پروسي جو
گيت لکڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي!

# مصور جو درد

هڪ سئو ٽيهن ماڻهن جا لاش،
سوين ماڻهن جو وهندڙ رت،
ٻارن جي رانديڪن جا سڏڪا،
مٿي اُگهاڙين عورتن جا وڪريل وار ۽ گرم لُڙڪ،
ڪئميرائن جون ڳاڙهيون اکيون،
ٽي وي اسڪرين جون رت هاڻيون تصويرون،
ڪراڙن ڪلهن تي ٽي ٽي لاشا!
سڙڻ بعد ڪوئلي جهڙي آڱر مان
مَکڻي واري مُنڊي!
رات دير تائين مصور سڙي ويل ماڻهن جي
لاشن کي جاڳ جهڙيون اکيون
۽ مُرڪ جا نمونا اوتڻ جي ڪوشش ڪندي
برفباري، گهاٽن وڻن، جهڙالي موسم،
ٻڪين جي اُڏارن، اسڪولي ٻارن جا ٽهڪ
ڏانهن جي باغ ۾ موسيقيءَ جي محفل واريون
تصويرون گڏ ڪري،
لاشن ۾ نوان رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام
ٿيڻ بعد
پنهنجون آڱريون ۽ برش ساڙي
زارو قطار روئي رهيو آهي!

## سنڌو درياءَ سان ملاقات

پهاڙن جي هنجَ مان گذرندي
مون گاڏيءَ مان لهي
پهاڙن جي سيني کي چيري
ڏڪندڙ پاڻيءَ ۾ جهاتي پاتي!
امان جي هٿ ۾ پريل گلاس جهڙي آسيس
احساس ڏياريندڙ پاڻي!
پرسان بيٺل جهوني مڙس ٻڌايو ته
هي سنڌو درياءُ آهي!
مون پنهنجو سر نمائي هيٺ ڏنو
محسوس ٿيو چڻ ته امان منهنجي بدن تي
گرميءَ ۾ ٿڌو پاڻي هاريندي
چمي ڏئي رهي آهي !
آسمان ڏانهن ڏسندي
گلن جي خوشبوءَ جو واس ونڻ لڳس ته
پٿر تي ويٺل هڪ ڇوڪريءَ تي نظر پئي
هوءَ اڪيلي سر
سنڌو درياءَ جي وهڪري جي مَڌر آواز سان گڏ

ڏور پهاڙيءَ تي
لڏندڙ گلن جيان ڪنڌ لوڏيندي
ڪڪر ڪڪر تي وسي رهي هئي !
مون پرسان ويهي ڪانئس روئڻ جو سبب پُڇيو!
هوءَ منهنجي سوال مان
پنهنجائپ جي خوشبوءِ محسوس ڪندي
مونکي ڏسندي ئي ٻيهر روئڻ لڳي !
هوءَ روئندي بہ رهي ۽ ڳالهائيندي بہ رهي!
هن جي لفظ لفظ ۾
امان جي ڳالهين جهڙو گهر هو!
هوءَ چئي رهي هئي تہ پهاڙ ڪٽي
پٿر منهنجي ڇاتيءَ مٿان اڇلايا پيا وڃن!
منهنجي راهہ ۾ رڪاوٽن جا لوهي در ڏئي
مونکي ياڱا ڪري
منهنجي حسناڪ رنگت ,روبئي
۽ اندر جي اُڇل تي بند ٻڌي رهيا آهن!
مان سندس گفتگوءَ جي سحر
۽ لُڙڪن جي برسات ۾
پاڻ کي ٻڏندي ۽ ترندي محسوس پئي ڪيو!
ڇوڪريءَ مونکي پاڪر پاتو
مون سندس ڳوڙها اگهڻ جي ڪوشش ڪئي
هُن منهنجو هٿ پڪڙيندي

چُمي ڏئي ڇيو منهنجا ڳوڙها ئي تہ
منهنجي روح جو حقيقي حسن آهن،
منهنجي ڇاتيءَ مان وهندڙ
اهو وهڪرو ئي تہ آهي
جيڪو جواني ۾ حُسناڪيت جو سبب بڻيل آهي!
پاڻيءَ ۾ سندس لڙڪ ڪرندا رهيا
وهڪري جي ڇوهه ۾ موهه مان
هڪ آواز اُڀريو
اهي لڙڪ ئي تہ اجايل مٽيءَ کي آباد پيا ڪن!
تون تہ انهن کي اُگهي بند بڌڻ جي
ڪوشش نہ ڪر!
مان دير دير تائين سندس هنج ۾ ستو رهيس
منهنجي ننڊڙي ڏيءُ سنڌ
گاڏي مان لهي ڇوڙ لڳي
بابا
اسڪردو هلڻو ناهي ڇا؟

]

اسڪردو ويندي سنڌوءَ سان ملاقات]

# پيار جي وصف

ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران
ڇوڪريون پُڇنديون هيون
ڪڏهن پيار ڪيو ٿَئي؟
مان سندن اکين ۾ مُرڪ جو سُرمو اوتي
سندن ئي ڳٽن جي ڏمپلس تي
ٻه چار چميون ڏئي چوندو هئس
پيار ڇا ٿيندو آهي؟
ڇوڪرين جا ڳٽا شرم ٻوٽڙين جيان
ڦهريان ڪومائجي
پوءِ سورج مُکي ٻڻجي
رنگ رسيلا ٿي ويندا هئا!
ڪا نه ڪا ڇوڪري
ڳن ۾ اچي چوندي هئي
پيار جي وصف
توکان ئي ٻڌڻ تي دل گهري ٿي!

# ضد ۽ پيار

منهنجي ننڍڙي ڌيءُ رات  مون کان سوال ڪري
پاڻ تہ  سمهي پئي
پر مونکي ننڊ ئي ناهي آئي!
هن پڇيو بابا
ضد ۽ پيار ۾ ڪو فرق آهي ڇا؟
پٽ جو ضد پلو يا ڌيءُ جو؟
مون سندس سوال جو جواب ڳولهيندي
گهر ۾ لڳل تصويرن ڏانهن ڏٺو!
پهاڙن جي هڪ تصوير تان برف ڳري رهي هئي!
ٻي تصوير ۾ بارش ڪانپوءِ
گُل مرڪي رهيا ها!
ٽين تصوير ۾ هڪ ڇوڪري
ڪراڙي پيءُ جي آڱر پڪڙي ڪيس جهاز ۾
ويهاريندي
ڇئي رهي هئي
مونکي هتي ناهي رهڻو مونکي ڳوٺ وٺي هل!

چوٿين تصوير ۾ جهاز اُڏامي رهيو هو!
صبح جو اُٿي
ڌيءُ جي مٿان پيل رلي پري ڪري
ڪيس هلڪڙي چمي ڏيڻ لڳس تہ
سندس پير ۾ هڪ تصوير پئي هئي
ان جي هيٺان لکيل هو
ضدي ڇوڪري هوائي اڏي بدران
جهاز جيل ۾ ليند ڪرائي
هوا ۾ ريشمي هٿ لوڏي
نرم نرم
هٿ ڪراين ۾ پيل هٿڪڙين کي
چمي ڏئي چوي پئي
مان ضد ۾ پيار جي وصف جو
نئون نظم لکڻ پئي وڃان!

■

[

هڪ سياسي اڳواڻ جي قيدي ڌيءُ ۽ پيءُ جي گفتگو]

## مٺيءَ جي رات

مان ٽڪ پيچڻ لاءِ
پٽن تي اڏيل شهر پرسان
ٿڌي هوا ۾،
بنا ڪنهن ڊپ جي اڪيون بند ڪري
ڪيئي راتيون واريءَ تي ليٽي
ريڊيو حيدرآباد، مٺي ۽ آڪاشواڻيءَ تان
سُر ۽ سنگيت جو لطف ماڻي
اَسر ويل گهر موٽندو هئس!
بندوق جو نڪاءُ
مون توڙي منهنجن ٻارن
اڳ ۾ ڪڏهن ٻُڌو ئي ڪونه هو!
ها البته
شادي،ڏياري يا ڪنهن ٻئي خاص ڏڻ تي
ميڻ بتين جي روشني
۽ ڦٽاڪن جي شور ۾
ڪي گهڙيون گذاريون هوندم!
امان چوندي هئي

اڳي قتل جو ٻُڌبو هو تہ
سڄي ترِ ۾ حراس ڦهلجي ويندو هو!
گهرن ۾ دانگي نہ چڙهندي هئي!
ٻارن کي گهرن مان
ٻاهر نڪرڻ نہ ڏبو هو!
پر هاڻي
دردُ پِٽن ۾ بہ ڪاهي پيو آهي!
جڏهن کان وٽن ۾ واڌي پئي آهي!
بارش وسڻ ۽ مورن نچڻ
چِڙي ڏنو آهي!
تڏهن کان ماڻهن جي مَن مان
محبت بہ لڏي وئي آهي!
هي ڪي بہ لاش ناهن
جن کي چِتا تي چاڙهيو پيو وڃي!
هي امن جي تصور کي
اڱرن جي پيٽ ۾ وجهي
پِٽَ پرسان
رات جو پُرسڪون ننڊ ڪندڙ
پکين جي آکيرن ۾
ٽاندا وجهڻ جي رسم وڌي پئي وڃي!
هي رڳو آکيرا ۽
کنڀ ٽوروئي ساڙيا پيا وڃن!
پر پکين ۽ سندن ٻچڙن جي

اگھاڙن سينن کي پڇائي
بند پيل بوتل کولي
مٽيءَ جي ماڪ پنل
صبح جي لڙڪن سان
هٿ ڏوتا پيا وڃن!
منهنجي زال تہ هاڻي چاڪليٽ وٺڻ لاءِ بہ
ٻارن کي دڪان تي وڃڻ نٿي ڏئي!
سگريٽ ختم ٿي ويا آهن،
دير تائين ڪليل ڪئبن
سج لهڻ سان ئي بند ڪري
’ڏرمون‘ سَوڙ ويڙهي وڃي سُتو آهي!
وسڪي پي دوستن سان گڏ
ڪڙهائي کائڻ جو ڪيترو نہ مزو هوندو هو!
هوٽلن جا بيرا،ماڻهن جا ٿهڪ،
صندل توڙي ٿُول وهاڻا
سڀ جڻ تہ سرد لاش لڳندا هجن هاڻي!
’صادق فقير‘ جي سُرن سان گڏ رقص ڪندڙ
مٽيءَ جي رات
توکي شايد ڪا نظر لڳي وئي آهي!
تنهنجون گهٽيون گيتن بدران
معصوم رت سان پيون وهنجن!

■

[ٻن معصوم سنڌ واسين جي قتل بعد لکيل]

# ائبارشن

تو ڪڏهن آسمان کي،
وڻن کي يا پکين کي روئندي ڏٺو آ!
هوا جي خاموشيءَ ۾
ٻار جي پهرين دانهن جنهن ٻـ ٻڌي هوندي
ننڊ اُن جي بستري تان اُٿي
سُڏڪڻ لڳي هوندي!
هن جو رَتُ بند ٿئي تہ گهر وڃي نہ!
گهر ويندس تہ مارجي ويندس!
پنهنجي ٿڌي ٿيندڙ
پيشانيءَ تي هٿ رکي
گهر جي دروازي مان آهستي آهستي پير ڪڍي
سوڙهي ساهَ سان
لوئيءَ ۾ ويڙهيل پنهجو جسم ڪمري ۾ اڇلي
سڏڪڻ لڳي هئي!
هوءَ ايمرجنسي ۾ اسپتال پهتي آ!
هن جي زندگي خطري ۾ آ
مان سوچيان ٿو
هِتان بچندي تہ هُتي مري ويندي!

هو به هر هر مون کان هڪ ئي سوال پڇن ٿا ته
ايترو خون وهڻ جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو!
مان ڊاڪٽرياڻيءَ جي اکين ۾ ڏسي
چُپ ٿي وڃان ٿو!
هوا جو شور ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳي ٿو!
ٻاهر زور زور سان
بارش وسڻ لڳي ٿي!
اسان جيستائين سندس آپريشن شروع ڪيون
هوءَ خاموش ٿي وڃي ٿي!
مارجڻ کان بچي ويل ڇوڪري
خون جي آخري قطري سان گڏ.
سندس مائٽن جي ذهن ۾
هڪ ئي سوال ڇڏي وئي ته
ايترو خون وهڻ جو
آخر ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟
روڊ پاس هٿ ۾ ڏيندي
ڊاڪٽرياڻي جي ڪُڇڻ کان اڳ
مان کين چوان ٿو
زندگي ۽ موت خدا جي هٿ ۾ آ!
هو روئڻ لڳن ٿا!
۽ مان به اسپتال جي ڇت تي چڙهي
روئڻ لڳان ٿو پر
هوا منهنجا لڙڪ اگهي اگهي ٿڪجي پئي آ!
◘

## نظم لکڻ ٿو چاهيان

رات جي وچين پهر ۾
مان هڪ نظم لکڻ ٿو چاهيان!
اهڙو نظم
جيڪو جاڳَ جي پنڌ ۾ مسافريءَ جي
ٿَڪ لاهڻ جي ڪم اچي سگهي،
مان سوچيان ٿو
منهنجي شاعري،منهنجا نظم
منهنجون ڪهاڻيون
۽ ڪجھ ڪالم
نہ بيمارن کي چاڪ ٿا ڪري سگھن
نہ اغوا ٿيل ٻارڙيءَ کي موٽائي ٿا سگھن!
لڙڪ اُگهڻ لاءِ منهنجي شاعريءَ ۾
دلاسي جهڙو ڪو ڏِگ بہ نظر نٿو اچي!
پوءِ بہ هي ماڻهو مون ڏي
اُميد جي نظرن سان ڇو ٿا ڏسن؟
مان تہ هڪ اهڙو حڪيم آهيان
جيڪو مريضن جي نبض کي وڪڻي،

گهر جو خرچ ۽ جهاز جو ڀاڙو ڀڳي ڀڳي
رات جو وهاڻي هيٺان رکي
ننڊ ڪرڻ ويندو آهيان!
مان سوچيان ٿو
شاعري ڇڏي راڳ ڳائڻ شروع ڪيان!
پر سوچيان ٿو هتي تہ هر شاعر
پنهنجي شاعري ڳارائيندو مونکان!
مان تہ
ماڻهن جي شاعري ڳائڻ جو خواب لڌو آ!
ماڻهو چون ٿا
اسان بيمار ٿي پيا آهيون!
اسان کي دوا ڏي شاعري نہ ٻڌاءِ!
امان چوي ٿي
چندر جو ڪو گيت گُنگناءِ
بابا چوي ٿو
ڪوڏر کڻ پاڻيءَ جي واري تي هَل!
مان سوچيان ٿو
هنن سمورن مسئلن کي ميڙي ڪو نظم لکيم تہ
درد جا انبار لڳي ويندا
۽ ماڻهو ڪم ڪرڻ بدران روئڻ شروع ڪندا!

◘

# تخليقڪار

هيءَ تخيل ناهي!
هي رقص جو نمونو لفظن جو ماتم
ٽڪين جا لُڙڪ آهن!
درد نچي ٿو شاعر سرگوشيءَ ۾
زخمي پيرن جو رت ۽ بدن جي خوشبو
ڪاغذ تي اوتي
ڪمري جي ڪنڊ ۾ روئي پوي ٿو!
۽ روئي روئي
وري لکڻ شروع ٿو ڪري!
زندگيءَ جي زخمي نوحي جهڙو رنگ
لفظن ۾ اُوتي
درد ڪي دل جي تار تي ٽنگڻ ڪان اڳ
هو سوچي ٿو ته
عورت جي ڇاتيءَ جا اُڀار
وارن ۾ سڳنڌيءَ جو لُڏڻ
مرد جي ڀاڪر جو اسرار
حسين ناريءَ جي بدن جي خوشبو
ٻار جي جمڻ جو انتظار

هي سڀ حُسن آهي
يا منهنجي ڇهري جا گُهنج؟
هو امڙ جي ڏنل چمي
۽ اُستاد جي ڏنل ڦهرين مار کي
ياد ڪندي لکي ٿو
زندگي جماليات جي جهلڪ
۽ پيڙا جو وهندڙ سمنڊ آهي!
مونکي عورت جي حسن ، مرد جي پوڳنا
۽ زندگيءَ جي هڪ هڪ گُهنج تي
وري وري لکڻ گهرجي!
هو سوچي ٿو
رقاصه نچندي آ
گهنگهرن جو آواز ڇير جو وڄڻ
۽ ناچڻيءَ جي مُرڪ ضرور روئندي هوندي!
هو انهن زخمي پيرن جي
آخري ٻوڙهن کي ٻولي
ان جي راز تي لکڻ ٿو چاهي!

# ڌيءَ جو پيءُ ڏانهن خط

پيارا بابا سائين
توهان جي سمجهاڻيءَ تي عمل ڪندي
مان ته پنهنجي هم ڪلاسي ٻارن سان
اهڙا لفظ اورڻ جي ڪوشش ڪيان ٿي
جيڪي اسان جي وجود جي سُڃاڻپ هجن!
امان ٻڌائيندي آ ته
منهنجي ڄمڻ تي ڳوٺ جي زائفن
جيڪي لاڏا ڳايا،ٻارن ناچ ڪيو
’ماسي راضل‘ دهل وڄايو
اُن خوشيءَ ۾
پنهنجي مٺيءَ جو اهڙو ته خاص هُڳاءُ هو
ڄڻ ته ڌرتي رقص ڪندي هُجي!
پر هتي ته ڳالهه ئي اُبتي لڳي پئي آ
والدين جو ڏهاڙو ملهائڻ جي
تياري ڪئي پئي وڃي!
سڀئي ٻار امان کي مَما چون ٿا
بابا کي پَپا ۽ ڊيڊ چون ٿا!

مان پنهنجي ڪلاس ٽيچر کي چوان ٿي تہ
ڪو هڪ سبق تہ اهڙو پڙهائي
جنهن ۾ اسان جي
گهر، گهٽين ۽ راندين جا منظر هُجن!
اسان جو ماضي ۽حال هجي
اسان جي رُسڻ، پَرچڻ
۽ ٿهڪن جو ذڪر ماءُ ٻوليءَ ۾ هجي!
جنهن ۾ منهنجي ڄمڻ تي
لاڏا ڳايا ويا هجن،امان لولي ڏني هجي!
پر هتي تہ
رنگ بہ ڌاريا آهن تہ رقص بہ ڌاريو آهي!
مان هتي ڄڻ اوپري هجان!
ڪلان ٿي تہ اوپري!
روئان ٿي تہ ڪو بہ
ڳوڙهن جي ڳالهہ ئي نٿو سمجهي!
بابا سائين
ٿورڙو وقت ڪڍي
اسڪول جي انتظاميہ سان ملي
کين امان جي ٻوليءَ جي پارت تہ
ڪري وڃو!

■

# لاوارث ٻار جي رڙ

تون مونکي سج لهڻ مهل
لاوارثيءَ واري حالت ۾
گٽر پرسان اُڇلي پوئتي ئي نہ ڏٺو!
ويندي ويندي ڪير پيارڻ بدران
بہ ڳوڙها ئي ڪٽي پيارين ها
تڏهن بہ شايد مان مُرڪي پوان ها!
تنهنجي گرم ڇاتيءَ کي ڇُهڻ
ڀِڀرين ڇَڳِڙ جو ارمان
مونکي مرڻ بہ نٿو ڏئي!
ڪُتن جون ڏاڙون
منهنجي ڪچڙي گوشت تي
ڪيترو گذارو ڪنديون !
مونکي ڏاڍو سيءُ ٿو ٿئي!
منهنجي بدن تي ويڙهيل ڪمبل
ڪو رستي ويندڙ غريب پيءُ
پنهنجي ٻار لاءِ کڻي ويو!
ڪير جي بوتل گٽر ۾ ڪري پئي!

مان سوچيان ٿي
مونکي وڏيڪ جيئڻ جو حق بہ ناهي!
تون بہ اڳتي لاءِ
پنهنجو خيال رکجانءِ!
هن جو پيٽ  تومان نہ ڀربو تہ
هو وري ڪنهن
ٻئي گوشت جي تلاش ڪندو!
اُن کي چئجانءِ
ٻارن کي مارائڻ بجاءِ
پنهنجي حَوس کي ماري!
ڇو تہ
ٻار جي آخري سڏڪي
۽ مرڪ جي مرجهاءَ تي
پکي بہ روئڻ لڳندا هوندا!
۽ ها تون
منهنجي ڀاڳي جو کير هارڻ بجاءِ
پکين کي پيارجانءِ!
مان وري ڪنهن شام جو
موٽي ايندي
تڏهن جڏهن تنهنجي
حقيقي ڪُک سائي ٿيندي!

# مهربان هستيءَ کي سلام

مان اُن سان
ملڻ وڃي رهيو آهيان
جنهن کي
سنڌ جي هوا ڏاڍي وڻندي هئي،
هو پاڻ مٿان
گند اُڇلائيندڙ عورت کان
نفرت ڪرڻ بدران
اُن جي بيماريءَ بابت
پاڻ عيادت ڪرڻ ويو هو
هن جنهن
امين ۽ صادق طور
هڪ اهڙي سُڃاڻ ماڻي
جنهن جي ذڪر سان
ايمان تازو ٿي ٿو وڃي،
هو جنهن جي اڳڻ تي
عورت هُجي يا مرد
ٻار هجي يا ٻڍو پنهجا درد هاري
اميد جا نوان گل ميڙي ٿو اچي!
هو جنهن جي

هر گفتگوءِ تحرڪ ۾
حڪمت جا
نوان گس ءِ ڏس ڏِڪ ڏيندا هُجن!
مان هُن جي در جي
چائنٺ چمڻ ٿو وڃان،
جنهن ’طائف‘ ۾
ڇٽرون برداشت ڪندي
پٿرن لڳڻ سبب
رت ڳاڙهو تہ رت سان
سندس جُتي پرجي وئي!
پوءِ بہ هُن
سهپ،رواداري ءِ برداشت جي رنگن جا
ڪيئي ڏيئا ٻاريا ءِ گل ٽيڙيا!
اهڙا گل جن جي خوشبو
روح کي معطر ڪندي هجي!
مان مذهبي رنگ کان
وانجهيل شخص
هن انتهاپسنديءَ جي دور ۾
هڪ معتدل ءِ مهربان
هستي کي ضرور
سلام پيش ڪندس
جنهن جو هر رنگ
پيار جو سبق ڏيندو هجي!

[رسول پاڪ جي روضي ڏانهن ويندي]

## ٻوڙها

منهنجا نظم ٿورئي آهن؟
هي تہ زندگي جي  ڏک ڀري وارتا آهن
منهنجي اندر جا  ٻوڙها آهن
درد جا سڏڪا ۽  اونداهيءَ ۾ ٻڪندڙ
خواب آهن!
مان سُمهان ٿو تہ ننڊ روئي ٿي پوي!
مان جاڳان ٿو تہ
ڇڻ ڪو حيات جا زخمي ڀَر پٽي رهيو هُجي،
منهجي بستري جا گُهنج،
وهاڻي جي ڇِوَ ڪمري ۾ رکيل گلدان
۽ روشندان مان ايندڙ سج جا ڪرڻا،
رومانس جي رنگن ۾ اوتيل منهنجو سِڪڻو روح،
سڀ زخمي ٿي
مونسان گڏ روئي روئي مونکان پُڇن ٿا
هر ۾ وهندڙ ڏاندن جيان
هي عورتون زمينن تي ڪم ڇو ٿيون ڪن؟
۽ هي مرد

هوٽلن جون بئنچون پَڇي رات جو
زالن جا ڳوڙها اُگهڻ ۽ ٻارن جي بکئي پيٽ
۽ انگ اگهاڙي بدن ڏانهن ڏسڻ بدران
ڪير جو وٽو پي ڪيئن ٿا
سڪون جي ننڊ سمهي پون؟

# مونکي وڪامڻ نہ گهرجي

رات هڪ نوجوان اديب مليو
مونکان پڇي پيو
تنهنجي شاعريءَ ۾
هاڻي اهو درد ڇو ڪونهي رهيو؟
مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان تہ
مون پنهنجي شاعري وڪڻي
قلم ۾ پنهنجن لڙڪن بدران
اُڌاري مس وجهي ڇڏي آهي!
هن حيرت مان مون ڏي نهاريندي
مونکان پڇيو
سرڪاري گيسٽ هائوس تي
ان رات توسان گڏ
ڪنهن جا ٽهڪ پئي ٻُريا؟
مان سندس سوال تي ڇرڪي ويس!
هن کي ڪيئن ٻڌايان تہ
ڪنهن وڏي ميلي جي تياري ڪرڻي هئي!
مختلف راڳڻين تي
ڏکهو بحث ڪرڻ لاءِ پنهنجي وجود کي
صنف نازڪ جي وارن ۾ ويڙهي سمهڻ

ڪيترو نہ ضروري هوندو آهي!
مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان تہ
هن ئي سال
وڏي شهر جي فائيو اسٽار هوٽل ۾
سرڪاري خرچ تي
ڪتابن جي مَنڊي لڳي آهي!
وڏا وڏا اديب گڏ ٿي
ڌرتي ۽ ٻوليءَ جا ڳڻ ڳائيندا!
رات جو وسڪي پي هڪٻئي کان پُڇندا
منهنجي مقالي جو مغز ننڍو هو يا وڏو؟
تاڙيون ڳڻيئي!
نوجوان ليکڪ منهجن اکين ۾
پنهنجي درد کي ڳولڻ لڳو هو!
اوچتو چرڪ پرينڊي هو ڏسي ٿو تہ
اجرڪ جي ڦلڙين بدران
منهنجي اک جي ماٽڪين ۾
سرڪار سان ڪيل نوان معاهدا ٽنگيل آهن!
هو منهنجي اکين ۾
ٽنگيل تصوير ڏسي روئي ٿو پوي!
مان هُن کي
شهر جي وچ چوڪ تي چڙهي
هي نظم لکي رهيو آهيان تہ
”گهٽ ۾ گهٽ مونکي تہ وڪامڻ نہ گهرجي ها!“

# تخليقڪار جي در تي حاضري

هن سفر ۾ مان اڪيلو ناهيان
مونسان منهنجا ٻار بہ گڏ آهن!
ها البتہ
هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو
جڏهن مونسان گڏ
منهنجن ٻارڙن ۽ يارڙن بدران
چار ميٽر اڇو ڪپڙو
۽ مٽيءَ جو هڪ ڍڱ ئي تہ هوندو!
مٽيءَ ڪي مان
ايترو پيارو ڇو آهيان؟
’احرام‘ ڏانهن ڏسندي
منهنجون اکيون پرجي ٿيون اچن!
۽ ’ڪعبي‘ ڏانهن ويندي
منهنجي ذهن ۾
ڪيترائي خيال اُپري اچن ٿا!
پر هڪ حساس ماڻهوءَ ناتي
هڪ تخليقڪار جو تصور

ور ور ڏيئي
ذهن جي ديوار تان جهاتيون پائيندي چوي ٿو
سندس گهر جي اڱڻ تي
سندس ئي تخليق جا رنگ تہ ڏسجان!
هنن جي اکين ۾ عقيدت ۽ عاجزيءَ جون
ڳُل ٻاٽيون ڪيئن ٿيون ٽڙن!
۽ تخليقڪار
انهن جي عجز ۽ انڪساريءَ تي
ڪيترو نہ خوش ٿيندو هوندو!
مننهجي دل ۾
هڪ ٻيو خيال بہ اچي ٿو تہ
خدا گُل بہ خلقيا آهن
ڪنڊا بہ خلقيا آهن
خدا ماڻهو بہ خلقيا آهن تہ
جانور بہ پيدا ڪيا آهن!
هر شئي جي صورت ۽ ڪم کي
الڳ الڳ رنگن ۾ ويڙهيو هوندائين!
پر هڪ تخليقڪار
اِهو ڪٿي ٿو سوچي سگهي تہ
سندس پوکيل باغ کي
ڪو وڍي ڇڏي!
يا ڪو سندس ئي
تخلياتي رنگن کي

متاثر جي ڪوشش ڪري!
مان رستي ۾ آهيان
ڪائنات جي سونهن
۽ حسن جي تخليقڪار کان
سندس ئي آڳر ۾
عاجزيءَ مان چند ڳوڙها ڳاڙي
هڪ سوال ڪندس ته
اي منهنجن اکين کان اوجهل
سُهڻا تخليقڪار
منهنجي مٿي
جيڪا تنهنجي تخيل جو
حسين خيال هوندي
۽ ساڳي مٿي
جيڪا منهنجي ماءُ به آهي
اُن جي سيني تي
ڪو رهڙون ڏيندو هجي
۽ مان
هڪ تخليقڪار شاعر ناتي
قلم ڪڻان، ڳوڙها ڳاڙيان
ماتم ڪيان،
اُن جو تحفظ ڪيان
يا
هٿ ٻڌي ويهي رهان؟

مان چار ميٽر ڪپڙو اوڍي
پنج سئو ڪلو ميٽرن جو
پنڌ ڪري
هڪ امين ۽ صادق
۽ سندس محبوب جي اڱڻ تان
هي خيال ڪٽي
هڪ تخليقڪار جي در تي
حاضري ڀرڻ وڃي رهيو آهيان!
اُن اميد سان تہ
هو ماڻهن جي دلين ۾
ماڻهپي جا نوان رنگ ڀريندو!
۽ مونکي نئين سگهہ ڏيندو
تہ جيئن مان بہ ڪو
اونده ۾ ڏيئو ٻاري
مٽي، ماڻهپي، محبت ۽ ماءُ جي
حُسناڪ رنگن کي بچائڻ لاءِ
پنهنجو عملي ڪردار
ادا ڪري سگهان!

[ڪعبت الله ڏانهن ويندي]

# ڪعبي ڏانهن سفر

مان دير دير تائين
ڪبوتر چوڪ تي جاڳي
ماڻهن جي اڇ وچ ۾
سندن اکين کي پڙهڻ جي
ڪوشش ڪندي رات گذاري ڇڏي آهي!
ڪعبي ڏانهن
ڪڇندڙ پيرن جي ٺَڪ
۽ دل جي آس نراس جا
ڪيئي رنگ نظر اچي رهيا آهن!
ڪبوتر سڄو ڏينهن داڻو چُڳي
ٿَڪ ڀڃڻ لاءِ سُمهي پيا آهن!
ماڻهن جي اکين ۾
الڳ الڳ درد ڪٿا جا
قصا جهاتيون پائي رهيا آهن!
ماڻهن جي ڊوڙ ۾
ڇڻ تہ ڪو خاص خوف بہ آهي!
ڪجھہ ماڻهو معافي وٺي،

## گناهہ بخشائي

نئون سفر شروع ڪرڻ چاهن ٿا!
ڪي وري سڪون جي ڳولا ۾ نڪتل
مسافرن جيان
ننڊ کي دل ۾ سُمهاري
پاڻ کي جاڳائي رهيا آهن!
مان ڪعبي ڏانهن ويندڙ
رستي تي مٽيءَ جي موهہ
ماڳن،مڪانن ۾ روين تي سوچيندي
فجر ڪري چڙي آهي!
مان ڪبوتر چوڪَ تي
جاڳندي سوچيندو رهيس تہ
مُجسمي ساز
مٽي ڳوهي جڏهن انسان کي ٺاهيو هوندو
اُن جي مزاج ۾ بہ
ان ئي مٽيءَ جو موهہ شامل ڪيو هوندو!
ڇو تہ مديني جي مزاج ۾
شفقت،پيار۽مهمان نوازيءَ جا رنگ ڏسي
جڏهن مڪي پهتو آهيان
تہ ٽريولر ايجنٽ کان وٺي
هوٽل واري تائين هر ماڻهوءَ جو مزاج
مديني جي مٽي ۽ محبت جي
رمز کان بلڪل الڳ نظر پيو اچي!

مونکي سچ پچ ٻہ
تخليقڪار جي ان رمز تي
عبرت سان گڏ پيار ٿو اچي!
جنهن پنهنجي تخليق ۾
مختلف رنگ اوتي
منهنجي ڪبوتر جهڙي دل ۾
نئين تخيل جي
اُن راز کي عيان ڪيو آهي تہ
سختي ڇاهي؟ پيار ڇاهي؟
ٿَڪ ۽ سڪون جي وچ ۾
زندگيءَ جو ٻيو بہ سفر آهي
۽ هن سفر کان پوءِ ڪو ٻيو سفر بہ آهي!
۽ مان سوچيان پيو
هر مٽيءَ جو موهہ پنهنجو آ
هوا جو هُڳاءُ ۽ اکين جي نِمي
مَڪي جي ڪبوتر چوڪ تي
مونکي ڇڏي رهيا آهن تہ
تخليقڪار جي تخليق ۾
پڇتاءُ بہ ضرور هوندو!
پر اميد جي رنگن کان خالي
هر تخليق ڇڻ تہ
تابوت ۾ بند ميت هُجي ٿي.

# نئين سال جي وِش

مونکي خبر آ
ڊسمبر توکي ڇو وڻندو آ؟
اها بہ ڊسمبر جي
هڪ خاموش شام ئي تہ هئي نہ!
برف سان ڍڪيل وڻ،
بارش جي تازي خوشبوءَ،
۽ پاڻيءَ سان ونهتل روڊ،
مون اُن ئي ڏينهن
توکي تنهنجي گهر جي در تي ڊراپ ڪندي
ڦهرين چمي ڏئي
پيار جو خاموش اظهار ڪيو هو شايد!
تو اکيون ٻوٽي
منهنجي آلي ڪلهي تي ڳِڀل وار ڪنديڙي
مونکي
پنهنجائپ ۽ پيار جي ڦهرئين ڀنڌ تي
ساڻ ونڻي وجڻ جو وچن ڪيو هو!
تون ڪرسمس جي موقعي تي

ڳُل ڪٽي

مونکي هن ڊسمبر ۾ بہ ڳوليندي رهينءَ!
تنهنجي دوست ٻُڌايو پئي
تون هيٽر تي هٿ سيڪيندي
روئي رهي هئينءَ!
مان وري هتي ڪمبل ويڙهي
ڳوڙهن سان ڳالهيون ڪندي
رات گذاري رهيو هئس!
خبر ٿئي
ڊسمبر جي برف جهڙي رات ۾ اڪ لڳندي ئي
ڊسمبر جي آخري شام
توسان گڏ گذارڻ جو
مون هڪ سُهڻو خواب لڌو آ!
منهنجي دل
صبح جي ڪوهيڙي، بادلن جي ڊوڙ
۽ سياري جي پهرين رُهيءَ ۾
توسان گڏ ڊگهي ڊرائيو ڪرڻ لاءِ
خيالن ئي خيالن ۾
برف جيان ڳرڻي رهي آهي!
مان مُلڪ کان ٻاهر ويل آهيان
۽ ها مان جيستائين تو وٽ پهچان
تون ڪاڏي بہ نہ وڃجانءِ!

ايڪيٽيهين ڊسمبر جي آخري فلائيٽ
سادي يارهين وڳي
تنهنجي شهر جي
ايئرپورٽ تي ليند ڪندي!
ايئرپورٽ تي وٺڻ اچين ته
پاڻ سان گڏ ڇَتِي ڪٽي نه اچجانءِ!
مان توکي
پنهنجي ياڪر ۾ ويڙهي
نئين سال جي وِش ڪندس!

# ٻولي

ضروي ناهي تہ منهنجي مُرڪ ۾
لڪل ڳوڙها تنهنجي ٻُڪ ۾ ڪري پون!
پر ياد رک
تنهنجي دل جا زخم روز اگهڻ
مان ئي ايندي آهيان!
تون مونکي ماني پلي نہ ڏي پر
منهنجي ٻارن جي چپن تان
ماءُ ٻوليءَ جا رنگ ڪڏهن بہ نہ هٽائجانءِ!
مون ڪالهہ سبزي منڊيءَ مان
دڪان واري کان بصر پئي گهريا ،
هو منهنجي ڳالهہ سمجهي نہ سگهيو تہ
منهنجون اکيون نمڪين ٿي ويون!
رڪشا واري کي چئو تہ
هو مونسان ڀاڙي ڪرائي جو حساب
سولي سنڌيءَ ۾ ڪري
مان ريجو ڳڻيندي پلجي ٿي پوان!
هن کي ڪيئن سمجهايان تہ

منهنجو اسڪول ايترو بہ پري ناهي!
رينجرز چوڪيءَ تي بيٺل سھڻو سپاهي
منهنجي شناختي ڪارڊ کي
پڙهڻ ڪان قاصر آهي!
هو ورائي ورائي منهنجي
شناختي ڪارڊ واري تصوير
۽ منهنجن اکين ۾ پيو ڏسي!
اُستادياڻي روز ڊائري ۾
نوٽ هڻي ٿي موڪلي تہ
ٻارن سان صرف انگريزي ۾ ئي ڳالهايو
ٻهراڙيءَ جي
ماءُ ڪيس ڪيئن ٻڌائي تہ
هن کي صرف اها ئي ٻولي ڳالهائڻ ايندي آ
جيڪا هن
گهٽين ۾ راند روند ڪندي
ڳالهائي، گهر ۾ ٻُڌي ۽ سکي هئي!

◘

## آءِ، سي، يو

منهنجا اِهي دوست جيڪي
مونکي گهڻو سُڃاڻن ٿا
اُنهن کي خبر آهي تہ
مونکي ٻار، عورتون، ڪتاب، گُل
ڏاڍا وڻندا آهن!
مان ٽن مهينن بعد ٻيهر
آءِ سي يو ۾ مانيٽرن سان
جاڳي نئون گيت جهونگاريندي
روئي رهيو آهيان!
چوٿين نمبر ڪيوب ۾ داخل
روڊ ڪناري تي ڪيڏندڙ ٻار جي مٽي تي
جيپ جو ٽائر
زندگيءَ جي
سا پيان جهڙي خواب کي لتاڙي
گيريج ۾ ننڊ ڪري رهيو آهي!
مونکي وري ٻار جون

اُجهاڻل اکيون سڏي چون ٿيون
امان کي سڏي پرسان ويهار!
پنجين نمبر بستري تي
هڪ نوجوان عورت سُتي پئي آهي
جنهن جي سُر ۽ صورت تي
جڳ مُوهت هوندو هو!
زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائڻ لاءِ
ٻُڪ ٽِڪين جو کائي
پَرس ۾ پيل خالي پٽن کي
آخري چمي ڏئي
منجهند ڏاران هِتي پهتي آهي!
هُن کي مڙس گهران ڪڍي
سندس ئي سينگاريل ڪمري ۾
ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ کي
سُمهاري ڇڏيو آهي!
هُن جا ٻار اسپتال جي دروازي تي
سيءَ ۾ ٺڙڪي رهيا آهن!
زمين ٿڌي تي وئي آهي!
مون وٽ هڪ ڪمبل آ
اهو هنن جي مٿان وجهان يا
کين اُن تي سمهاريان!

”آءٌ سي يو“ ۾ ٻارن جي اچڻ تي پابندي آهي
هونئن بہ ٻہ ٻيون عورتون
جن جي جسم ۾ نشي آور دوائن
ايترو تہ اثر ڪيو آهي جو
هنن جون اُبتيون سبتيون
ڳالهيون ٻڌي
منهنجو ساهہ ٿو منجهي تہ
ٻارن کي پنهنجي هنج ۾
مان ڪيئن سمهاريان!
رات جو ڏيڍ ٿيو آهي شايد!
ٻار کي ڇيتاڙيندڙ
سرڪاري جيپ واري همراهہ
نڪاحن جي رومانس واري عادي مجرم
۽ طلاقيل عورت جي درد کان وانجهيل
وڏي بنگلي واري شرابي مرد کي
ڪير ٻڌائيندو تہ
رات ڏکي ٿيندي ٿي وڃي؟
پنهنجي اُماڻيل
درد واري ڪاري پرس مان
ڪجهہ لڙڪ ۽ هي ٿي ٻار
هِتان کڻي وڃي

مون وٽ صرف هڪ ڪمبل آهي
هيٽر پرسان
ننڊ جا عادي هي ٻار
آخر مان ڪٿي سمهاريان!

□

# انتظار جو گيت

اج رات مونکي توڏي
هڪ ڏکھو خط لکٹو ھو!
خط ۾ تازا لڙڪ بہ موڪلٹا ھئا!
خوابن جا ڏوڙندڙ بادل،
۽ احساسن جي ڪنواري دنيا جا
ڪيئي ٿانَ ويڙھي
توسان پيار جو نئون اظھار
بہ ڪرٹو ھو!
تون گڏ ناھين تہ
ھي سياري جون سرد راتيون
ويتر ڏکھيون ٿينديون پيون وڃن!
ڪمري جي لائيٽ بند ڪري
پُراٹا گيت ٻڌي توکي ساريندي
سُمھڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو تہ
ڪمرو بہ مونسان گڏ سُڏڪڻ لڳي ٿو!

اڄ هڪ ڇوڪري ملي هئي
مون کان تنهنجو پُڇيائين پئي!
ڀيريان ته مون ڪيس
سُڃاتو ئي ڪونه!
پر پوءِ هن ياد ڏياريو ته
هن جو مڱيندو جيڪو
روڊ حادثي ۾ مري ويو هو!
اهو پنهنجو ڪلاس فيلو دوست هو!
پاڻ سان گڏجي هُنن
ڪيئي ڀيرا ڪينٽين تي ڪافي به پيتي هئي!
بلوري اکين واري
رقص جهڙي ڇوڪريءَ جي
نيڻن ۾ نه ڏک هو نه ڪنهن لڙڪ لڙڻ جا آثار!
هن ته هڪ ٻئي برگر ڇوڪري سان
شادي ڪري زندگيءَ جي
نئين سفر تي هلڻ شروع ڪيو آهي!
وري وري تنهنجو پُڇيائين ته
مون ڪيس ٻڌايو
اسان اڄا به ملڻ جي آس جا خواب لهندي
پاڻ ماري رهيا آهيون!
خبر ٿئي هوءَ ويندي ويندي ڇا چئي وئي؟

چوڻ لڳي چريا ماڻھو
وقت سان گڏ هلڻ سک!
انتظار جي عمر ايتري بہ ڊگھي نہ ڪر جو
پاڻ انتظار ٿي وڃي!
هوءَ چوڻ لڳي
ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ پاڻ مارڻ بجاءِ
زندگيءَ ۾ نوان سُر اوتي
حُسناڪين ۾ جدت جا تازا رنگ ڀريان!
مان ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويس!
مان توڏي خط اُن ڪري نٿو موڪليان تہ
ڪٿي هن جون ڳالهيون ٻڌي
تون بہ انتظار جي نڙيءَ تي لت ڏئي
مونکان پري نہ هلي وڃي!
هونئن بہ وڇڙي وڃڻ لاءِ مرڻ ضروري تہ ناهي!
پر ها مري وڃڻ لاءِ
وڇوڙي جو هڪ روڳ ئي ڪافي هوندو آهي!
مان توڏي
خط تہ نٿو موڪليان پر
ڀھريون ڀيرو هڪ ٻڌتر ۽ خوف ۾ مبتلا ٿيل
دل جو ٽڪرو نظم جي صوت ۾ موڪلي
توسان جلدي ملڻ جو

توڏي سُنديس ٿو موڪليان تہ
منهنجو انتظار اجا ٿَڪو ناهي!
تون جاڳندي هُجين تہ مونکي
ٻُڙي تي ٻُڙي ٻُڙي اٺ نو چار تي ٻُڙِ تي چار تي.
هڪ رنگ تہ ڪر
مان توکي
انتظار جو هڪ گيت ٻڌايان.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي.
سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**

